
وقت جو بادشاهه
[ڪهاڻيون]
رسول ميمڻ

# وقت جو بادشاهہ

[ڪهاڻيون]

## رسول ميمڻ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | وقت جو بادشاهہ |
| موضوع | : | ڪهاڻيون |
| ليکڪ | : | رسول ميمڻ |
| ڪمپوزنگ | : | خادم حسين جروار |
| ڇپائيندڙ | : | ڊجيٽل پبلشنگ هائوس<br>ٽنڊوالهيار |
| ڊجيٽل ايڊيشن | : | 2020ع<br>سنڌ سلامت ڪتاب گهر<br>books.sindhsalamat.com |


# WAQAT JO BADSHAH


Writen by : Rasool Memon

Composed by : Khadim Hussain jarwar

Published by: Digital Publishing House
Tando Allahyar


هي ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو.

# فھرست

## سونھن سِتاءُ:


- ارپنا 5
- سنڌ سلامت پاران 6


## ڪھاڻيون:


- وڻ جي قبر 7
- نوم 11
- ڳالھہ ہہ ايتري 15
- مداري 19
- وقت جو بادشاھہ 24
- ڪوھيڙي ۾ ويڙھيل بورچيخانو 29
- حسرتن جا ڪتاب 33
- اڌ رنگو + اڌ رنگو 36
- انبن جي موسم جو لوڪ گيت 39
- عبدالله افغانيءَ جون ٻڪريون 44
- انب 49
- چور 56
- اگھاڙو 58
- ڪروءِ ڪوٽو 60
- گھڙيال 63

# ارپنا

پنهنجي امڙ

قمرالنساءِ جي نالي

جنهن مون کي ننڍپڻ ۾

لازوال ڪهاڻيون ٻڌايون

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**وقت جو بادشاهه**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماياري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **رسول ميمڻ** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ادل سومرو لکي ٿو:

”رسول ميمڻ هڪ آرٽسٽ تخليقڪار آهي، جنهن وٽ منظرنگاريءَ ۽ ڪردار نگاريءَ جو اهڙو آرٽ آهي، جنهن ڪيس منفرد ۽ مٿانهون درجو ڏياريو آهي، موضوعن جي وٽس ڪا به کوٽ ناهي، هو هڪ مصور وانگر عڪس چٽي ٿو. منظر اسان جي اکين آڏو ڦرڻ لڳن ٿا ۽ ڪردار چڻ آسپاس گهمندي محسوس ٿين ٿا. رسول ميمڻ تاريخ جي گهري شعور رکندڙ هڪ ڏاهي ليکڪ جي ذريعي تاريخ جي چهري تان دز هٽائي سچائين کي دريافت ڪيو آهي ۽ ڪاميابيءَ سان نباهيو آهي، اهو ان ڪري به ممڪن ٿي سگهيو آهي جو رسول ميمڻ جيترو لکي ٿو، ان کان وڌيڪ پڙهي به ٿو. تهذيبن جي ٽڪراءُ، قومي ۽ ثقافتي تضادن جي پس منظر ۾ ليکڪ جي تخليل ۾ اهڙي سنڌ جو خواب آهي، جتي ڏرمن، فرقن، ذاتين ۽ نظرين جي آڌار تي انسانيت جي ورڇ نه هجي.“

هي ڪتاب ڪنهن به اداري پاران ڪتابي شڪل ۾ ڇپيل ناهي پر رسول ميمڻ صاحب قرب ڪري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ آنلائين اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي، جنهن لاءِ سندس ٿورائتا آهيون. هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ خادم حسين جروار ڪئي آهي. سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي اسان ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ادب ۽ سنڌي لکڻين کي انٽرنيٽ ذريعي سڄي دنيا جي سنڌين تائين پهچايون. ان سلسلي ۾ ڪيتري ڪاميابي ملي آهي ۽ اڳتي ڇا ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ ان لاءِ اوهان سڄڻ جي رهنمائي ۽ مدد جي ضرورت آهي.

ساٿ سدائين قائم ..... سنڌ سلامت ساٿ سلامت

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# وڻ جي قبر

جتي اڄڪلهه خير محمد جي گهر جو رنڊڙو آهي، اتي ڪڏهن نم جو ڏگهو وڻ هيو. وڻ به ڇا هيو ڄڻ ٻارنهن ٻانهن وارو ديوُ گهر مٿان ڇانوَ ڪيو بيٺل هيو. ان جا ڏار ماڙيءَ جي مٿين حصي کي ڇهندا هيا ۽ ويڪرو پڊر ڇٽيل پيلن پنن سان ڀريل هوندو هيو.

هاڻي اتي وڻ جي قبر آهي، خير محمد جي رنڊڙي هيٺان جتي اهو وڻ ڪٽي پاڙن کي دفنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. رنڊڙي مٿان ان ٽماڙ عمارت جا ٽي رنڊڙا آهن. هر منزل تي هڪ ٻاءُ جو گهر آهي. ويڪري پڊر واري جاءِ ڏگهي عمارت ۾ تبديل ٿي چڪي آهي، جنهن لاءِ ڏگهي وڻ جي ڪٽڻ ضروري هيو.

نئين جاءِ جي اڏاوت کان اڳ وڻ ڪٽيندي ڪنهن جي دل نه پئي چاهيو پر اها مجبوري هئي. ان جا ڦهليل ڏار اڏاوت ۾ رڪاوٽ هيا. تنهن ڪري دل تي پٿر رکي پهريون وڻ کي ٽڙ وٽان ڪٽيو ويو جيئن ان يادگار وڻ جو نشان اکين اڳيان رهي، پر نئين اڏاوت ڪانپوءِ نم جو وڻ هر دفعي ڦٽي ٿي پيو ۽ ان جاءِ ۾ ڏار وجهي ڇڏيا.

"وڻ آهي يا جن؟" خير محمد چيو "ٽڏي تي وڻ کي پاڙن کان ڇڪي ٻاهر ڪڍون ها ته جان ئي ڇٽي پوي ها. ڪهڙو ضرور هيو وڻ لاءِ ايڏو جذباتي ٿيڻ جو؟ وڻ ئي ته هيو."

هن ڀائرن سان صلاح ڪئي، سڀ سوچ ۾ پئجي ويا. ڏاڍو ڏکيو هيو وڻ جي پاڙن کي کوٽي ٻاهر ڪڍڻ، مٿان ٽماڙ عمارت هئي ۽ وڻ جون پاڙون ٽماڙ عمارت جي بنيادن ۾ ڦاٿل هيون.

هاڻي اها عمارت وڻ جهڙي هئي ۽ ان ۾ پيل ڏرا نم جا ڏار هيا، پاڙي جي ملان عمر کي گهرائي دعا گهرائي وئي.

"اي خدا هن وڻ کي ڌرتيءَ ۾ سڪون سان سمهڻ جي توفيق عطا فرماءِ."

پر وڻ نه سمهيو، وڻ جاڳندو رهيو ۽ وڻ جيئرو هيو، ڇو جو هوءَ جيئري هئي. هن جي محبوبا علينا، جنهن سان وڻ جو عشق هيو، علينا جا سور، علينا جا ڏک، وڻ جا سور، وڻ جا ڏک هيا. ڀوري گلابي منهن واري علينا، جيڪا ڪلندي هئي ته سندس ڳٽن ۾ ڇُگهه پوندا هيا. جڏهن ننڊڙي هئي ته ان پنهنجن نازڪ هٿن سان اهو وڻ پوکيو هيو ۽ ان جي سيوا ڪئي. وڻ وڏو ٿيو ته ان سان کيڏي، ان جي سنهي ٽڙ ۾ هٿ وجهي گول ڦري، گيت ڳاتا ۽ ڳالهيون ڪيون، وڻ به عجيب هيو ڄڻ ماڻهو هيو، اهو ڪليو رنو، وڏو ٿيو ته علينا کي ويڪري ڇاتيءَ سان لائي ٻاڪر پاتا.

وڻ علينا جي پينگهه لوڏيندي هيو، ان جون نموريون علينا لاءِ هيون. جڏهن نموريون پيهي وارن ۾ وجهندي هئي ته وڻ ٿڌي هوا ڏيندو هيو. ان جو ٻور علينا تي ڇڻندو هيو. علينا ۾ ٻور جي خوشبوءِ هئي. ان تي ويٺل ساوا طوطا علينا کي سڏيندا هيا. وڻ علينا سان کيڏي وڏو ٿيو. جڏهن ننڊڙي هئي ته گهر ڏاڍو وڏو هيو. ٻاهرين در کان اوطاق جي پڪ ۾ سنهي گهٽي هئي، جتان لنگهي گهر ۾ داخل ٿبو هيو.

ويڪري پڊر جي پاسي کان دالو هيو جنهن جون پٽيون ڪنهن قلعي جي پٽين جهڙيون ٿلهيون هيون، اندر ڪوٺيون هيون، جن مان سڄي هٿ واري ڪوٺي اناج ۽ ٻُنهه سان ڀريل هوندي هئي ۽ وچين ڪوٺي اوندهه سان، ان ڪوٺيءَ ۾ ڪاٺ جي صندل وٽ ٻن اپريل فرش جي سرن هيٺان ٺڪر جي ماٽي ۾ ڪٽنب جو سون پوريل هوندو هيو. باقي کاٻي هٿ واري ڪوٺي ٻارن جي سمهڻ لاءِ هئي.

اها نما شام هئي جڏهن ٻار هيٺ مٿي، ڪوٺين ۽ اڱڻ ۾ ڊوڙي اک ٻوٽ راند کيڏي رهيا هيا. گهر ٻارن جي گوڙ ۽ رڙين سان گونجي رهيو هيو. ڪا گهڙي نه گذري ته ڏاڪڻ مان ڪنهن ٻار جي ڪرڻ جو آواز آيو. ٻار رڙهندو

اونڌي منهن اڇي ڪريو. اها علينا هئي، جنهن کي مٽي ۾ ڏک لڳا ۽ منهن رت سان ڀرجي ويو. ڪيس ڪٽ تي سمهاريائون، پيءُ قاتل مٽي جي زخم ۾ سرمو وڌو. رت ته رڪجي ويو پر زخم نه ڇٽو. بئريج روڊ جي مشهور ڊاڪٽر عبدالقادر ان کي پينسلن جون سيون هنيون ۽ ٽيوب لکي ڏنا. پر ڪو فائدو نه ٿيو. اوطاق ۾ رهندڙ ڏاڏي ڀاڙي جي بزرگ مائي حوا کي گهرائي ان سان صلاح ڪئي.

“مائي ڇا ڪجي؟ ڇوڪريءَ جو زخم ڇٽي ئي ڪونه ٿو تون ڪو ٽِڪو ڀَنجو ڪر.”

مائي حوا اٿي، ان پڊر ۾ بيٺل نم جا ڇوڏا پٽي، همام دستي ۾ وجهي ڪٽي، تيل ۾ ملايا. جڏهن اهو محلول علينا جي زخم تي لڳو ته زخم ائين ڪومائجي ويو جيئن ابرشم جي ٻوٽي جا گل. پوءِ مائي حوا جتان وڻ جا ڇوڏا پٽيا هيا، اتان ڪونئر وهندو رهيو وڻ کي ٻه دل هوندي آهي، دل اندر رت هوندي آهي، رت وهندو آهي ۽ وهندڙ رت ڄمندو آهي. ڪڏهن ماڻهوءَ جي دل ۾ رت ڪونئر جيان ڄمي ويندو آهي. جيئن نبي بخش جي دل، سوٽ نبي بخش جنهن سان اڳتي هلي علينا جي شادي ٿي.

نبي بخش سنو ڇوڪر نه هيو ننڍي هوندي جڏهن اک ٻوٽ راند کيڏندو هيو ته علينا پويان ڊوڙي، ڪنڌ ۾ لڪي ان سان حرڪت ڪندو هيو. علينا هڪ شرميلي ڇوڪري هئي، اها هن کان ونئه ويندي هئي، پر هو ڪيچلو ڇوڪر کيس ڏاڍو تنگ ڪندو هيو. هڪ دفعي ان علينا سان ناراض ٿي کيس پنيءَ ۾ ڏک هنيا. علينا پڊر ۾ ڪنڌ ڪٽي رني، نم جي وڻ جو پن پن هن سان گڏ رنو شام جو نبي بخش پڊر ۾ اڪيلو بيٺل هيو. مٽي نم ۾ ڪرڙڪا ٿيا، ڏار اچي نبي بخش جي مٿان ڪريو نبي بخش جي ڄنگهه ڀڄي پئي، ڪيترا ڏينهن کيس ڄنگهه تي پلستر چڙهيل هيو. لٺ تي گهمي مٽي منهن ڪري وڻ کي ڪاوڙ مان ڏسي ڪچيون گاريون ڏيندو هيو. علينا جي جان ڇٽي پئي. هن نبي بخش ڪانسواءِ تي مهينا سڪون سان اک ٻوٽ راند ڪئي.

ٻارن جي تيزيءَ سان وڌي ٿيڻ ۾ پوري مينهن جي کير جو ڪمال هيو پوري مينهن پڊر ۾ برمي وٽ پاسي کان سرن جي دڪي تي بيٺل هوندي هئي. مينهن جي ذمي چار ڪم هيا. پٽر جي ڳُونر مان آمڻ ٻُنهه ڪائڻ، قوسا لاهڻ، ويلي تي ست سير کير ڏيڻ ۽ ڪڏهن ڦر ڪرڻ.

گهر جي سيني ڀاتين کي خبر هئي، مينهن جي ڳوري پٽر جي ڳُونر هينان ڪِپر نانگ رهي ٿو جنهن جي جسم تي ناسي ساوا چٽ آهن. پر ڪنهن ان کي مارڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ۽ ڪپر نه ڪنهن گهر ڀاتيءَ کي نقصان پهچايو. اهو رات جو نڪرندو هيو. ان جي ٻليءَ سان ويڙهه ٿيندي هئي ۽ ڪُتا ڪائي ڪونر هينان هليو ويندو هيو. ڪپر تڏهن مئو جڏهن نئين جاءِ نهي، مينهن کي وڪيو ويو مزدورن ڪونر هٽايو ته نانگ شريف ماڻهوءَ جيان هيڏانهن هوڏانهن ڀڳو پر سندس مٿان ڪوڏرن جي ڀِڱن جا زيڪا تي ويا.

ننڍي هوندي ٻارن کير وٽيون پيتيون، جڏهن تازي کير جي اڇي گج انهن جي چپن تي مڇن جيان ٺهي بيهندي هئي ته اهي “ڏاڏو... ڏاڏو” چئي هڪ ٻئي کي چڙائيندا هيا، انهن جي اهڙي حرڪت تي ڏاڏو اوطاق ۾ ٺهڪ ڏيندو هيو.

“ڏاڍا ڏنگا آهن ڇورا.” اهو چوندو هيو “پر منهنجي ڌيءَ علينا ڏاڍي سباجهڙي آهي.”

ڏاڏو شام جو دوڪان تان موٽندو هيو ته علينا لاءِ الڳ جليبيءَ جو لفافو لڪائي وٺي ايندو هيو هيڊي رنگ جي جليبيءَ علينا جا موتين جهڙا اڇا ڏنگ ڪڏهن هيڊا نه ڪيا.

وقت سان ٻار ڏاڍا ذهين ثابت ٿيا، انهن مان ڪي سي ايس پي آفيسر ٿيا. ڪي انجنيئر، پر نبي بخش ڊاڪٽر ٿيو ۽ سندس شادي سوٽ علينا سان ٿي. اها شادي تڏهن ٿي جڏهن نبي بخش ٻئي سال ايم بي بي ايس ۾ پڙهندو هيو. علينا مان هن کي ٻه ڌيئر ڄايون. پنجين سال ۾ هن نرس سان شادي ڪئي، علينا ٻئي ڌيئر هنج ۾ ويهاري نم جي وڻ هينان ڏاڍو رني، نموريون ڳوڙهن جيان هيٺ ڪريون، علينا کي نبي بخش جي بيوفائيءَ تي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن جو ڏک ڏسي مٿان وڻ رڙ ڪئي، جيڪا علينا نه ٻڌي “پياري علينا ماڻهو پل بيوفا هجن. پر وڻ بيوفا نه هوندا آهن، توڙي جو انهن کي ڪٽيو چو نه وڃي.”

جڏهن سيني پائرن جون شاديون ٿيون تہ وريون وڏيون ويون، جاءِ ننڍي ٿي پئي، آخر اهڙو وقت آيو جو پراڻي جاءِ کي ڊاهي نئين تماڙ عمارت جو بنياد وڌو ويو. وڻ کي ٽڙ وٽان ڪٽي ٽڪر ڪري آرامشن واري کي وڪيو ويو. علينا ڪٽيل ٽڙ کي ڀاڪر پائي رني.

“اڙي نبي بخش... خدا جي مار پوئي، شل رب راضي نہ ٿيئي، مونسان چڱائي نہ ڪيئي، اڙي منهنجو وڻ ڪٽجي ويو.”

هوءَ روئندي رهي ۽ زخمي وڻ جو ڪونئر ٽيپا ٽيپا هيٺ ڪرندو رهيو. تماڙ نهي تہ وڻ جو ٽڙ خير محمد جي رنڌٽي وٽ رهجي ويو. ٽڙ ڪيترا سال چپ رهيو نہ سائو ٿيو نہ سڙيو نہ پن ڪڍيائين، نہ واڏ ڪيائين. وڻ تڏهن وڌيو جڏهن ڪيس خبر پئي تہ علينا کي نبي بخش طلاق نامو موڪليو آهي. وڻ ڪاوڙ ۾ ڦوندجي ويو.

نبي بخش نرس سان شاديءَ ڪانپوءِ پنج سال فوج ۾ گذاريا. جڏهن ميجر ٿيو تہ ان استيفعا ڏني، ميلبورن ۾ شهريت حاصل ڪرڻ اڳ ان علينا ڏي طلاق نامون موڪليو. علينا کي بيهوشيءَ جا دروا پيا ۽ وڻ تماڙ ۾ ڏار وجهي ڇڏيا.

آخر صلاح ڪئي وئي تہ وڻ کي فرش وٽان ڪٽيو وڃي، حاجي عارب کي گهرايو ويو. جنهن پنهنجي تاريخي ڪٽ لڳل ڪهاڙي سان ٽڙ کي صفا فرش وٽان ڪٽي ٻاهر اڇلايو. ٽڙ جو اهو ٽڪر ڏيڍ سال گهٽيءَ ۾ در اڳيان پيل هوندو هيو. جنهن تي شام جو علينا جون ڏيئر ويهي پيءُ جو انتظار ڪنديون هيون، پر نبي بخش ڪڏهن نہ موٽيو. بس مائٽن کي اها خبر پي تہ ميلبورن ۾ ٽيڪسي هلائيندو آهي ۽ سندس نرس مان ٽيل ٻار سٺن اسڪولن ۾ پڙهندا آهن، علينا در وٽان ليئو پائي ڪٽيل ٽڙ کي ڏسندي هئي. ڪيس محسوس ٿيندو هيو مڙس جو لاش بي گور ۽ ڪفن پيل آهي، ان کي دفنائڻ وارا سڀ مري چڪا آهن.

علينا اڃان جوان هئي، توڙي جو ان کي اڪين هيٺان ڪارا نشان پئجي چڪا هيا پر سندس چپ نارنگيءَ جي ڦارن جهڙا رسيل هيا.

اها رات قيامت کان گهٽ نہ هئي جڏهن علينا جي شادي سندس مرضيءَ خلاف اهڙي شخص سان ڪرائي وئي جنهن جي عمر سٺ سالن کان مٿي هئي ۽ زال جي وفات ڪانپوءِ جوان اولاد جي وچ ۾ اڪيلو رهندو هيو. ان رات اڇي ڏاڙهيءَ وارو پوڙهو اڇي پڳ ٻڌي، اڇي گهوڙي تي چڙهي ڪنهن فرشتي جيان آيو ۽ ان علينا جي روح کي قبض ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، علينا رني تہ جڻ پراڻي جاءِ جي دڪي تي بيٺل ڀوري مينهن رانڀون ڪيون. مري ويل ڪپر جيئرو ٿي پيو. نبي بخش گج واري ڪير جي وٽي پي، چپن مٿان جميل ڪير جهڙيون مڇون ٺاهي هن کي تصور ۾ چڙائڻ لڳو.

“علينا جو مڙس ڪراڙو... علينا جو مڙس ڪراڙو.”

علينا پاتل ڳاڙهو رئو اڇلي عورتن جي وچ مان ڀڄي ۽ ان خير محمد جي رنڌٽي ۾ وڃي در بند ڪرڻ رڙيون ڪيون.

“اڙي منهنجو وڻ ڪٽجي ويو منهنجي قسمت جو وڻ... هئي منهنجو لاش... گهٽيءَ ۾ بي گور ۽ ڪفن پيل.”

علينا جا ڳوڙها فرش وٽ ظاهر ٿيندڙ نم جي نشان تي ڪريا ۽ اهو ڦٽي پيو. ٿورو مٿي اڀريو. فرش جي سطح کان مٿي رنڌٽي ۾ رکيل مڇرداني هڪ پاسي جهڪي وئي، جڏهن پوڙهو ڪنهن عزرائيل جيان علينا کي اڇي گهوڙو تي ويهاري بنڊ ماسٽر کي اشارو ڏنو تہ بنڊ وڄڻ سان گڏ رنڌٽي جي ٻاهرين پٽ ڪري پئي.

ٻئي ڏينهن حاجي عارب کي گهرائي خير محمد گهٽ وڌ ڳالهايو.

“واهہ جا وڻ ڪٽيندو هئين ڳوٺ ۾... وڏي تعريف ٻڌي هئي تنهنجي. ڇڙو ٿو ڪٽ لڳل ڪهاڙو ڪلهي تي رکي رعب مان هلين، ڪٽي تہ آڳوڻي جيترو ٽڙ بہ نہ ٿو سگهين.”

حاجي عارب اڀري آيل ٽڙ جو جائزو ورتو. نڪ تي هٿ رکي توبهن ڪئي.

“هي وڻ آهي يا ٻيو ڪجهہ؟” هن چيو “مٿي جا وار ڪتبا آهن. انهن کي بہ اپرڻ ۾ وقت لڳندو آهي. حيرت آهي. ويرم ئي نہ لڳي ٿڙ زمين مان نسري ٻيهي رهيو.”

هن ٽيڪم گهرائي ٿڙ چوڌاري کڏ کوٽي. ٿڙ تمام گهرائيءَ ۾ هيو. رنڌڻي جو پورو فرش ناس ٿي ويو. خير محمد هن کي چيو.

“وڏيڪ نہ کوٽ اجايو نقصان ٿي پوندو... بس هاڻي اتان ڪٽي مٿان مٽي وجهيس.”

حاجي عارب ائين ڪيو ٿڙ کي هيٺان ڪٽي مٿان مٽي وجهي پوري ڇڏيو اوستو ابوبڪر آيو ۽ ان نئين جاءِ جي اڏاوت ڪانپوءِ بچيل ورونا ماربل جون سرون فرش ۾ هڻي ڇڏيون. وڻ صفا دفن ٿي ويو.

ست سال وڻ دفن رهيو ان ڪا بہ حرڪت نہ ڪئي. پر ستن سالن ڪانپوءِ جڏهن پوڙهي جو موت ٿيو ۽ علينا بيواهہ ٿي وئي تہ صدمي ۾ ان تي اڌرنگي جي بيماريءَ جو حملو ٿيو. علينا جو هڪ پاسو سڪي ويو. اتي ان جي تيمارداري ڪرڻ وارو ڪو بہ ڪونہ هيو. ڪيس پوڙهي مان ڪا اولاد بہ نہ ٿي. نبي بخش مان ٿيل بہ ڏيٽر جوان ٿي چڪيون هيون. اهو مناسب سمجهيو ويو تہ علينا کي پيڪن ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وڃي جيئن ان جون ڏيٽر سندس تيمار داري ڪري سگهن.

اهي علينا جا آخري ڏينهن هيا. جيڪي هن اباڻي جاءِ ۾ گذاريا. جڏهن آخري پساهہ کڻي رهي هئي تہ ڊاڪٽر دين محمد هن جي سيني تي اسٽيٿواسڪوپ رکيو. خير محمد جيڪو ان وقت رنڌڻي ۾ ڊاڪٽر لاءِ چانهہ ٺاهي ڪوپ ۾ وجهي رهيو هيو ان فرش هيٺان دل جي ڌڙڪڻ جو آواز ٻڌو. هو نوڙيو ۽ ڪن فرش تي رکيائين. دل ڌڙڪندي رهي ۽ ڌڙڪي ڌڙڪي بند ٿي وئي. پوءِ اها ڪڏهن نہ ڌڙڪي.

اج بہ ان تماڙ عمارت جي هيٺين رنڌڻي ۾ وڻ جي قبر آهي. ورونا ماربل جي سرن جو ٽورو اپار.

❖

# نوم

ٽيٽيهن سالن جي حق بخشرايل زليخان ان ويڪري کٽ تي پاسا بدلائيندي رهي جيڪا اٽڪل هڪ صدي پراڻي هئي. وقت جي ميراڻ ۾ توڙي جو جنڊيل پاوا ڪي قدر ڏنڊلڪا ٿي چڪا هيا، پر انهن جي غير واضح رنگيني ڏاڍي پراسرار بڻجي چڪي هئي.

ننڊ هن جي اکين کان ڏور نہ هئي پر وڃائجي چڪي هئي. ڏور ويلن جو ڏس هوندو آهي، وڃائجي ويلن جي ڪا خبر نہ هوندي آهي.

جڏهن کان سندس حق بخشرايو ويو هيو، ڪيس قرآن سان پيار ٿي ويو هيو. سڄو ڏينهن عبادت ۾ گذاريندي هئي ۽ رات جاڳي رب کي ياد ڪندي هئي. هڪ دفعي هن سوچيو "جڏهن رب وسريو ئي نہ آهي تہ ياد ڪرڻ سان ڇا حاصل؟ ياد ان کي ڪبو آهي جيڪو وسري وڃي."

جڏهن ٻاويهن سالن جي هئي تہ هن کي زوار خان محمد ڏاڍو وڻندو هيو. حويليءَ اڳيان ڳوٺ جي وڏي پڌر ۾ ڪٻي پاسي سنهي گهٽيءَ ۾ رهندڙ زوار خان محمد جيڪو انهن ڏينهن اڃان زوار نہ هيو. جڏهن زوار ٿي موٽيو هيو تہ ان کان اڳ هن جا حق بخشرائجي چڪا هيا.

کٽ تي پاسا ورائي ننڊ جو انتظار ڪندڙ زليخان تصور ۾ ڏٺو زوار خان محمد ڳوٺ جي ويڪري پڌر وٽ سرنهن جي تيل تي ٻرندڙ نباتنما فانوس جي ڏنڊي کي ٽيڪ ڏيئي بيڙيءَ جا سوٽا هڻي رهيو آهي. جڏهن بيڙيءَ جو دونهون مرد جي شڪل ۾ بدلجي هن جي نڪ وٽ لهرائڻ لڳو تہ هوءَ هٽ هٽي ان کي هڪليندي اٿي ويهي رهي.

"اي رب معاف ڪر" هن چيو ۽ رئونڪ کي ڏئي ڇڏيو پوءِ هن سڏ ڪيا "مائي جانل... او مائي جانل."

هن جي سڏن تي اڱڻ وٽ ڪاري ۾ پيل ٽتر ڪنيپون ترڪيون "ڪُڙ ڪُڙ" ڪري جاڳي پيون. جانل اکيون مهٽيندي اندر پهتي تہ زليخان نڪ تان رئو هٽايو.

"ٻاهر چوڪيدارن کي چئہ تہ اهي بيڙي نہ پيئن." هن ڪيس چيو.

جانل ٻاهر وئي، ان ڏٺو ڇئن چوڪيدارن مان هڪ جاڳي رهيو هيو هن ڪيس سائڻ جو حڪم ٻڌايو.

"جانل بيڙي دکائي بہ ڪلاڪ ٿي ويا." ان اوٻاسي ڏيندي چيو "دونهي جو ڪهڙو پروسو باقي رک کي وقت ٽيو مٽيءَ ۾ ملي چڪي."

جانل اندر آئي ۽ زليخان مٿان ائين بيهي رهي جيئن وڃايل ننڊ ڳولهڻ نڪتي هئي ۽ نراس واپس پهتي هجي.

"ويهہ جانل... ويهہ" زليخان ٿڪيل آواز ۾ چيو جيئن جانل جي ويهڻ سان سندس ٿڪ لهي ويندا.

"وضو ٽيل اٿئي؟" زليخان اڌ ڪليل اوجاڳيل اکين سان ڪيس ڏسندي چيو.

جانل هيٺ ڪنڌ ڪري ويهي رهي.

"خالي پيٽ مسڪينن جا وضو گهٽ ٽٽندا آهن." ان چيو ۽ تختي تان قرآن لاهي آخري آيت پڙهي، زليخان ان کان قرآن ورتو ۽ چمي سيني سان لائي واپس ڪيو.

"گهڻي رات گذري چڪي آهي." جانل چيو. "سائڻ سمهڻ جي ڪوشش ڪر، سمهڻ بنا انسان عبادت ڪيئن ڪري سگهي ٿو دماغ جاءِ هوندو تہ رب کي جاءِ ملندي."

جانل جي ڳالهہ ۾ وڏي بي آرامي لڪيل هئي.

"ٿڪيل آهين؟" زليخان چيو "وڃ آرام ڪر، توکي بہ سڄو ڏينهن عبادت جيان گهر جو ڪم ڪرڻو پوي ٿو."

“ها سائڻ” جانل چيو “شايد عبات ۾ ٽڪ نہ آهي پر مان ڏاڍي ٿڪيل آهيان، امام جعفر جا ڪونڊا آهن، اجان انهن جو بندوبست ڪرڻو آهي.”

هوءَ هلي وئي ۽ زليخان هڪ دفعو وري تصور جي دنيا ۾ گم ٿي وئي. تن ڏينهن سندس پاءُ پوتار واحد بخش جيئرو هيو. ان جي ٻني ڪجهہ آباد هئي ۽ باقي غير آباد. آباد ٻنيءَ ۾ ڪمدار جو ڪارن چٽن وارو اڇو گهوڙو صبح سان هلندو هيو ۽ سج لٿي تائين ان جون حدون نہ ڪٽنديون هيون. اهو رات اهڙي ڳوٺ ۾ گذاريندو هيو جتي سهڙن جا ولر هوندا هيا. ڇري واري بندوق ڪلهي تان لاهي اوندهہ ۾ جتي بہ هلائيندو هيو تہ ماچيس جي تيلي ڪانپوءِ مٺل سهڙن جا ڍير پيا هوندا هيا. هو هڪ ڏينهن سهڙن جو گوشت پچائيندڙ ان عورت تي عاشق ٿي پيو جنهن کي ايڏيون تہ سونيون ۽ وزندار واليون پاتل هونديون هيون جو انهن سندس ڪنن جا سوراخ وڏا ڪري وڌا هيا. ان عورت جو ٿاهيل ٿرو هن هڪ دفعي پوتار واحد بخش کي پياريو جنهن کي اولاد جي ڏاڍي تمنا هوندي هئي. ان رات سندس زال اميد سان ٿي ۽ اڪيلي اولاد عمر حيات ڄايو جيڪو پيءُ جي وفات ڪانپوءِ اسيمبلي ميمبر ٿيو ۽ پڇي زليخان کان پري شهر ۾ رهندو هيو.

ڳوٺ جي ڪن ماڻهن جو چوڻ هيو تہ ٿري پيئڻ ڪانپوءِ وڏيرو واحد بخش زال سان سمهڻ کان اڳ بيهوش ٿي ڇڪو هيو. هو مسلسل ٽي راتيون بيهوش رهيو ۽ چوٿين رات جڏهن ماڻهو مزاج پرسي ڪرڻ سندس اوطاق تي آيا تہ هر هٿ ملائيندڙ شخص محسوس ڪيو. وڏيري جو هٿ برف جيان ٿريل هيو.

وڏيري واحد بخش جي زال واحد اولاد کي جنم ڏئي جوانيءَ ۾ گذاري وئي. عمر حيات ڪانپوءِ هن کي ڪا اولاد نہ ٿي. شڪارپور جي شيوالي جي هڪ وئشيا جنهن سان ڪڏهن سندس ياري هئي، اها ڪجهہ وقت حويليءَ ۾ رهي، ان جو اثر اهو ٿيو جو وئشيا جا جذبا سرد ٿي ويا ۽ واپس موٽي ان کي باقي زندگي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ گذارڻي پئي.

وڏيري واحد بخش پنهنجي پيڻ زليخان جي شادي نہ ڪرائي پر حق بخشرائي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو. حق بخشرائڻ کان پهريون هن سوچيو هيو تہ اهو ان جي شادي ڪرائي غير آباد زمين جو مالڪ بڻائيندو، پوءِ سوچيائين غير آباد زمين جو مالڪ بنائڻ کان بهتر آهي، اها پاڻ غير آباد هجي.

وڏيري واحد بخش جي غير آباد زمين پڪين ڪانسواءِ ڪنهن نہ ڏٺي، ڪمدار جو گهوڙو آباد زمين جي انت تي ان ڳوٺ وٽ ٿڪجي پوندو هجيو جتي سدائين سانجهيءَ جا پاڇولا هوندا هيا ۽ ان جو اسر سومهڻيءَ جهڙو هوندو هيو. ٿرو ٺاهيندڙ ڳورين والين واري عورت جي گهاٽي جو ڪمند ڪڏهن ڪين ڪٽو.

ڪمدار هڪ دفعي غير آباد زمين جو انت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر اتي آڪيرن ۾ مٺل جهرڪيون ڏسي واپس موٽيو هيو. ان ڏينهن هن کي سهڙن کان خوف محسوس ٿيو هيو. اهي سياري جا ڏينهن هيا جڏهن وڏيري واحد بخش تي اڌر رنگي جي بيماريءَ جو حملو ٿيو. هن جو هڪ پاسو سڪي ويو ۽ ٻيو سائو هيو. هو آباد ۽ غير آباد زمين جيئن ورهائجي ويو. هن جي واچ لڙڪي پئي ۽ سندس سمجهہ ۾ نہ ايندڙ لفظ لڙڪيل واچ مان وهي هن جي ڪلهي تي ڪرڻ لڳا. حويليءَ ٻاهران وينل چار چوڪيدار بيماريءَ جو رستو روڪي نہ سگهيا. انهن وڏيري لاءِ ايترو ڪيو جو جڏهن ڪين ڏس ملندو هيو تہ فلاڻي هنڌ جهنگلي ڪبوتر وينل آهي تہ انهن چئن چوڪيدارن مان هڪ دونالي سنيالي اٿندو هيو ۽ اتي پهچندو هيو جتي جهنگلي ڪبوتر وينل هوندو هيو. اهو دونالي سڌي ڪري ڇريا ڇڏيندو هيو ۽ ڪبوتر هيٺ ڪرڻ ڪانپوءِ ڳوٺ جا ننڍا ٻار سِير ڏنل ڪبوتر ڪٽي ان پويان جلوس جي صورت ۾ هلندا هيا. حڪيم حضور بخش جي نسخي تي عمل ڪندي ڳوٺ جا سپ ڪبوتر ماري وڏيري کي کارايا ويا تہ جيئن ڪيس جسم ۾ گرمي پيدا ٿئي ۽ سڪل سائو ٿي پر وڏيري جو سڪل پاسو ڪڏهن سائو نہ ٿيو ۽ هڪ ڏينهن دنيا مان موڪلائي ويو.

ان ڏينهن زوار خان محمد جيڪو هاڻي پوڙهو ٿي چڪو هيو مٺل ڪبوترن جو نوحو لکيو. هن کي پنهنجي ڪوٺي جي پلوڙي تي وينل ڪبوترن جو جوڙو ياد آيو جيڪو بندوق جي وار سان ائين هيٺ ڪريو هيو جيئن ڪجيءَ

۾ پٽر هٽڻ سان ڪارڪون ڪريون هجن. هن انهن جي ڳاڙهن پيرن جو نوحو لکيو ۽ اکيون ٻوتي جڏهن پرسوز آواز ۾ ڳايو ته اکين کولڻ ڪانپوءِ سوبن ڪبوتر هن چوڌاري گڏ ٿي چڪا هيا. ڪٿ تي نند جو انتظار ڪندڙ زليخان وٽ سوچون سندس دماغ ۾ ڪولين جي قطار جيان اينديون رهيون. هن تسبيح کي ڪٽي چميو مٽيا ڪيس رت جا ڦڙا محسوس ٿيا. جن ۾ زوار خان محمد جو نوحو سمائجي چڪو هيو. تسبيح ۾ رت جا ڦڙا زوار خان محمد جي ياد جيان پوپل هيا. زوار خان محمد هن سامهون پٽ تي چاپيل هيو. هن جي ترين تي، ترين جي پوبان، منهن تي ۽ ڪلهن پويان بيٺل هيو.

هن سوچن مان جان ڇڏائڻ لاءِ رب تي سوچڻ شروع ڪيو. هن کي رب ڪاري ماتمي لباس ۾ نظر آيو. هن اٿي ٻه رڪعتون نفل پڙهيا ۽ تسبيح جو ورد ڪيو.

“اي رب گناهن کان پناهه ڏي” هن دعا لاءِ ٻڪ جهليو ته لڙڪندڙ تسبيح جا داڻا ڳوڙهن ۾ تبديل ٿي ويا. “انسان کي سوچون گناهگار ڪن ٿيون. منهنجين سوچين کي روڪ. اهي بند ٽپڪل سيلاب جيان آهن. مونکي وهڻ کان بچاءِ.”

لهندڙ وهيءَ ۾ هن جا جذبا چنبيليءَ جي ول جهڙا هيا. جيڪا سڙڻ کان اڳ پنهنجي حياتيءَ جا سڀ کان سهڻا گل ڏيندي آهي. انسان جي اڌ حياتي تجربي ۾ گذري ٿي ۽ اڌ حياتي تجربي جو ڪتيو ڪائي ٿو. ڦل پڇي ڦاٽندو آهي ۽ ٻج ڇٽندا آهن. نانگ کي ڪوڏنگڻ لاءِ نه ملندو آهي ته پٽر کي ڏنگيندو آهي.

اوجاڳي جي ماريل زليخان ڏينهن رات رب آڏو جهڪيل هوندي هئي، اها ان کي ٻاڌائيندي هئي ته ڪيس دل مان آواز ايندو هيو. هڪ سريلو آواز. چٽ جي راتين ۾ ڪنهن وڻ تان اپرندڙ ڪوڪ جو آواز. ڪارا ڪپڙا پائي مجلس ۾ پرسوز آواز ۾ نوحا پڙهندڙ خان محمد جو آواز. جوانيءَ جي ڏينهن ۾ زليخان لاءِ ڪي ايڏيون پابنديون نه هيون. محرم جي ڏينهن ۾ ڪاري رئي سان منهن ڍڪي هن کي پلوڙي تان ٻيهي تعازين ڏسڻ جي اجازت هوندي هئي. هوءَ ڏسندي هئي ته ڪارن چولن جون ديگيون ٻاهه بنا ٺهڪڻ لڳنديون هيون. سونين والين واري سچل جي گهر ۾ تڏي تي رنگين ڪاغذن جا ڍير هوندا هيا. ڪينچون هلنديون هيون ۽ سائي رنگ جي لئيءَ ۾ آڱريون ٻوڙجي ٻاهر نڪرنديون هيون. نهڻ ڪانپوءِ تعازين جا گل ايڏا ته تازا لڳندا هيا جو انهن تي گمان ۾ پوپٽ لهندا هيا ۽ ماکيءَ جون مکيون مست ٿي پونديون هيون.

زوار خان محمد جي پرسوز نوحن تي قبرون سڏڪنديون هيون. هو جڏهن علي اصغر جو پينگهو لوڏي مجلس پڙهندو هيو ته ڇاتيون ڳاڙهيون ٿي وينديون هيون. سڏڪا آهُن ۾ تبديل ٿي ويندا هيا. اکين جو پاٽي ڳوڙهن جي گنجائش کان وڌي ٻگلي ۾ گڏ ٿي ويندو هيو ۽ ماٺهو ڍڪ پريندا هيا. زوار خان محمد جي ٻگلي جو سوز تڏهن جاڳيو جڏهن هن پيرين پنڌ عراق جو سفر ڪيو. هن ڪجهه ساڻ نه کنيو. هڪ ستن جي ٿيلهي ۽ پڳڙن جي هڙ. جڏهن عراق پهتو ته سندس ڪنيل بوجهه هلڪو ٿي چڪو هيو هن عراق پهچي حضرت حسين جي مزار تي هٿ ڪٽي صرف هڪ شيءِ جي گذارش ڪئي.

“ٻگلي ۾ سُر ڏئي ۽ سوز ڏي ته تنهنجي ثنا ڳائي ستل درد کي جاڳائي وجهان.”

هو موٽيو ته ڳوٺ جون مجلسون پرسوز ٿي ويون. هن جي وجود مان ڦٽندڙ نوحا ڳوڙهن جا گل ڪيندا. ولين جيان هر شيءِ کي وچڙندا گهرن گهٽين پاڙن محلن مان لنگهي چئن چوڪيدارن جي ڪٽ هيٺيان حويليءَ جو در ٽپي ان پير تي چڙهيا. جنهن پير هيٺان چٽ ڪپريون ٽرڪي ڪڪڙيون ڳاڙهي جوئر ڪائي ناسي آنا ڏينديون هيون. پير پرسان ٻير ۽ نم جا وڻ هيا. هڪ وڏو اڱڻ هيو ۽ پويان ڳاڙهين سرن جي پنجن ونگن واري دالي اندر تي ڪوٺيون هيون ۽ ڪٻي ڪنڊ واري ڪوٺيءَ ۾ حق بخشر ايل زليخان رب آڏو سجدي ۾ جهڪيل هئي.

زليخان جو جهان ڪوٺي هيو ۽ ڪوٺو قبرستان. جتي هن جون اکيون پوريل هيون. زليخان جي جهان جون شيون ڏاڍيون گهٽ هيون. هڪ قرآن، هڪ تسبيح، هڪ مُصلو هڪ پاڻ، هڪ ڪٽ ۽ ڪٽ هيٺان چمپلن جو جوڙو.

هڪ دفعي جڏهن بيمار ٿي ته ڪيس ڪو به حڪيم شفاياب نه ڪري سگهيو مسجد مان زوار خان محمد کي گهرايو ويو. ان پردي پويان بيهي اهڙي پرسوز تلاوت ڪئي جو ماڻهن ڏٺو بيماري ڳوڙها ڳاڙيندي پردو پري ڪري حويليءَ جي ٻاهرين در ڪان نڪري هلي وئي. خان محمد جي تلاوت کي ياد ڪري هن قرآن کي چار چميون ڏنيون.

"جيڏي دوا ڪوڙي آهي تيڏي دعا مٺي آهي" هن خدا کي سجدو ڪندي چيو "اي رب. ٻِل دعائن کي ڪوڙو ڪجانءِ. ڪُوڙو نه ڪجانءِ. منهنجيون بد دعائون ڪنهن لاءِ نه آهن. مان بخشيو. تون به ان کي بخشجانءِ. منهنجا حق بخشيل آهن. توکي حق آهي. بخشين ته بهتر. نه بخشين ته مالڪ آهين."

جڏهن بيماريءَ مان اٿي ته سرنهن پيلا گل ڪيا هيا. چوڏهينءَ رات ۾ ڌرتي آسمان هڪ ٿي چڪا هيا. هوءَ ڪوٺي تي وئي ۽ پنهنجا نيڻ کوٽي ڪيا. ڪيس پريان مسجد جا اچا منارا اهڙن فرشتن جيان نظر آيا. جيڪي اڇن پرن سان اٿي لٿا هجن. پوءِ اهو سوچي اداس ٿي وئي ته مسجد جي منارن تي هڪ زخمي ڪبوتر اکيون بند ڪري هڪ جنگهه تي بيٺل آهي. چانڊوڪي سرنهن جي تيل ۾ بدلجي وئي ۽ چنڊ وسامي ويو. هن ڪٽ تي پاسو ورائي وارن کي هٿ هنيو ۽ پُڙ پُڙ ڪيائين.

"تيل ايڏو تي وجهي جو سڪي ئي نه ٿو."

سندس من چاهيو ته رڙ ڪري جانل کي گهرائي. پر رات جو آخري پهر هيو جانل ٿڪيل هئي ۽ صبح سان اٿي ان کي ڪونڊن جو بندوبست ڪرڻو هيو. امام جعفر جا ڪونڊا ياد ڪري ڪيس پنهنجو مرحوم پيءُ واحد بخش ياد اچي ويو. جيڪو هر سال اوطاق تي ڳوٺ جا سپ ماڻهو گڏ ڪري کين کيرڻي کارائيندو هيو. زوار خان محمد امام جعفر جو قصو ٻڌائيندو هيو. اهڙي چپ هوندي هئي جيئن سپ فنا ٿي چڪو هجي. خان محمد جو آواز گونجندو هيو. اهو پرسوز لفظن ۾ جڏهن ان گهڙيءَ جو ذڪر ڪندو هيو جڏهن امام صاحب جي رومال ۾ ويڙهيل منڊي گدري ۾ تبديل ٿي وئي ۽ گدري تي ڇري هلائي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته زليخان جيڪا پردي پويان اهو سپ ٻڌندي هئي. ڪيس محسوس ٿيندو هيو ڇري هن جي دل تي هلي هجي.

زليخان کي ننڊ جو انتظار ڪندي اسر ٿي ويو هوءَ اوجاڳيل اکين سان ٿڪجي چڪي هئي. گهڙي گذري ته مسجد مان آزان جو سُريلو آواز اڀريو.

"الله اڪبر... الله اڪبر"

خان محمد جو آواز ٻڌي هن تي وجد طاري ٿي ويو.

"صدقو وڃان مٺي رب تان." هن چيو ۽ هٿ چُمي اکين تي رکيا.

اسر جي سانت ۾ پرسوز سُريلو آواز هوا ۾ سمنڊ جيان ڇوليون هڻندو پئي آيو. هن تي ڳِهل طاري ٿي وئي. سندس اکيون بند ٿي ويون.

"الصوات خير من النوم" هن جي ڪن تي پيو ۽ پوءِ ڪيس ننڊ ائين ورائي وئي جيئن رب جي قدمن ۾ ڪري پئي هجي.

❖

# ڳالهه به ايتري

اها اونهاري جي رات هئي. ٻوسٽ هيو. ڪنيڙيون ته ساڻوڻ ۾ ٽيڻديون آهن پر اهو الائي ڪهڙو جيت هيو جيڪو ڪارڪ جي ڪوڪڙيءَ جيترو هيو ۽ پنهنجا ڳاڙهسرا پر هٽندو اچي هن اڳيان ڪريو. هو ان وقت دالي ۾ ويٺل هيو. بجلي نه هجڻ ڪري چارجر جي روشنيءَ ۾ واضع نه ڏسي رهيو هيو. هن هلڪي روشنيءَ ۾ ڏٺو اهو ڳاڙهسرو جيت هيٺ فرش تي گهمي رهيو هيو. ان هر هر پر اُپا ڪري اڏامڻ جا سانياها پئي ڪيا. ان ڪان اڳ جو جيت اڏامي وڃي، هن پادر لاٿو ۽ جيت مٿان وسائڻ شروع ڪيو. هن محسوس ڪيو جيت مري چڪو آهي. اهو هڪ هنڌ ساڪت پيل هيو. ان ۾ ڪا به چرپر نه هئي، هو مطمئن ٿي ويو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڏٺائين جيت چري رهيو آهي، اهو ڏسي وري پادر لاهي جيت مٿان وسائڻ شروع ڪري ڏنائين. جيت جي حرڪت صفا بند ٿي وئي، اهو هڪ هنڌ ڄمي ويو. سوچيائين هاڻي جيت صفا مري چڪو آهي. هو ڏسي ئي رهيو هيو ته گهڙيءَ ڪانپوءِ وري جيت ۾ چرپر شروع ٿي وئي ۽ اهو هلڻ لڳو.

اها حيرت جهڙي ڳالهه هئي، هن غور سان ڏٺو اهو شايد سخت کل وارو اڏامندڙ ڳاڙهو تنبڻ هيو جنهن تي ڌڪن جو اثر نه ٿي رهيو هيو. هن ڪي ڪاوڙ وني وئي ۽ وري پادر لاهي جيت مٿان وسائڻ شروع ڪيائين. جيت مٿان ايڏا ته زور سان پادر وهائي ڪڍيائين جو جيت به اڌ ٿي ويو. هن محسوس ڪيو هاڻي جيت بلڪل مري چڪو آهي چو جو اهو به ٽڪر ٿي چڪو هيو. پر ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن هن جي نظر جيت تي پئي ته ان جا الڳ ٽيل به ٽڪر حرڪت ڪري رهيا هيا. هو واٽڙن جيان انهن کي ڏسڻ لڳو. جيت جا ٻئي ٽڪر حرڪت ڪندا اڳتي وڌيا ۽ پريان فرش ۾ ٽيل سوراخ اندر گم ٿي ويا.

هن زندگيءَ ۾ اهڙو لقاءُ نه ڏٺو هيو. هن جو معجزن ۾ ايمان نه هيو. هو هر شيءِ کي ٺوس حقيقت تي پرکڻ وارو ماڻهو هيو. اهو لقاءُ ڪنهن معجزي کان گهٽ نه هيو. هو منجهي پيو ۽ ان واقعي جو ذڪر معاشري جي مختلف ماڻهن سان ڪيو. جيئن ڄاڻي سگهي ته آخر اهو ڇا هيو؟ سچ هيو؟ ڪوڙ هيو؟ ڪو وهم هيو؟ گمان هيو؟ هڪ جيت جيڪو هن جي پادر جي ڌڪن سان به اڌ ٿي ويو پوءِ به چرندو هلندو فرش جي سوراخ ۾ اندر هليو ويو. اهو سوچي هو هڪ حياتيات جي ماهر وٽ ويو ۽ ماهر مسئلو ٻڌڻ کانپوءِ چيو:

"دنيا ۾ ڪي اهڙا جيت آهن جيڪي به اڌ ٿيڻ ڪانپوءِ به چرپر ڪري سگهندا آهن. جيئن نانگ، سپاريون ۽ ڪرڙيءَ جو ڪٽيل پڇ وغيره"

هن ڪيس يقين ڏياريو ته اهو جيت نانگ، سپاري يا ڪرڙيءَ جو ڪٽيل پڇ نه هيو پر هڪ عام ڳاڙهو تنبڻ هيو. جنهن کي هن ڪٽي ناس ڪيو. پوءِ هن حياتيات جي ماهر کان سوال ڪيو.

"ڇا ڳاڙها تنبڻ به اڌ ٿي چرپر ڪندا آهن؟"

حياتيات جو ماهر منجهي پيو ۽ جواب ڏنائين:

"اهڙا ڪي به ڳاڙها تنبڻ نه آهن جيڪي چرپر ڪندا هجن."

ماهر جي ڳالهه ٻڌي هو پريشان ٿي ويو ۽ سوچيائين پڪ سان اهو ڪو معجزو هيو جيڪو ڪيس خدا ڏيکارڻ پئي چاهيو. چو جو هن جو خدا ۾ يقين گهٽ هيو. هو هلندو هڪ مولويءَ وٽ آيو. مولويءَ ڪيس ويهاري شوڪاريل پاڻي پياريو. هن مولويءَ کي سموري حال کان واقف ڪيو. مولويءَ آڱريون ڦٽيءَ جيان ڏاڙهيءَ ۾ ڦيريون ۽ پوءِ چيو:

"رب پاڪ دنيا ۾ اهڙا لقاءُ ڏيکاريندو آهي جيئن بندا غيب تي ايمان آڻين. اهو اشارو آهي ته تون اڻ ڏٺل تي ايمان آڻي روزا، نماز ۽ ٻين احڪامن تي عمل ڪري سگهين. رب توکي معجزو ڏيکاري قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪي نظر نه ايندڙ قوتون آهن جيڪي انساني عقل کان مٿاهيون آهن. تون توبهه تائب ٿيءُ. قدرت توکي ڇوٽڪاري جو رستو ڏيکاريو آهي."

مولوي صاحب جي ڳالهين سندس دل تي اثر ڪيو. پر وري سوچيائين اهي نظر نه ايندڙ قوتون جِنَ به ته ٿي سگهن ٿا. اهو سوچي هو هلندو هڪ پوپي وٽ آيو. پوپو ڪوپڙي ۽ هڏا رکي لوبان جي دونهي ۾ منتر پڙهي رهيو هيو. ان ڪيس سامهون ويهاري حال احوال ورتو. هن پوپي اڳيان سڄي ماجرا بيان ڪئي ۽ پوپي اکيون بند ڪري وري کوليون ته اهي ڳاڙهن ٽنبڻن جهڙيون هيون. ان جلال ۾ چيو:

"سڀ ڪارو جادو آهي، اهو جيت نه جنُ هيو تنهنجي گهر ۾ جنن جو واسو آهي. جِنَ هر شيءِ جو روپ ڌاري سگهن ٿا. اهي جِنَ تنهنجي گهر اندر فرش جي سوراخن ۾ رهن ٿا."

اهڙي ڳالهه ٻڌي هو وٺي ڀڳو ۽ ڀڄندو هڪ عالم وٽ آيو جنهن جو وڏو مذهبي مطالعو هيو. ان مسئلو ٻڌو ۽ ڪيس انتهائي مختصر جواب ڏنائين.

"حياتي ۽ موت جو مالڪ رب آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي حياتيءَ جا ڏينهن لکيل انهن ته پوءِ ان کي ڪير به ماري نه ٿو سگهي. جيت جي حياتي هئي ۽ بچي ويو."

هو عالم جي جواب مان مطمئن نه ٿيو ۽ هلندو هڪ سائنسدان وٽ آيو. سائنسدان کي هن جي ڳالهه تي يقين ئي نه پئي آيو.

"ڀلا اهو ڪيئن ممڪن آهي ته مئل جيت هر هر جيئرو ٿي پوي، ضرور تنهنجي دماغ ۾ خلل آهي. سائنس توس ۽ حقيقي شين ۾ يقين رکي ٿي. سائنس ۾ وهم ۽ گمان جي ڪا به گنجائش نه آهي. تون ڪنهن ڊاڪٽر کان اکيون چيڪ ڪراءِ يا ڪنهن نفسيات جي ماهر سان صلاح ڪر."

هن سائنسدان جي ڳالهين تي عمل ڪيو ۽ هڪ ڊاڪٽر کان اکيون چيڪ ڪرايون. هن جون اکيون بلڪل ٺيڪ هيون. هو هڪ ماهر نفسيات وٽ ويو. ماهر نفسيات هن کي Obsessional Psychosis جو مريض قرار ڏنو ۽ ڪيس ٻڌايو ته

"اهڙا لقاءَ شيزو فرينيا جي مريضن سان ٿيندا آهن. ڪيترائي خوفناڪ خيال ڊيڄاريندڙ جانورن ۽ جيتن جي روپ ۾ هن اڳيان نروار ٿيندا آهن."

نفسيات جي ماهر جي تشخيص ٻڌي ڪيس يقين ٿي ويو ته هو هڪ نفسياتي مريض آهي. هو ڀگهر ۾ شل ٿي ويو. پوءِ سنجيدگيءَ سان سوچيائين، هن محسوس ڪيو اهو وهم يا گمان نه هيو پر حقيقت هئي. هن اهو جيت پنهنجين اکين سان ڏٺو هيو. اهو سوچي هو هڪ صوفيءَ وٽ ويو. صوفيءَ هن کي چيو:

"ڪائنات جي هر شيءِ ۾ رب موجود آهي. ان جيت ۾ به رب موجود هيو."

هن کي صوفيءَ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ٿيڙ کائيندو اٿيو ۽ هو هڪ اديب وٽ آيو. اديب ڪيس ٻڌايو ته "علامتن جي دنيا ۾ جتي ايبسٽريڪٽ عام آهي. ڪيوبيزم اسٽرڪچرلزم ۾ تبديل ٿي رهيو آهي اتي سرئلزم جي اهميت وڌي وئي آهي. اها سڀ پوسٽ ماڊرنزم جي سحرانگيزي حقيقت نگاري آهي. تشيهن جي زير اثر ان سحرانگيز جيت وجود برقرار رکيو آهي ۽ تون پراسراريت جي ور چڙهي ويو آهين."

اديب جي وضاحت سندس ڪن وٽان تير جيان گسي وئي، هو هلندو مندر جي مهراج وٽ آيو ۽ مسئلو بيان ڪيائين، مهراج هن کي ٻڌايو ته

"نرواڻ هڪ حقيقت آهي. جيڪڏهن ڪو چڱايون ڪندو ته چڱيءَ شيءِ ۾ ظاهر ٿيندو. جڏهن ڪو مدايون ڪندو ته بڇڙيءَ شيءِ ۾ ظاهر ٿيندو. ان جيت ۾ ڪنهن نتر ۽ مڪار شخص جو روح هوندو. جيڪو پادرن لڳڻ ڪانپوءِ به جيئرو رهيو."

هو مهراج جي مندر مان نڪري اهڙي هنڌ ويو جتي چار فلاسافر ويٺل هيا. هن انهن اڳيان پنهنجو مسئلو بيان ڪيو. انهن مسئلو غور سان ٻڌو ۽ پوءِ بحث ڪيو.

پهرين فلاسافر چيو: "سقراط زهر جو پيالو ان ڪري پيتو جو هن سچ ڳالهايو هيو. هن چيو هيو ديوتائون تبديل ٿي چڪا آهن. اهو جيت به ضرور ڪنهن ديوتا جو تبديل ٿيل روپ هوندو."

ٻئي فلاسافر چيو "افلاطون جو فلسفو حقيقتن کي ويجهو آهي. ان چيو هيو تہ جوتي بابت موچيءَ کان وڌيڪ کير ڄاڻي سگهي ٿو. سو منهنجو خيال آهي تہ ان پادر جي چڪاس ڪنهن موچيءَ کان ڪرائجي جيڪو جيت مٿان هر هر وسيوءِ جيت جيئرو رهيو."

ٽئين فلاسافر چيو "تون غلط آهين. افلاطون جو فلسفو ائين نہ آهي جيئن تون بيان ڪري رهيو آهين. ڀلا ارسطوءَ آخر چو مابعدالطبعات تي زور ڏنو آهي؟ ضرور اهو جيت Metaphysical لقائن جو ظهور آهي. ڪا بہ شيءِ فنا نہ ٿي ٿئي ۽ اها روپ مٽائي ٿي. جيت بہ روپ مٽايو ۽ فنا نہ ٿيو."

چوٿين فلاسافر چيو "ڊيڪارٽ جو مشهور قول آهي Cognito Ergo Sum مان سوچيان ٿو انڪري آهيان. جسم ۽ ذهن جو گهرو تعلق آهي. جيڪي موجودات آهن اهي حواسن جو فريب آهن. جيت جي چرپر تي شڪ ڪنداسين تہ خبر پوندي شڪ ڪرڻ لاءِ وجود جي ضرورت آهي۽ اها چرپر اسان جي وجود جي جدوجهد آهي."

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو "جان لاڪ موجب پهريون حواس دماغ تائين معلومات موڪلين ٿا. دماغ معلومات سجاڻي ٿو. پوءِ دماغ ياداشت واري خاني ڏانهن موڪلي ٿو. اتي معلومات، خيال يا تصور جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. انڪري ٿي سگهي ٿو هن جو ذهن ڪنهن وهم ۾ مبتلا ٿي موت بابت سوچيندو هجي ۽ هڪ جيت جي صورت ۾ موت کيس حياتيءَ جيئن نظر آيو هجي."

وري ٻئي فلاسافر ڳالهايو "پر برڪلي چوي ٿو تہ مادي شين جو وجود نہ آهي، صرف تصور آهي، دنيا مادي نہ تصوراتي آهي جيڪا دماغ اندر موجود آهي. سو جيت ٻاهر نہ هيو پر هن جي دماغ اندر موجود هيو."

وري ٽئين فلاسافر ڳالهايو "جيڪڏهن اهو مسئلو ڪانٽ جي نظريي موجب حل ڪريون تہ پوءِ ائين چئبو عڪس دماغ ۾ حواسن ذريعي پهچن ٿا. دماغ ۾ مختلف سانچا آهن ۽ عڪس سانچن ۾ ڍلجي مختلف شڪلين ۾ ظاهر ٿين ٿا. انڪري ٿي سگهي ٿو هن شخص جي ذهن ۾ مختلف حواس جيت جو روپ ڌاري ٻاهر نڪرندا هجن."

وري چوٿين فلاسافر ڳالهايو " اهو ئي سبب آهي جو روسو چوي ٿو "فطرت ڏانهن واپس هلو" چو جو جيڪڏهن اسان فطرت کي ويجها ٿينداسين تہ گهرن کان نڪري جهنگن ۾ رهنداسين ۽ جهنگ ۾ جيتن کي رهڻ جو بہ اوتروئي حق آهي جيترو انسانن کي، جيتن مارڻ جي ضرورت نہ پوندي ۽ اهڙا مسئلا پيدا نہ ٿيندا."

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو "والٽئر ان ڪري تہ روسو جي مخالفت ڪئي آهي. جيڪڏهن فطرت ڏي موٽنداسين تہ رات جو ڪٽي سمهنداسين. جهنگ ۾ رهڻ ڪري جيت اسان جي سوراخن ۾ هليا ويندا."

وري ٻئي فلاسافر ڳالهايو "هلو ڀلا هيگل جي جدليات تي ٿا اچون، جنهن چيو تہ سچ ۾ تضاد آهي، هر اثبات ۾ نفي موجود آهي. سو تضادن تي سوچيندي اهو جيت رحم لائق نہ آهي جنهن مٿان تشدد ٿيو پر انسان رحم لائق آهي جنهن جيت مٿان تشدد ڪيو. چو جو Antithesis جي زير اثر اهو جيت جيئرو رهيو ۽ انسان لاءِ وڏو مسئلو پيدا ڪري وڌو."

وري ٽئين فلاسافر ڳالهايو "پر مارڪس جو چيو آهي تہ مادو ذهن جي پيداوار نہ پر ذهن مادي جي پيداوار آهي. سو اهو جيت بہ ضرور مادي جي پيداوار آهي. جيڪڏهن ذهن کي استعمال نہ ڪجي تہ پوءِ اهو واجب آهي تہ جيتن کي بہ جيئڻ جو ايترو حق آهي جيترو انسانن کي، اهو جيت سوچ آهي ۽ نظريا ڪڏهن فنا نہ ٿيندا آهن."

وري چوٿين فلاسافر ڳالهايو "نطشي واهہ جي ڳالهہ ڪئي آهي، هن چيو خدا مري چڪو آهي هاڻي سپرمين حڪومت ڪندو. سو اهو جيت سپرمين جي علامت آهي، جيڪو مرڻو نہ آهي."

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو "ڪيئر ڪيگارڊ جيئرو هجي ها تہ ضرور ان جيت کي ڏسي ڊڄي وڃي ها. کيس جيت ماري گناهہ جو احساس ٿي ها ۽ وڌيڪ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿي محبوبا کي ڏسي پريان ڀڄي وڃي ها. هو وجوديت جو باني انڪري آهي جو ان ڪڏهن جيتن کي مرندي نہ ڏٺو."

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو “سارتر کي لک شابس آهي، جنهن وجوديت جي فلسفي کي اجاگر ڪيو ۽ چيو جيت جو وجود انڪري آهي جو دراصل نہ آهي. جيڪڏهن جيت جو وجود نہ آهي تہ پوءِ پادرن لڳڻ ڪانپوءِ اهو ڪو پيو هيو جيڪو مري ويو ۽ جيت جيئرو هيو.”

وري ٻئي فلاسافر ڳالهايو “برگسان ڊارون کي ان باري ۾ سٺا جواب ڏنا آهن. ڊارون ٺلهيون نسرتائي Evolutionary ڳالهيون ڪيون آهن. برگسان ڊارون کان انڪري عظيم آهي جو ان چيو قوت حيات مادي جسم ۾ قيد آهي، سو قوت حيات ان جيت ۾ موجود هئي جنهن ڪيس جيئڻ جو حوصلو ڏنو.”

فلاسافرن جون ڳالهيون ٻڌي هن جو مٿو چڪرائڻ لڳو. انهن جو بحث جاري هيو تہ هو وچ بحث مان نڪري آيو ۽ مايوسيءَ مان قدم کڻندو هڪ باغ ۾ اچي ويٺو. هو اداس هيو. باغ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هيو تہ هن وٽ هڪ مالهي آيو ۽ اچي سلام ڪيائين ۽ چيو

“سائين ڏاڍا اداس ۽ پريشان پيا ڏسجو خير تہ آهي؟”

هن مالهيءَ کي ڏنو ۽ سوچيائين جيڪر ان سان دل جو حال اوري، ٿي سگهي ٿو ان وٽ ڪو اهڙو جواب هجي جو ٻڌي هو مطمئن ٿي سگهي. پوءِ سوچيائين، اهو هڪ اڻ پڙهيل شخص آهي. ان کي اهڙن مسئلن جي ڪهڙي خبر جن جي وڏن ڏاهن کي ڄاڻ نہ آهي. اهو سوچي مالهيءَ کي جواب ڏنائين “ڪا ڳالهہ نہ آهي ٿڪيل آهيان.”

مالهي وجهڻ لڳو تہ ان کي پويان سڏ ڪيائين.

“اتي بيهہ، تو کان هڪ مسئلو پڇڻو آهي.”

مالي موٽيو ۽ سندس سامهون ويٺو. هن ڪيس جيت جي پوري وارتا بيان ڪئي. مالهي ٻڌي کليو ۽ چيائين

“سائين ڳالهہ ڪهڙي ٿا ڪريو؟ دراصل اهو جيت پهرين ڏڪ سان مري چڪو هيو. مرڻ ڪانپوءِ اتي ڪويليون گڏ ٿيون. جيڪي سنهيون هجڻ ڪري چارجر جي نامناسب روشنيءَ ۾ اوهان کي نظر نہ آيون. ڪويلين گڏجي جيت کي سوراخ طرف گهليو. توهان سمجهيو جيت جيئرو آهي، ان کي پادر هنيا، سڀ ڪويليون مري ويون، گهڙيءَ ڪانپوءِ ٻيون ڪويليون آيون. انهن جيت کي سوراخ طرف گهليو ۽ اوهان وري سوچيو جيت چري رهيو آهي. آخر پادر هٽي اوهان جيت کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو ۽ ان جا ٻئي ٽڪر ڪويليون فرش جي سوراخ ۾ گهلي ويون. مان هڪ مالهي آهيان ۽ مون اڳيان روز اهڙا لقاءَ پيا ٿيندا آهن.”

مالهيءَ جي ڳالهہ ٻڌي سندس ڪن کُلي ويا. اکيون ويڪريون ٿي ويون ۽ پنهنجي منهن ڀُڻڪيو.

“ڳالهہ ٻہ ايتري!”

❖

# مداري

ايمپريس مارڪيٽ اندر،
پڃري ۾ بند،
ڪلهہ مون ڏٺا،
اهڙا ڪبوتر،
جن جون اکيون،
ڳاڙهيون هيون.

اهي سنا ڏينهن نہ هيا، شهر جون بازارون اڪثر بند هونديون هيون، ڏهاڙيءَ تي مزدوري ڪندڙ ماڻهن شايد ئي ڪڏهن اهڙو وقت ڏٺو هجي. بئريج روڊ تي ڳوڙها گئس جا خول ۽ پٿر ائين پيل هوندا هيا جيئن آسمان مان انهن جو مينهن وسيو هجي. اتي اوچتو گهٽين مان ماڻهن جا ولر ظاهر ٿيندا هيا ۽ پوءِ اُپ انهن جي نعرن سان گونجڻ لڳندو هيو.

"جمهوريت زنده آباد... آمريت مرده آباد"

سوين هٿ هوا ۾ بلند ٿيندا هيا ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي بند هٿن جون منيون ڏاڍيون زوردار محسوس ٿينديون هيون. پري ڪان ٻرندڙ ٽائرن جي دونهي ۾ اهو روڊ جنگ جي ميدان جو ڏيک ڏيندو هيو. اتي فوج جون گاڏيون پهچنديون هيون تہ ماڻهو پٿراءُ ڪندا هيا ۽ ان ڪان پوءِ ڳوڙها گيس جا گولا وسڻ شروع ٿي ويندا هيا. هجوم ۾ موجود ماڻهو ڳوڙها گيس جي دونهي ۾ پنهنجي قسمت تي روئندا هيا.

تن ڏينهن ملٽري روڊ تي رائيس ڪئنال جي ڪڙ تي رهندڙ مداريءَ جي گهر جون حالتون ٻين کان مختلف نہ هيون. هن جي آمدني گهٽجي نہ هجڻ برابر ٿي وئي هئي. جن روڊن تي بيهي هو مجموعو هٽي ڪرتب ڏيکاريندو هيو انهن روڊن تي ماڻهو ڪنا ٿي جهموريت لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هيا. بئريج روڊ جنهن تي هر وقت ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي اتي ان مداريءَ ماڻهن جي وچ ۾ ويهي ڪيترا ڪرتب ڏيکاريا هيا. هن جي هر ڪرتب تي هجوم ۾ حيرت ڇانيل هوندي هئي ۽ هن جي پر مزاح جملن تي ٽهڪڙا هوندا هيا. پر هاڻي اهو سڀ ختم ٿي چڪو هيو. روڊ ماڻهن جي رت سان رنگجي چڪا هيا. اهي ڳوڙها گيس جي دونهي ۾ ويڙهجي چڪا هيا. لب مهراڻ پرسان سرڪٽ هائوس کان ٿورو پري رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪڙ تي ڪنهن وقت زير زمين پاڻي نڪاس جو منصوبو شروع ڪيو ويو هيو. اهو منصوبو پورو نہ ٿيو اتي واهہ جي ڪناري گپ ۾ وڏا سيمنٽ جا پائيپ پيل هوندا هيا. مداريءَ جو گهر انهن مان هڪ ويڪري پائيپ اندر هيو. پائيپ کي هڪ پاسي پٽر ڏئي مداري ان کي ڪمري جيان استعمال ڪندو هيو. پائيپ اڳيان چادرون ڏئي اڱڻ ناهي ويو هيو جتي ڪنڊ ۾ ٽن سرن واري چلهہ هوندي هئي ۽ پرسان ڪارا ٿانوَ مکين ۾ پيل هوندا هيا. هڪ پاسي ڪاٺ جي پيٽي رکيل هوندي هئي جنهن تي پراڻيون سوڙيون وڇايل هونديون هيون. گهر اڳيان گپ ۾ سروٽا رکيل هوندا هيا جن تان لنگهي گهر ۾ اچڻ ۽ وڃڻ پوندو هيو. اتي هر طرف مئل جانورن جي بوءِ ڦهليل هوندي هئي. پريان گند جي ڍيرن تي ان سيمنٽ جي پائيپ واري گهر ۾ چار ڄڻا رهندا هيا. هڪ هو هن جي زال جيڪا سلهہ جي مريض هئي، هن جو ننڍڙو پٽ ۽ رسي ۾ ٻڌل پيٽيءَ تي ويٺل پولڙو. واندڪائي وقت مداري پائيپ ۾ ويهي جهونگاريندو هيو تہ پورو پائيپ ڪنهن ساز جيان وڄڻ لڳندو

هيو. هو ان اندر ٽيڪ ڏئي لت لت تي چاڙهي وڏي مزي سان درديلا گيت چوندو هيو ۽ اڳڻ ۾ هن جي زال ائين مانيون پچائيندي هئي جيئن اها مداريءَ جي گيتن تي تاڙيون وڄائيندي هجي. ٻار ڪاٺ جي پيٽيءَ تي ويٺل پولڙي کي هڪلي ان مان ميري گودڙي کولي بنسري ۽ ٻبڪٽي ڪڍي وڄائڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. پولڙو هر وقت ڪاٺ جي پيٽيءَ تي ويٺو جسم کنهندو هيو. ٻار لاءِ اها بنسري ۽ ٻبڪٽي قيمتي سرمايو هئي. هن کي اها ئي خبر هئي ته ان بنسريءَ جي سرن ۽ ٻبڪٽيءَ جي ڪڙڪي تي چلهہ جي ٻاهہ ٻري ٿي ۽ مئل جمهورو جيئرو ٿئي ٿو. ان بنسريءَ جي سر ۾ سوين جادو آهن جن تي مجموعا لڳن ٿا. ماڻهن کي حيرت لڳي ٿي ۽ ٺهڪڙا مچن ٿا. ٻار جي عمر ان وقت چار سال هئي پر پيءَ سان ان گرم شهر جي رڄنڌڙ روڊن تي گهمي هن جا پير پٿر جيان سخت ٿي چڪا هيا. مداري صبح جو گهران نڪرندو رهيو ته هن جي ڪلهي ۾ اها ميري گودڙي پاتل هوندي هئي جنهن اندر ڪجهہ وڏيون چادرون، بنسري ۽ ٻبڪٽيءَ ڪانسواءِ ڪاٺ جو انساني انگ، ٽين جو دٻو ڪٽ لڳل چاقو ۽ ٻيو سامان هوندو هيو. هن جي هڪ هٿ ۾ پولڙي جي رسي هوندي هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ ٻار جي آڱر. هو ملٽري روڊ ٽپي آدم شاهہ ڪالونيءَ اندران نڪري بئريج روڊ تي پهچندو هيو. بئريج روڊ تي نور محمد نوناريءَ جو نوجوان پٽ هن جي انتظار ۾ بيٺل هوندو هيو. اهو نوجوان هن لاءِ جمهوري جو ڪردار ادا ڪندو هيو. جڏهن هو مداريءَ کي پريان ايندي ڏسندو هيو ته اڳتي وڌي ان سان ملندو هيو.

"استاد اڄ مون کي ڏهين جو نوٽ ضرور ڏجانءِ." اهو چوندو هيو "ڏس استاد امڙ لاءِ ڏهي وٺڻي آهي، بابي لاءِ پاڃي وٺڻي آهي، مان بہ رات کان ڪجهہ نہ کاڌو آهي."

مداري ان کي آٿت ڏيندو هيو.

"پرواهہ نہ ڪر" هو چوندو هيو "مليا تہ ضرور ڏيندو مانءِ... مان ڪي سڀ ڪيسي ۾ وجهي گهر تہ نہ کڻي ويندس."

مداري روڊ جي پاسي کان بيهي هڪ هٿ سان ٻبڪٽي وڄائي ٻئي سان بنسريءَ کي چپن تي رکي ڦوڪ ڏيندو هيو ۽ پولڙو ابتا سبتا ٽپا ڏئي نچڻ شروع ڪندو هيو. ماڻهون چوڌاري ڪنا ٿيڻ شروع ٿي ويندا هيا. پولڙو اتي پيل ٽين جي دٻي مان چاقو هٿ ۾ کڻي وات مان آواز ڪڍي ماڻهن تي الر ڪندو هيو. ماڻهو پوئتي هٽي ويندا هيا ۽ هر طرف ٽهڪڙو مچي ويندو هيو. جڏهن هجوم وڏي ويندو هيو تہ مداري پولڙي کي ٻڌي ڇڏيندو هيو ۽ پولڙو آرام سان ويهي جسم کنهندو هيو. مداري گودڙيءَ مان ڪاٺ جو انساني انگ ڪڍندو هيو ان کي وچ مجموعي ۾ رکي چوندو هيو.

"آهي ڪوئي مجموعي ۾ جوان جو پٽ جيڪو وچ تي اچي ان کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي؟"

بيٺل ماڻهن مان ڪنهن کي همت نہ ٿيندي هئي تہ هو اڳتي وڌي سيني جي سامهون ان کي هٿ ۾ کڻي، اوچتو جمهورو هجوم مان نڪري اڳتي ايندو هيو ۽ اتي اچي اهو ڪاٺ جو ٽڪر پنهنجي هٿ ۾ کڻندو هيو. مداري بنسري چپن تي رکي ٻبڪٽي وڄائي هٿن کي گول ڦيرائيندو هيو تہ اهو ڪاٺ جو ٽڪر هن جي هٿن ۾ جڪڙجي ويندو هيو. نوجوان ان کي هٿ کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. اهو ان کي هيٺ جهٽڪا ڏئي ڪيرائڻ جي ڪندو هيو پر اهو ڪاٺ جو ٽڪر جڻ ان جي هٿ سان جمي ويندو هيو. هجوم ۾ ٽهڪڙا پئجي ويندا هيا ۽ پوءِ وري جڏهن هو بنسري ۽ ٻبڪٽي وڄائي هٿن کي ابتو ڦيريندو هيو تہ اهو ڪاٺ جو ٽڪر هن جي هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پوندو هيو. پوءِ هو مختلف ڪرتب ڏيکاريندو هيو. ٽين جي دٻي ۾ سڪو وجهي ان جهڙا ڪيترائي سڪا ٺاهي ڏيکاريندو هيو. هڪ رومال ۾ گهڙي ويڙهي ان کي ڏڪ هڻي ٽڪر ڪندو هيو ۽ پوءِ بنسري وڄائي جادو پڙهي رومال مان صحيح حالت ۾ ٻاهر ڪڍي ڏيکاريندو هيو. شيشي جي گلاس ۾ پاڻيءَ اندر رنگ وجهي ٻئي رنگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو هيو. هڪ رسيءَ کي وچ تان ڪٽي پوءِ ويڙهي کوليندو هيو تہ رسي پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندي هئي. آخر ۾ هو پنهنجو دل ڏاريندڙ ڪرتب ڏيکاريندو هيو. هو ٻکاڻ پيلي منهن واري جمهوري کي سمهاري چاقو کڻي ان جي زبان ڪٽيندو هيو جمهوري جي وات جي ڪناري کان رت ٻاهر وهندو هيو ۽ هو تڙپڻ لڳندو هيو.

“ٻچا جلدي ڪر چادر ڪڍي آ” مداري ٻار کي ڪاوڙ مان وڏي آواز ۾ چوندو هيو. ٻار ٽپو ڏئي اٿي گودڙيءَ مان چادر ڪڍي پيءُ کي ڏيندو هيو. جمهورو ائين شانت ٿي ويندو هيو جيئن هو مري ويو هجي. مداري چادر کولي هن مٿان وجهندو هيو ۽ پوءِ بنسري چپن تي رکي ڌٻڪٽيءَ وڄائي ان چوڌاريءَ گول ڦرندو هيو.

“انتر منتر، لال ٻجهڪڙ، پئسن جي آ کڙ کڙ کڙ کڙ، ڪائيندو مکڻ چورو، اٿندو هاڻي پٽ جمهورو!” مداري چوندو هيو ۽ پوءِ جڏهن هو جمهوري مٿان چادر هٽائيندو هيو ته جمهورو ڪلندو چادر هيٺان اٿندو هيو ۽ ماڻهو تاڙيون وڄائيندا هيا. مداري ٽين جو دٻو ٻار کي ڏيندو هيو ۽ ٻار جڏهن هجوم ۾ چڪر لڳائيندو هيو ته دٻي ۾ پئسن جي کڙ کڙ ٿي ويندي هئي. هجوم مان دٻي اندر ايترا پئسا ڪنا ٿي ويندا هيا جو هو پنج روپيا جمهوري کي ڏيندو هيو ۽ باقي پئسن مان ٽن سِرن واري چلهي تي رکيل ديگڙيءَ ۾ دال ٽهڪندي هئي.

ان ڪان پوءِ ڏينهن ڏاڍا خراب ٿي ويا، آسمان ۾ روز ايرنڊڙ سج جا رنگ ساڳيا نه آهن. وقت شڪاريءَ جي هٿ تي ويٺل باز جيان آهي، شانت آهي ته سنو. اڏامي ته ماري وجهي. ماڻهن مٿان اهي ڏينهن ڳوڙها گيس جي بادلن جيان هياجن مان لڙڪ وسندا هيا. مداري سج لٿي مهل گهر موٽندو هيو ته هن جي زال وڏي پائيپ اندر رلهيءَ تي ليٽيل هوندي هئي. ان جي کنگهه وقت سان وڌندي پئي وئي. ڪمزوريءَ ڪان اها اٿڻ ويهڻ لائق نه رهي هئي. مداريءَ جي هڙ ۾ ايترا پئسا نه هيا جو هو وان جو علاج ڪرائي سگهي. هو هڪ دفعي بشير آباد جي علائقي مان ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي آيو هيو. ڊاڪٽر هن جي زال جو معائنو ڪري ٻڌايو هيو ته “تنهنجي زال سلهه جي مريض آهي، هن جو مڪمل علاج ڪراءِ نه ته هن جي حياتيءَ کي خطرو آهي.”

پوءِ ان ڊاڪٽر هن کي دوائون لکي ڏنيون هيون جيڪي هو خريد ڪري نه سگهيو.

شهر جا سڀ روڊ جنگ جي ميدان ۾ تبديل ٿي چڪا هيا، ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي سخت قلم لاڳو ڪيو ويو هيو. مداريءَ لاءِ اهو ممڪن نه هيو ته هو وچ روڊ تي ماڻهو ڪنا ڪري پنهنجا ڪرتب ڏيکاري. هو واندن جيان گهر ٻاهران گند جي ڍيرن تي چڪر ڏيندو هيو. هو ڪڏهن ڪاٺ جي پيٽيءَ مان بنسري ڪڍي وڄائڻ شروع ڪندو هيو. ڀرسان گند تان ڪانءُ اڏامي هن جي اڳڻ تي لهندا هيا ۽ مايوس ٿي واپس اڏامي ويندا هيا. ٻار پيءُ جي پير ۾ ويهي بنسريءَ جا آلاپ ٻڌندو هيو.

“بابا مون کي بنسري سيکار.” ٻار پيءُ کي چوندو هيو “مان اها تو وانگر وڄائيندس.”

مداري بنسري چپن تان هٽائي ٻار کي ڏيندو هيو ۽ ٻار ان کي چپن تي رکي سوراخن مٿان ابتيون سبتيون آڱريون ڦيرائيندو هيو. مداري ٻار جي اهڙي حرڪت تي کلندو هيو.

“اڙي ائين نه پوڪ” هو چوندو هيو “او... هيئن”

هو بنسريءَ کي ٻار جي هٿن ۾ سڌو جهلڻ لاءِ چوندو هيو ۽ پوءِ هن جي آڱرين کي پنهنجي هٿن سان حرڪت ڏيندو هيو. ٻار وڏي شوق مان بنسري سکندو هيو. جڏهن ماءُ جي تڪليف حد کان وڌي ويندي هئي ته ٻار ان جي دل وندرائڻ لاءِ بنسري ڪڍي هن مٿان ويهي وڄائڻ شروع ڪندو هيو ۽ ان جي بي ترتيب سرن ۾ ماءُ وڏو سڪون محسوس ڪندي هئي. اها هن جي اٽڪين وارن ۾ هٿ ڦيريندي هئي ۽ پوءِ هن کي پنهنجي ڇاتيءَ لائي ڇڏيندي هئي.

ٻار ڪڏهن سيمنٽ جي وڏي پائيپ مٿان چڙهي ويهي رهندو هيو ۽ انهن فوجي گاڏين کي ڏسندو هيو جيڪي سرڪٽ هائوس ڏانهن اينديون وينديون هيون. انهن جي وڄندڙ سائرن جا آواز هر وقت فضا ۾ گونجندا رهندا هيا ۽ ٻار پائيپ تي ويهي وات مان ساڳيا تيز آواز ڪڍندو هيو.

“آمريت مرده آباد” هڪ دفعي هن پائيپ مٿان ويهي نعرو هنيو. هن جو پيءُ هڪدم پائيپ اندران نڪري ٻاهر آيو ۽ ٻار کي هٿ هن کي وهائي ڪڍيائين.

“لهه هيٺ” هن چيو ۽ ٻار ٽپو ڏئي هيٺ لهي پولڙي جي ڀرسان اڇي ڪاٺ جي پيٽيءَ تي ويهي رهيو هيو. ٻار کي ڪا خبر نه هئي ته ان نعري جو مطلب ڇا آهي. هن اهو نعرو ٻئريج روڊ تي مظاهري دوران ٻڌو هيو.

انهن ڏينهن ملٽري روڊ تي گاڏين جي اچ وڃ وڌي وئي هئي. شهر ۾ پرپاسي ڳوٺن ۾ ماڻهو مقابلي لاءِ هٿيار کڻي ٻاهر نڪري آيا هيا. فضا ۾ هر هر هيليڪاپٽرن پرواز پئي ڪيو. مداريءَ کي ڪنهن ٻڌايو تہ ڳوٺن تي بم وسايا ويا آهن ۽ سوين ماڻهو ٽينڪن هيٺان اچي ماريا ويا آهن. انهن افراتفريءَ جي ڏينهن ۾ مداريءَ جي زال جي طبيعت ڏاڍي خراب ٿي وئي. اها ڪنگهندي سيني تي هٿ رکي هيٺ ڪري پئي. مداريءَ سهارو ڏئي ان کي پائيپ اندر سمهاريو ۽ ٻاهر اڱڻ ۾ پولڙي اڳيان اچي روئڻ لڳو پوءِ هن ڪاٺ جي پيٽي کولي ان مان گودڙي ٻاهر ڪڍي پنهنجي ڪلهي ۾ وڌي ۽ تِوال مٿي کي ويڙهي هن ٻار ۽ پولڙي کي ساڻ ڪري شهر جو رخ ڪيو.
هو جڏهن بئريج روڊ تي پهچڻ وارو هيو تہ پري کان هن کي اپ ڦاڙ نعرا ٻڌڻ ۾ آيا. اتي هر طرف ماڻهن جا ڪارا مٿا هيا ۽ هر هر هٿ هوا ۾ بلند ٿي رهيا هيا. اتي ان ڏينهن مشهور اديب کي گرفتار ڪيو ويو هيو. ڪجهہ ماڻهو جنرل ضياءَ جو پتلو کڻي آيا ۽ ان کي اتي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو. نعرن جا آواز تيز ٿي ويا ۽ ان سان گڏ ڳوڙها گيس جا گولا هر طرف ڪرڻ لڳا. پوري ماحول ۾ فائرنگ جي آواز تي ڌماڪاءَ ڦهلجي ويو. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن گهٽين ۾ ڀڳا. مداري بہ پولڙي ۽ ٻار کي ساڻ ڪري مياڻي روڊ طرف روانو ٿي ويو. هو پاسا ونندو ڪپڙي مارڪيٽ جي ڪنڊ وٽ پهتو تہ هن کي پري کان جمهورو نظر آيو.
"مري ويا سي استاد" جمهوري هن وٽ ويجهو ايندي چيو "ڇڱو ٿيو ملاقات ٿي وئي. ڀڳي جو ڪجهہ تہ آسرو ٿيو."
هو جمهوري کي ساڻ ڪري بندر روڊ طرف هڪ گهٽيءَ ۾ مڙيو. اتي ڪجهہ سانت هئي. ٿورا گهڻا ماڻهو هيا جيڪي اتي نظر اچي رهيا هيا. مداريءَ ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ اها جاءِ مناسب سمجهي. هن گودڙي هيٺ لاهي ان مان بنسري ۽ ڊبڪٽيءَ ڪڍي وڄائڻ شروع ڪئي. پولڙو ابتا سبتا ٽپا ڏيڻ لڳو. ڪجهہ ماڻهو ڪنا ٿي ويا. پرسان هوٽل تي ڪجهہ واندا ويٺل مهاڻا بہ اچي مجموعي ۾ بيٺا ۽ مداريءَ پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيا. اڃا هو ڪرتب ڏيکاري ئي رهيو هيو تہ پرسان پوليس جي گاڏي اچي بيٺي، پوليس گاڏيءَ مان لهڻ سان ماڻهن تي لٺيون وسائڻ شروع ڪيون. سڀ وٺي ڀڳا. خوف کان پولڙو ٺهي رڙيون ڪرڻ لڳو ٻن پوليس وارن مداريءَ کي اچي ڳچيءَ کان جهليو ۽ هن کي منهن ۾ ڏک هنيا جنهن کان هن کي مٿي تي ويڙهيل تِوال هيٺ ڪري پيو. ٻار روئندو اڳتي وڌيو ۽ ان پيءَ جو تِوال هٿ ۾ ڪنيو. جمهورو وجهہ وٺي ڪنهن گهٽيءَ ۾ ڀڄي ويو. پوليس مداري کي ماريندي گاڏيءَ ۾ ويهاري وٺي وئي. روڊ تي ٻار ۽ پولڙو رڙيون ڪندا رهيا. سڄو روڊ سنسان ٿي ويو. ٿوري دير کان پوءِ جمهورو هڪ گهٽيءَ مان ظاهر ٿيو. ان مداريءَ جو وکريل سامان گودڙيءَ ۾ وڌو پوءِ هو ٻار ۽ پولڙي کي ساڻ ڪري ملٽري روڊ طرف روانو ٿيو. جڏهن هو گهر پهتو تہ مداريءَ جي زال جي طبيعت ڏاڍي خراب ٿي چڪي هئي. اها اڌ بيهوش پائيپ اندر رلهي تي پيل هئي. جمهوري ٻار ۽ پولڙي کي اتي ڇڏي وٺي پويان پير ڪيا، ٻار پائيپ اندر وڃي روئڻ لڳو. اڌ بيهوش ماءُ جون اکيون آهستي کليون. انهن ۾ ڳوڙها پرجي آيا ۽ اهي اکين جي ڪنڊن کان وهندا هيٺ مري وهاڻي ۾ جذب ٿي ويا.
"امان... پوليس بابا کي پڪڙي وئي" ٻار سڏڪندي چيو "بابا جي وات مان رت وهي رهيو هيو."
ماءُ هٿ ٻار جي مٿي تي رکيو ٻار روئندو رهيو ۽ ان پنهنجي ڦاٽل قميص سان ڳوڙها اگهيا. ماءُ محسوس ڪيو ٻار جو منهن ۽ چپ خشڪ آهن. ان ڪجهہ نہ کاڌو آهي، اهو بکايل آهي. اها رلهيءَ تان رڙهندي پائيپ مان ٻاهر نڪري آئي. ٻاهر چلهہ وٽ پليٽ ۾ پاڻيءَ اندر سڪل ماني پيل هئي. هن اها کڻي ٻار کي ڏني ۽ پوءِ هو ميري پاند سان اکيون اگهي کائڻ لڳو. ماءُ اتي ئي چلهہ پرسان پاٿاريءَ تي سمهي پئي ۽ پٽ جي منهن ڏانهن ڏسندي رهي. ٻار هر شيءِ وساري کائڻ ۾ محو ٿي ويو. اوچتو هن جي نظر ماءُ جي منهن تي پئي. ان جون بي جان اکيون ٻار ۾ ڪتل هيون ۽ ان جي وات مان ڪنارن کان رت وهي رهيو هيو. ٻار جو گرهہ هن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو. هن ڳيت ڏئي ان کي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. هو اٿيو ۽ ماءُ مٿان اچي هن کي لوڏڻ لڳو. اها چلهہ پرسان شانت ليٽيل هئي. هن جون اڌ اکيون کليل هيون. ٻار ڏک مان ماءُ جي پيلي منهن کي ڏسندو رهيو. ان جي وات مان رت ائين وهي رهيو هيو جيئن مداريءَ ان جي زبان ڪٽي ڇڏي هجي. هن کي ماءُ جو منهن جمهوري جي منهن جيان نظر آيو جيڪو چڻ

ماڻهن جي وچ ۾ بي سڌ ليٽيل هيو ۽ ان جي وات جي ڪنارن کان ڳاڙهو رت وهي رهيو هيو. ٻار محسوس ڪيو هن جي ماءُ جي زبان جمهوري جي زبان جيان ڪٽجي چڪي آهي. اها مري رهي آهي.

ٻار ڏڪندو ميري گودڙيءَ مٿان آيو. هن ان مان چادر ٻاهر ڪڍي ڪولي ماءُ مٿان وڌي, هن پيءُ جو توال مٿي تي ويڙهيو ۽ پوءِ هو بنسري چپن تي رکي هٿ سان ڏبڪٽي وجائي ماءُ جي چوڌاري گول ڦرڻ لڳو.

"انتر منتر, لال بجهڪڙ, پئسن جي آ ڪڙ ڪڙ ڪڙ. ڪائيندو مکڻ چورو, اٿندو هاٽي پٽ جمهورو"

هن مداريءَ جيان چيو ۽ ڪاٺ جي پيٽيءَ تي ويٺل پولڙو تاڙيون وڄائڻ لڳو.

❖

# وقت جو بادشاهه

انتر منتر
جادو جنتر
ماڻهو بندر
ڪنيءَ ۾ ڪک
چلهه ۾ رک
ٺڪي پاڻي
ٻاڦ جو راڄا
ڏونهي جي راڻي

اهي ڏاڏا احمد زوار جي عروج جا ڏينهن هيا. هو ڪارو ڪوٽ پائيندو هيو جنهن سامهون کيسي مان وڏي منهن واري واچ جي چمڪندڙ زنجيري ٻاهر لڙڪي ڪاڄ وٽ اٽڪيل هوندي هئي. ٻيڙين جي ويڙهي سدائين هن جي کيسي ۾ پيل هوندي هئي هر ڳالهه شروع ڪرڻ کان اڳ هو هٿ وجهي کيسي مان ٻيڙين جي ويڙهي ٻاهر ڪڍي جلدي ۾ تيلي ٻاري وات جي ڪنڊ ۾ قاتل ٻيڙي دڪائي هڪ ڪش هڻندو هيو ۽ اطمينان سان پنهنجي ڪڙي آواز ۾ ائين ڳالهائيندو هيو جو لفظ هن جي وات مان شڪل ناهي ٻاهر نڪرندا هيا. لفظ هن جي وات مان ڌرتيءَ تي ڪري گهمڻ لڳندا هيا.

ڏاڏي احمد زوار وٽ هڪ گيڙو رنگ جي گودڙي هئي, هو ڪڏهن ان کي کولي شيون ٻاهر ڪڍي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هيو. هن جي گودڙيءَ ۾ قيمتي ٻڙا هوندا هيا. هڪ وڏي تسبيح هئي جنهن جي ڪاري پٿر جا مڻيا اخروٽ ڪان به وڏا هيا. ڪولابا ۾ ڪننا هيا جن تي ديوناگريءَ ۾ لکيل لفظ قطار ۾ هلندڙ ماڪوڙن جهڙا هيا. هڪ ٽامي جي ڏکي سيٽي هئي جنهن تي اهڙي گهوڙي جي تصوير هئي جنهن کي نڪ وٽ سڱ هيو. هن وٽ چانديءَ جا چار سڪا هيا جن تي وقت جي بادشاهه جي مورت هئي جيڪو هڪ وڏي پڳ پائي اکيون بند ڪري جڻ مئل حالت ۾ ليٽيل هيو. ان کي منهن تي ڏاڙهي ۽ مڇون هيون. ان جي منهن جا هڏا ٻاهر نڪتل هيا. ان جو ڏگهو نڪ ۽ سنها چپ ڪنهن ڏکي سڙهه واري ٻيڙيءَ جيان لڳي رهيا هيا. اهي چار سڪا هن ڪيترن پارکن ۽ ماهرن کي ڏيکاريا پر ڪوئي نه ٻڌائي سگهيو ته اهي ڪهڙي دور جا آهن ۽ اها ڪهڙي بادشاهه جي تصوير آهي. انهن سڪن تي اڪريل لفظ ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آيا. احمد زوار جڏهن به ڪن معتبرن جي محفل ۾ ويندو هيو ته هو گيڙو رنگ جي گودڙيءَ مان اهي سڪا ڪڍي چمڪندڙ سنهي زنجيريءَ ۾ ٻڌل وڏي منهن واري واچ پويان ڳجهي خاني وارو ڍڪڻ کولي ان ۾ لڪائيندو هيو ۽ پوءِ اتي ان محفل ۾ ڏيکاري هر هڪ کان راءِ وٺندو هيو. اهي چانديءَ جا سڪا ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آيا. اتي اکيون ٻوٽي پٽڪو پائي گهري ننڊ ۾ ستل وڏي ڏاڙهيءَ واري بادشاهه کي ڪنهن نه سڃاتو.

چانديءَ جي انهن چئن سڪن پويان هڪ ڪهاڻي هئي, هڪ رات ڏاڏو وڏي سوچ ۾ هيو پورين اکين واري گلڻ ڪونڊي ۾ وجهي رهڙي ڏاڏي کي اهڙي پياري جو هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون. هن هٿ وجهي کيسي مان ٻيڙي ڪڍي دڪائي مٿي منهن ڪري ڌونهون هوا ۾ ڇڏيو. پوءِ هن چانديءَ جي چئن سڪن جي ڪهاڻي ٻڌائي.

“ڪو وقت هيو جو ٻئريج روڊ تي ڳاڙهي بازار جي ساڄي پاسي ڍورن جي اسپتال ٻاهران ايڏو ته ڏگهو الم لڳل هوندو هيو جو رات جي وقت عرش ۾ اپرندڙ چنڊ به پاسو ڪري لنگهيندو هيو. ان الم هيٺان ناريل جي ڪاٻر جي ٿهيل پاٿاريءَ تي هڪ فقير ليٽيل هوندو هيو. فقير جي ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار جميل هوندا هيا. ان جو جسم ٿلهو ۽ قد ڏگهو هوندو هيو. روڊ رستي تي ان کي ڪا اڳڙي نظر ايندي هئي ته اها پوشاڪ سان ٻڌي ڇڏيندو هيو. سوين مختلف رنگن واريون اڳڙيون هن جي جسم تي لڙڪنديون هيون. اهو ٿلهي جسم وارو فقير جڏهن ڳالهائيندو هيو ته هن جي

ٻڌي مان عورت جهڙو سنهو آواز نڪرندو هيو. ماڻهو ان کي اڌ قلندر چوندا هيا. جڏهن سج لهندو هيو تہ معصوم شاهہ مناري جي لاهيءَ هيٺان فائر برگيڊ وٽ لڙڪندڙ لوهہ تي هٿوڙي هڻي وقت جو اعلان ڪيو ويندو هيو. ان وقت ڏمال جو آواز گونجندو هيو. اڌ قلندر زناني آواز ۾ نعرو هڻي پنهنجي پاٿاريءَ تان اٿي گول ڦيراٽيون پائي نچڻ لڳندو هيو. هن جي هٿ ۾ ڪاري رنگ جو ڏنڊو هوندو هيو. جڏهن هو گول ڦرندو هيو تہ مختلف رنگن واريون اڳڙيون هڪ رنگ ۾ تبديل ٿي وينديون هيون. ڏمال هڻندڙ شخص وار کولي ڏونڪن کي ائين وهائيندو هيو جيئن هو تکين ڪاٺين سان قيمو ٺاهيندو هجي. فقير جي ڦيراٽين تي پورو شهر گول ڦرندو هيو. پري کان قديم قبرستان جو مجاور علائو ٻڪندو اتي پهچندو هيو ۽ فقير کي پاڪر وجهي روڪي هيٺ ويهاريندو هيو.

"قبرون ڏري پونديون... هو جاڳي پوندا!" هو سهڪندي چوندو هيو.

ڏمال ٽپيل ڏاتوءَ جيان ٿڏي ٿي ويندي هئي ۽ اڌ قلندر اڪيون ٻوٽي ناريلن جي ڪاٻر واري پاٿاريءَ تي ويهي رهندو هيو.

"رقص عبادت آهي" هو سنهي آواز ۾ چوندو هيو "رقص زندگي آهي... رقص گردش آهي."

ان قديم قبرستان ۾ سنڌوءَ ڪناري مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ مهاڻن جون قبرون هيون. اهو اتي ان وقت کان هيو جڏهن شهر مٿي پهاڙيءَ تي نهيل هيو. هيٺ ڪجين جا باغ هيا ۽ واٽين جون واڙيون هيون جن تي ايٽ هلندا هيا.

اها چوڏهينءَ جي رات هئي، قبرستان جي ڪٻڙن ۾ گدڙ اونائي رهيا هيا، جڏهن ٻارهن گهنڊ لڳا تہ اوچتو اڌ قلندر کي دورو پيو. هن جو ٿلهو جسم ڏڪڻ لڳو.

"رقصم سرورم... رقصم سرورم..." هن زناني آواز ۾ وٺي رڙيون ڪيون. هو پاٿاريءَ تان اٿيو ۽ ڏما لچيءَ کي آگر سان اشارو ڏنو. شهر جي خاموش وايو منڊل ۾ هر شيءِ ٿرٿلي ٿي وئي. فقير ڪارو ڏنڊو هٿ ۾ کڻي نچڻ شروع ڪيو ۽ ڏمالچيءَ جا وڏا وار هر هن جي ڪلهن تي پئي ڪريا. آس پاس آکيرن ۾ ويٺل جهرڪيون خوف مان وٺي اڏاميون ۽ اوندهہ ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجڻ لڳيون. ڏمال جي هر ڏونڪي تي آسمان مان هڪ تارو هيٺ ڪري رهيو هيو. ان رات قديم قبرستان جي مجاور علائوءَ جي اک نہ کلي، فقير نچندو رهيو ۽ هن جي لباس تي گول ڦرندڙ اڳڙين مان رنگ ڇڻي پري ڪرڻ لڳا. اتي اڌ قلندر کي روڪڻ وارو ڪو بہ نہ هيو. هو گول ڦرندو رهيو ۽ ڌرتي ابتي پاسي گردش ڪرڻ لڳي.

ڪا گهڙي گذري تہ مڪراڻي محلي جي پڳل قبرستان جي پٽ وٽان ڪا وڏي ڇڄ ظاهر ٿي. ان ڇڄ ۾ سوين ماڻهو هيا جيڪي دهلن ۽ شرنائين سان پريان نچندا پئي آيا. انهن ۾ اڇي ڪاڏيءَ جي قميص ۽ پاجامو پاتل ننڍي قد وارو حڪيم هولا رام بہ هيو. جنهن جي مٿي جا اڇا وار سخت ٿوهر جي ڪنڊن جهڙا هيا. اهو ڪلندو هيو تہ ان جا ڏند پٽ تي لڳل تازي چوني جهڙا هوندا هيا. اهو هر مريض کي ليمي جو شربت ۽ ٽين جي دٻي ۾ ڪنڊ وارو معجون ڏيندو هيو. ان کان جڏهن ڪنهن پڇيو هيو تہ "سيني مريضن کي ساڳي دوا ڇو ٿا ڏيو؟" تہ هن مرڪي چيو هيو "بابا مون وٽ ان ڪانسواءِ آهي ڇا؟ اتي صوفي درمل بہ هيو جيڪو گيڙو رنگ جي پڳ پائي نچي رهيو هيو. ان صوفيءَ کي انسانن ۽ جيتن سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. هڪ دفعي سندس سامهون ماڪوڙي کي ماري رهيو هيو تہ ان کي روڪي انسانيت جو درس ڏنو هيائين "مخلوق کي مارڻ نہ پيار ڪبو آهي" پوءِ ماڪوڙي تي پيار مان هٿ ڦيريائين تہ ماڪوڙو بہ اڏ ٿي ويو. اتي بئريج روڊ جو اهو پوڙهو پڪوڙائي بہ موجود هيو جنهن جي نوڙهي مٿي تي هڪ مرچائي پڪوڙي جهڙي ٻوڙهي هوندي هئي. اتي اهو ڪاري رنگ جو هندستاني بہ هيو جيڪو هڪ پٽر کي تيل هڻي چمڪائي ٻار وانگر چيلهہ تي رکي چادر پائي هر هر وات مان سمجهہ ۾ نہ ايندڙ جملو ڪڍندو هيو. جنهن کي هڪ مڪراڻيءَ ان ڪري ٽڪر هنيو هيو تہ ان جي خيال ۾ هو پنهنجي زبان ۾ گاريون پيو ڪڍي. انهن ۾ اهو چريو بہ شامل هيو. جنهن جي چريائپ تي سيني شڪ جو اظهار ڪيو هيو ڇو جو هن کي جڏهن چريو چريو ڪري چڙائي رهيا هيا تہ هن چڙ مان سٿڻ لاهي پنهنجن ڏي اڇلائي هئي. اها نڪ ڪٽيل وئشيا بہ هئي جنهن جو اگهہ بازار ۾ سيني کان گهٽ هيو ۽ هر جمعي تي چانورن جي ديڳڙي مسجد ۾ وچي نمازين ۾ ورهائيندي هئي. اتي بہ همشڪل پيءُ پٽ بہ

هيا جن کي ماڻهو ڄاڙا پائر سمجهندا هيا. اهو رازو بہ هيو جيڪو چانهہ کي پيئڻ کان اڳ چانهہ کان اجازت وٺندو هيو. اهو گجراتي ڀهروپيو بہ هيو جيڪو وار مبارڪ تي سروتو اولاري ماڻهن کان پئسا اوڳاڙيندو هيو. اتي هر قسم جا ماڻهو موجود هيا. پر وڏو انگ انهن مهاڻن جو هيو جن جي ڪارڻ ۾ ان رات مڇيءَ بدران گل هيا. اها فدا حسين فگارو جي شادي هئي. گهوٽ هڪ ڪاري ڪميت تي موڙ ٻڌي ويٺل هيو ۽ ان پويان ڇهن سالن جو ٻارڙو گلابن جون ڪنڍيون پائي هن کي چيلهہ ۾ ڀاڪر وجهي ويٺل هيو. ڄڃ ۾ رڳو هوڪرا هيا ۽ ماڻهن بہ آڱريون زبان هيٺان رکي پئي سيٽيون وڄايون. اڳيان هلندي نبن لنگهي سڄي ڄنگهہ تي دهل رکي زور سان پئي ڪٽيو ۽ توتليءَ واري ڳتا ڦوڪي وٺي جو زور پئي ڏنو تہ هن جي سڄيل ڳڇيءَ تي رڳون سڪل ٻوٽي جي ڏانڊين جيان پئي ظاهر ٿيون. ٻجلي ڪدڙي ٻاهون کولي ڇاتي لوڏي تہ هن جي رڳ رڳ اڏامندڙ پنيوريءَ جي پرن جيان پئي ڏڪي. گلڻ نچندي تاڙي وڄائي ۽ چيو.

"ڪاري جي مڇي؟"

سيني گڏجي جواب ڏنو.

"ڄرڪو

وٺي هٿ تنهنجي مان سهٽي،

ڏئي چڏائي سرڪو

ڪچي ڪنديءَ سان ميهر،

نہ ڪم اهڙو تون ڪرڪو"

دهل جي ٿاپ تي تاڙيون تيز ٿي ويون. ربوءَ ور مان ڪيٽرو جي بوتل ڪڍي ۽ هو توتليءَ واري اڳيان بوتل مان هر ڍڪ تي سرور مان لهرائي ٽيڙ ڪائي نچڻ لڳو. هن جي ٻئي هٿ ۾ پڳڙا هيا، جيڪي هڪ هڪ ڪري وات ۾ اڇلائي چٻاڙي رهيو هيو. اهو نچندو اوچتو دهلاريءَ اڳيان ڄنگهون پنجي گوڏن ڀر ويهي ڇپو تي پويان روڊ تان وات سان نوٽ ڪٽڻ لڳو. دهل جو آواز تيز ٿي ويو. هجوم مان ڪنهن وڏي آواز ۾ چيو "ڪاري جي مڇي؟"

سيني گڏجي سر ۾ چيو.

"جهينگو

او امڙ ڪيندي سهٽا،

نڪ تنهنجي جو گينگو

پينر پاڳ پلا ٿين،

شل جهولي تنهنجو پينگهو"

ڄڃ مڪراڻي پاڙي کان اڳتي وڌندي ٻئريج روڊ تي آئي. ڄڃ ۾ اڳيان هڪ وليز جيپ هئي جنهن تي وڏين اڏامندڙ هل جي پرن جهڙين مڇن سان ٿلهي جسم وارو پوڙهو غازي ويٺل هيو. ان کي وڏو ٽوپ ۽ خاڪي چڊي پاتل هئي. ان کي گوڏن تائين ڊگهو بوٽ پيرن ۾ هيو. غازيءَ بندوق جو پٽل وارو گهوڙو چاڙهي هر هر هوائي فائر پئي ڪيا ۽ هڪ نيري بخمل جي ڳوٿريءَ مان چانديءَ جا سڪا ڪڍي پئي ماڻهن مٿان اڇلايا. بندوق جي هر هوائي فائر کان پوءِ سڪن جو مينهن پئي وسيو ۽ هر سڪي مٿان ماڻهن جا ولر پئي ڪريا.

ڄڃ اڳتي وڌندي پيرا ڊائيز ٿيٽر وٽ پهتي، دهل جي ٿاپ تي ماڻهو تاڙيون وڄائيندا گول دائرو ٺاهي بيهي رهيا. گلوءَ وات ۾ گاسليٽ وجهي هٿ ۾ ٻاهہ جو شعلو ڪٽي وٺي جو ڦوڪ ڏني تہ مٿي اڏامندڙ پيٽڙ ۾ سڄو شهر روشن ٿي ويو. ماڻهن آڱريون زبان هيٺان رکي سيٽيون وڄايون. پوءِ گلوءَ ٿلهي آواز ۾ چيو "ڪاري جي مڇي؟"

سيني گڏجي ڳايو.

"ڪرڙو

مسلم ڪائن ماني،

واٽيا ڪائن وڙو
ڪنوار تنهنجي در جو
ڪير لاهيندو ڪڙو؟”

وليز جيپ ۾ وينل غازيءَ مٿي ڪنڌ ڪري بندوق مان فائر ڪيو ۽ بخمل جي ڳوٿريءَ ۾ هٿ وجهي مٺ پري ماٿهن مٿان وسائي. دهلن دمامن سا ڇڄ اڳتي وڌندي لال بازار جي ڪنڊ وٽ پهتي. دلبريءَ جي آستاني وٽ ماٿهو تاڙيون وڄائيندا وري گول دائري ۾ بيهي رهيا. دائري جي وچ ۾ اڌ اگهاڙو روڊ ماسٽر اچي بيٺو. روڊ ماسٽر بئريج روڊ تي اڪثر ان وقت نظر ايندو هيو جڏهن گرميءَ جا ڏينهن هوندا هيا ۽ روڊ جو ڪارو ڏامر تازي پڪل افراتي جيان نرم ٿي ويندو هيو. هن ڪي ميرا ڦاٽل نامڪمل ڪپڙا پاتل هوندا هيا. هن جو روڊ تي هلڻ ڏاڍو عجيب هوندو هيو. هو آرهڙ جي رجنڌڙ روڊ تي اگهاڙن پيرن سان هڪ قدم اڳتي هلندو هيو ۽ ٻہ قدم پوئتي ڪٽندو هيو ائين هو اڳتي وڃڻ بدران پوئتي ٿيندو ويندو هيو. ان رات وڄندڙ تاڙين وچ ۾ هو اگهاڙو ٿي بيهي رهيو تہ ٺهڪڙا پئجي ويا. دهلاريءَ وٺي دهل تي زور ڏنو. بجلي ڪڙڪو نانگ جيان ٻانهون اڳيان پويان ورائي نچندو هن جي پيڪ ۾ آيو تہ مِڪر ڪري سڌڪن ۾ مڇي ويو. پوءِ سينو ڪٽي هن اتي وڏي دردناڪ ناچ جو مظاهرو ڪيو. گلوءَ وچ ۾ ٽپو ڏنو هن گاسليٽ وات ۾ وجهي هٿ ۾ جهليل شعلي کي ڦوڪ ڏني تہ پري پري تائين رات جي ڪارنهن نارنگي ٿي وئي. ربوءَ بوتل مان ڪيٽرو جو ڍڪ پري پڳڙو وات ۾ اڇلايو ۽ ڇپاڙي ٽيڙ ڪائيندي چيو.

“ڪاري جي مڇي؟”

سيني تاڙيون وڄائيندي چيو.

“ملي،
پنهل تنهنجي پوک جي،
پٽيندا سي پلي
رهبر ٿيندو هر دم تنهنجو
مولا علي ولي”

ان رات عرش ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ تيزاب سڙيل عورت جي منهن جهڙو ڏسجي رهيو هيو. ان اڳيان جهڙ جا ٽڪر ٽڪيل قدمن سان هلي رهيا هيا. ڇڄ لال بازار جي ڪنڊ کان مڙي قديم قبرستان جي اوپر طرف شيدي بادشاهہ جي درگاهہ سامهون پهتي. اتي وليز ۾ وينل غازيءَ بخمل جي ڳوٿريءَ ۾ هٿ وجهي آخري پيرو چانديءَ جا سڪا ماٿهن تي وسايا.

اوچتو آذان جو آواز آيو. گهوٽ ڪاري ڪميت تان هيٺ لهي درگاهہ جي چانٺ چمي سلاميءَ لاءِ اندر ويو تہ گم ٿي ويو. ڏکڻ کان سنڌوءَ جي تيز هوا لڳي ۽ پوري ڇڄ ڪکن جيان اڏامي وئي. هوا ۾ رک سمنڊ جي لهرن جيان هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي. پوءِ هر طرف سانت ڇانئجي وئي. روڊ ويران ٿي ويا ۽ مان اڪيلو درگاهہ ٻاهران بند پيل گلن جي دوڪان سامهون نهيل دڪي تي وينو هئس. منهنجي هٿ ۾ اهي چانديءَ جا چار سڪا هيا جيڪي مون ڇڄ سان هلندي هٿ ڪيا هيا.”

هڪ دفعي مون ڏاڏا کي عرض ڪيو “جيڪڏهن اهي سڪا ڏيو تہ ڪنهن پارکوءَ کي ڏيکاري انهن جي حقيقت معلوم ڪيان. هن ڪيسي مان وڏي ڊائل واري واچ ڪڍي ان جي پوئين پاسي کان ڳجهي خاني کي کولي اهي سڪا مون حوالي ڪيا. مون اهي ڪيترن ئي پارکن ۽ تاريخدانن کي ڏيکاريا. پر انهن مٿان اڪريل الفاظ ۽ بادشاهہ جي نهيل تصوير کي ڪو بہ سمجهي نہ سگهيو. مون مايوس ٿي اهي سڪا ڏاڏا کي واپس ڪرڻ چاهيا پر ڏاڏي واپس نہ ورتا ۽ مون اهو سوچي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيا تہ مٿان ڪو اهڙو ساڄاهہ وند ماڻهون ملي وڃي تہ ان آڌو رکي اها ڳجهارت پڇي سگهان تہ اهي ڪهڙي دور جا اوائلي نشان آهن.

اهي سياري جا ڏينهن هيا, ڏاڏي جي طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي, هو ڳوٺ کان موٽيو هيو ۽ پڳ هن جي مٿي کي ويڙهيل هئي. هن کي سيني ۾ سخت سور محسوس ٿي رهيو هيو ۽ هو ڏکيا ساهہ کڻندو کٽ تي پيل وهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيو ويرم نہ لڳي تہ ڏاڏي جا ساهہ بند ٿي ويا ۽ هو اکيون ٻوٽي سانت ٿي ويو. مان ڏڪندو هن مٿان پهتس. ڏک ۽ حيرت مان هن جي منهن ڏانهن ڏسندو رهيس. مون اهي چانديءَ جا چار سڪا ٻاهر ڪڍيا ۽ اتي اُڪريل بادشاهہ جي تصوير کي ڏٺو. چانديءَ جي سڪن تي اڪريل بادشاهہ جي تصوير ڏاڏا احمد جي هئي جيڪو وڏي پڳ پائي اکيون بند ڪري چڙ مئل حالت ۾ ليٽيل هيو. ان کي منهن تي ڏاڙهي ۽ مڇون هيون. ان جي منهن جا هڏا ٻاهر نڪتل هيا. ان جو ڏکهو نڪ ۽ سنها چپ ڪنهن ڏکهي سڙهہ واري ٻيڙيءَ جيان لڳي رهيا هيا.

منهنجين اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا, مان ڏاڏي مٿان ويهي روئندو رهيس ۽ پوءِ سوچيم, واقعي احمد زوار پنهنجي وقت جو بادشاهہ هيو.

❖

# ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل بورچيخانو

اي بورچي!
بي حد بڪايل جي
اٻاريل اڳيان نہ رکجانءِ
هو هٿ ساڙي ويهندو

تن ڏينهن اتي ايڏو تہ ڪوهيڙو هوندو هيو جيئن ڏرتيءَ تي ڏنڊ ڪانسواءِ ڪنهن شيءِ جو وجود ئي نہ هجي. ڪجهہ نظر نہ ايندو هيو. نظرن جي چوگرد ڪوهيڙي مان شڪليون ٺهنديون ۽ ڊهنديون هيون. ان ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل گهر اندر ڇهہ ڀاتي هيا. هڪ هو پاڻ، هن جي زال، ٻہ ڌيئر ۽ ٻہ پٽ.
ڪوهيڙو ايڏو تہ گهرو هوندو هيو جو بس نظر گهرجي ٻاهرين در تائين ويندي هئي. در مٿان ڪاٺ جا ننڍا سوئا ائين ٺهيل هوندا هيا جيئن مٿان ڪو ڏنڊ ڪڍي اندر ڏسندو هجي. گهر اندر هڪ بورچيخانو هيو جنهن اندر ماءُ رڌ پچاءَ ۾ مصروف هوندي هئي. بورچيخاني اڳيان هڪ ڪاٺ جي پراڻي ٽيبل رکيل هوندي هئي جنهن چوڌاري ڇهہ ڪرسيون ائين پيل هونديون هيون جيئن سنهڙين ڇنگهن وارا بڪايل ڪاڏي جو انتظار ڪندا هجن. اها ڪاٺ جي ٽيبل ۽ ڪرسيون هن هڪ راهہ ويندڙ ڪٻاڙيءَ کان ورتيون هيون، جيڪو عجيب غريب شيون ان تي رکي ڪڏهن ڪوهيڙي ۾ اتان لنگهيو هيو. ان هن جي در ٻاهران آواز ڏنو هيو. هن در کولي سڀ کان پهريون ان کي اتي ويهاري ماني کارائي هئي ۽ ان ڪٻاڙيءَ مانيءَ جي تعريف ڪئي هئي.
“ڪاڏي جي ذائقي مان خاندان جي خوشحاليءَ جي خبر پوندي آهي.” ان چيو هيو “واهہ جو ذائقو آهي.”
ان ڪٻاڙيءَ وٽ عاج جا چار ننڍا بت هيا جيڪي اٺ جي ڳچيءَ ۾ رسي سان ائين لڙڪي رهيا هيا جيئن گهنٽو ڏئي اٺ جو ساهہ ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. اتي هڪ ٽٽل يڪتارو هيو. پراڻيون چندن جي ڪاٺ جون ڦٽيون هيون. ٽي چمڙي جا بوٽ، ٽامي جا فيروزي ڪٽ لڳل برتن، هڪ گنبذ نما پکين جو پڃرو، جست جي چادر جي ڇٻي پيٽي ۽ ڪجهہ ناسي رنگ جون ٽوپيون هيون جن تي اڳيان چنڊ ستارو ٺهيل هيو. هڪ اٺ جي پٺيءَ تي ڪاٺ جي پراڻي ٽيبل ۽ ڇهہ ڪرسيون ائين ٻڌل هيون جيئن اهي ڪنهن فاتح جو انتظار ڪنديون هجن. هن ڪٻاڙيءَ کي ان ٽيبل ۽ ڪرسين جي خريد لاءِ چيو. ڪٻاڙيءَ اٺ کي هيٺ ويهاري، اهي لاهي هن آڏو رکيون.
“هيءَ ٽيبل ۽ ڪرسيون اهڙي ڪٽنب کان حاصل ڪيل آهن جيڪو ڪڏهن بک نہ مئو” ڪٻاڙيءَ چيو “يقين ڪر هن ٽيبل تي رکيل ڪاڏو سدائين ذائقيدار هوندو ۽ ان مان هر وقت ٻاڦ نڪرندي رهندي.”
پوءِ ڪٻاڙيءَ ڪنهن هيجاني ڪيفيت مان وني ٺهڪ ڏنا. هن ڏنو ان جي وات ۾ ڏند نہ هيا. ان جو وات ڪنهن اونداهي کوهہ جيان هيو. هن ان کان اها ٽيبل ۽ ڪرسيون خريد ڪيون. پوءِ اهو ٺهڪ ڏيندو ان کي هڪليندو ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو.
گهر اندر ڪڏهن اوندهہ نہ هوندي هئي اتي بورچيخاني ٻاهران ڪاٺ جي ٽيبل کان ٿورو پري ڀت پرسان چلهہ ۾ سڪل ڪاٺيون تڙڪا ڏئي ٻرنديون هيون ۽ انهن مان دونهون نانگ جيان وڪڙ ھٽي مٿي بلند ٿي هر هر ڇپ ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن پيو ڏسندو هيو. گهر جي ڪابي پاسي کان تازي پاڻيءَ جي واهي وهندي هئي جنهن جو پاڻي هٿ وجهڻ سان ڪوسو محسوس ٿيندو هيو. ان مان هر وقت ٻاڦ پئي نڪرندي هئي. اها تازي پاڻيءَ جي واهي ٿورو اڳتي وڃي ٻنين ۾ چوڙ ڪندي هئي ٻنين اندر ڳاڙها ٽماٽر ائين ڏسبا هيا جيئن گلابي ڳلن واريون اپسرائون ڪوهيڙي اندر ڪنهن جو انتظار ڪنديون هجن.

هڪ دفعي هو جڏهن رات جو دير تائين جاڳيو تہ اٿر کان اڳ ان تازي پاڻيءَ جي ٻاڦ چڙهندڙ واهيءَ جي ڪناري هن جنن کي لهندي ڏٺو هيو. جن پنهنجن ٻچن سان ان واهيءَ ۾ وهنجڻ لٿا هيا ۽ جيئن تي سج جا ڀڀريان ڪرڻا اتي پيا هيا تہ اهي ٻاڦ ۾ تبديل ٿي ڪوهيڙي ۾ ملي ويا هيا.

گهر جي ڪاپي پاسي کان وهندڙ واهيءَ جو گرم پاڻي جڏهن ٻنين ۾ ڇوڙ ڪندو هيو تہ ان مان ٽڏي تاثير واريون سبزيون جنم وٺنديون هيون. تورين جي ول ڌرتيءَ تي ڪنهن رڙهندڙ جيت جيان هر شيءِ ۾ پاڻ وچڙائي پيلا گل ڪيندي اڀتي وڌندي هئي. ڀينڊيءَ جي ٻوٽن ۾ آسمان ڏانهن اشارو ڪندڙ آڱريون رب جي موجودگيءَ جو احساس ڏياريندي هيون. ڪريلن جي ڪل تي وهندڙ ڳوڙهن جهڙيون قطارون هونديون هيون. اتي سڀ پڪي سمجهہ ۾ ايندڙ ٻولي ڳالهائيندا هيا پر هڪ پڪي اهڙو هوندو هيو جنهن جي ٻولي خطري ۾ سيٽيءَ جهڙي هوندي هئي.

هڪ سياري جي رات ڪاٺ جي ٽيبل پرسان ٻرندڙ چلهہ ۾ سڪل ڪاٺيون ٽڙڪا ڏئي ٻري رهيون هيون ۽ ٻاهہ جي هيڊي جر ۾ گهر جي هر شيءِ لڏي رهي هئي. هو پنهنجي گهر ڀاتين سان ڪاڏي جو انتظار ڪري رهيو هيو. ماءُ تازو ڪاڏو ٽيبل تي رکيو تہ ان مان ٻاڦ اڇي ململ جي ڪپڙي جيان ڪلندي ڊگهي ٿيندي وئي ۽ پوءِ اها سڄي پاسي واري دريءَ مان ٻاهر نڪرندي هر طرف ڦهلجڻ لڳي. ڪوهيڙو ائين گهرو ٿي ويو جيئن دنيا ناسي رنگ ۾ دفن ٿي وئي هجي. ماءُ پليٽن ۾ ڪاڏو وڌو ۽ هو ان کي ائين چٻاڙڻ لڳا جيئن انهن کي زندگيءَ جو احساس ٿيندو هجي. انهن کي لڳندو هجي اهي اجيرا آهن ۽ محسوس ڪري رهيا آهن ذائقا جن ۾ زندگيءَ جو ذائقو آهي, ڏک سک ۽ موت جو ذائقو آهي.

"ذائقو ڪاڏي ۾ نہ هوندو آهي" پيءُ گرهہ چٻاڙيندي چيو "ذائقو اسان جي آڱرين ۾ هوندو آهي. اسين جڏهن گرهہ پڪڙيندا آهيون تہ ذائقو آڱرين مان ڪاڏي ۾ منتقل ٿي ويندو آهي."

پيءُ جي ڳالهہ تي ماءُ رئو مٿي تي رکيو ۽ رب کان دعا گهري.

"اي رب اسان جون آڱريون سلامت رک" ان ڪنڌ هيٺ ڪري چيو "بيشڪ ڪاڏي جو ذائقو آڱرين ۾ ۽ تنهنجو ذائقو زبان ۾ آهي."

چار ٻار هيٺ ڪنڌ ڪري ائين ڪائي رهيا هيا جيئن انهن جا مٿا ڌرتيءَ تي ٽيڪيل هجن. ماني کائڻ کانپوءِ پيءُ دعا گهري.

"اي رب ڳوڙهن جو لوڻ برقرار رک... انهن ڳوڙهن کان پناهہ ڏي جن ۾ لوڻ نہ هجي."

پيءُ دير تائين اها رات جاڳندو رهيو اٿر کان اڳ هن گهر جي ڪاپي پاسي کان واهيءَ جي گرم پاڻيءَ ۾ ڇبڙڪا ٻڌا, هو اهو سوچي مرڪندو رهيو تہ پڪ سان اهي جن آهن جيڪي پنهنجن ٻچن سان اتي لٿا هوندا ۽ سج جي ڀڀرين ڪرڻ سان ٻاڦ بنجي ڪوهيڙي ۾ ملي ويندا.

پوءِ ان گهر ۾ ڪاٺ جي ٽيبل تي اٻاريل ڪاڏو پڃي پليٽن ۾ پوندو رهيو ۽ ان ڪاڏي مان ٻاڦ اڇي ململ جي ڪپڙي جيان ڪلندي ڊگهي ٿيندي هڪ لڪير ۾ گهر جي سڄي پاسي واري دريءَ مان ٻاهر وڃي ڪوهيڙي جي صورت ۾ هر شيءِ مٿان حاوي ٿيندي رهي. چلهہ ۾ ٽڙڪا ڏئي ٻرندڙ سڪل ڪاٺين جي ٻاهہ تي هر شيءِ ڳاڙهيءَ جر ۾ لڏندي رهي.

هڪ رات جڏهن مينهن وسي رهيو هيو تہ پيءُ ٻاهر اڱڻ ۾ وڃي آسمان ڏي ڏٺو ۽ پوءِ سوچيو اتي ڪڏهن ڪو چنڊ نہ ڪڙيو آهي. ڪوهيڙي ۽ جهڙ ۾ ڪو تفاوت نہ آهي. اتي دونهون آهي ۽ وچ جي جر آهي. هن گجگوڙ ٻڌا ۽ پوءِ وچ ڪوهيڙي ۽ مينهن جي ڦڙين کي چمڪائيندي پري وڃي ڪري. گهر جو اڱڻ آلو هيو ۽ ڇت تان پاڻي هيٺ وهي دٻن ۾ تبديل ٿي رهيو هيو. هو اندر آيو ۽ چلهہ تي هٿ سيڪي ڪاٺ جي ٽيبل وٽ ڪرسيءَ تي ويهي ڪن خيالن ۾ گم ٿي ويو. ٻورچيخاني ۾ ماءُ گرم پاڻيءَ ۾ ٽڏيون سبزيون اٻاري رهي هئي. چانورن جي پڇڻ جي خوشبوءِ وسندڙ مينهن ڪري مٽيءَ جي خوشبوءِ پاڻ ۾ ملي هڪ نئين خوشبوءِ کي جنم ڏئي رهيو هيون. جڏهن ڪاڏو پڃي تيار ٿيڻ وارو هيو تہ اوچتو ٻاهر در کڙڪيو ۽ ڪنهن سين هنئين.

“بابا الله جي راهہ ۾...” اتي هڪ ڪان وڌيڪ آواز هيا جيڪي پڙاڏي جي صورت ۾ اڀري رهيا هيا. “ڏي الله جي راهہ ۾ پنهنجن پيارن جو صدقو”

وسندڙمينهن ۾ ڪئي انسان هڪ آواز ۾ ساڳيا جملا ورجهائي رهيا هيا. هن لاءِ اها حيرت جي ڳالهہ هئي. اتي پهريون ڪڏهن ائين ڪونہ ٿيو هيو. هو اٿيو۽ دروازي ڏي ڀڳو ماءُ بہ ڏيئر ۾ بہ پٽ خوف مان هڪٻئي ۾ سوڙها ٿي ويا. پيءُ دروازو کولي ڏنو اتي پراسرار انسانن جو وفد بيٺل هيو. هن انهن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وفد جي پوئين صف ۾ هن کي ڪجهہ سڃاتل منهن ڏسڻ ۾ آيا. هن جڏهن ذهن تي زور ڏنو تہ اتي اڇي پڳ پائي وڏي ڏاڙهيءَ سان سنهڙي جسم وارو هڪ شخص لٺ سهاري بيٺل هيو جنهن جي شڪل هن جي ڏاڏي سان ملي رهي هئي. اهو اکيون بند ڪري بيٺل هيو۽ وسندڙمينهن ۾ پاٽي ان جي منهن تان وهي هيٺ ڪري رهيو هيو. اتي هڪ ننڍڙي قد واري پوڙهي عورت هئي جنهن کي اڇو ڪاڏيءَ جو رئو پاتل هيو. اها وسندڙمينهن ۾ ڪرندڙ پاڻيءَ ڪري اڌ ڪليل اکين سان هن ڏانهن ڏسي رهي هئي. ان جي شڪل ان عورت جهڙي هئي جنهن ننڍپڻ ۾ هن جي پيءُ جي يتيم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ان جي پرورش ڪئي هئي. انهن سڀني اڳيان اڇيون چادرون پائي نوراني شڪلين سان بہ اهڙا شخص هيا جن جي هٿن ۾ ڪشڪول هيا.

“بابا... الله جي راهہ ۾ ڏي” انهن مان هڪ چيو “شل تنهنجو صدقو قبول پوي, تنهنجي گهر جي سڄي دريءَ کان ڪجهہ قدم پري اسان جو اوتارو آهي. گروءَ کي تنهنجي گهر جو هڳاءُ پسند آيو. ان امر ڪيو تہ ڪجهہ حاصل ڪري ان اڳيان رکون.”

ان جي ڳالهہ ٻڌي هن جي چپن تي ڦڪي مرڪ تري آئي.

“ها چونہ...” هن چيو “ڪجهہ گهڙيون ترسو”

پوءِ هو مڙيو۽ بورچي خاني مان ماءُ هن کي هڪ وڏي ٿانءَ ۾ تازو اٻريل ڪاڏو ڪڍي ڏنو. هو ڪاڏو ڪٺي در تي آيو۽ هن ڪاڏو جيئن ئي رمتوءَ جي ڪشڪول ۾ وڌو تہ اهو جڻ هوا مان لنگهي وڃي هيٺ ڪريو. پريان ڏنڌ مان هڪ ڪتو ظاهر ٿيو جيڪو اتي اچي هيٺ پيل ڪاڏو ڪائڻ لڳو.

“تون ڳالهہ نہ سمجهي... تون ڳالهہ نہ سمجهي” رمتوءَ چيو۽ پوءِ ان جي منهن تي ناراضگيءَ جا آثار اڀريا, هو پوري وفد کي ساڻ ڪري وسندڙ مينهن اندر ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو.

اها پوري رات مينهن وسندو رهيو۽ هن کي ڪاڏي جي ٽيبل پرسان ٻرندڙ چلهہ جي هيٺين شعلن وٽ ننڊ اچي وئي. ان رات هن هڪ خواب ڏٺو. بورچيخاني ۾ سڪٽي ڳني ايامي رهي آهي ۽ ان مان ٻاڦ جنگ ۾ هاريل سست گهوڙن جيان نڪري رهي آهي. ان ٻاڦ ۾ هر طرف ڪوهيڙو ڪاري اوندهہ ۾ تبديل ٿي ويو آهي ۽ بورچي خانو ان ۾ مدفون ٿي ويو آهي. ٻاهر مينهن جون وسندڙ ڪٽيون جڏهن ڌرتيءَ تي ڪري رهيون آهن تہ اتي سوساٽ ائين نڪري رهيا آهن جيئن تتل تئي تي ٿڌي پاڻيءَ جي لڳڻ سان پيدا ٿيندا آهن. هو ڪاڏي جي ٽيبل تي پنهنجي ڪتنب سان چانور کائي رهيو آهي. هن پويان وڏي اڇي ڏاڙهيءَ سان چادر اوڍيل هڪ شخص بيٺو آهي جنهن جي هٿ ۾ ڳاڙهي رنگ جي وحي آهي. ان وحيءَ ۾ هن جي ڪتنب جي ڀاتين جا نالا لکيل آهن. اهو چانور جو هر داڻو ڳڻي ان ۾ شمار ڪري رهيو آهي. پوءِ آسمان تائين ڦهليل ڪوهيڙي ۾ تيز روشني ڦهلجي وئي. تڪاءُ ٿيو۽ ڪٽي وڄ ڪري, هن جو چرڪ نڪري ويو. هو جاڳيو تہ چلهہ ۾ ڪاٺيون ٽڙڪا ڏئي ٻري رهيون هيون ۽ انهن مان چڻنگون نڪري رهيون هيون. هن پري کان پهريون دفعو ڪتي جي ڀونڪ ٻڌي ۽ گدڙ اونايون ڪرڻ لڳا. هوا جو هڪ تيز جهوتو سڄي پاسي واري دريءَ مان اندر داخل ٿي هن جي جسم سان گسندو ٻاهر نڪري ويو. ان ڇهاءَ ۾ هن کي ڪنهن جهنگلي جانور جي وارن جي لمس محسوس ٿي.

ان ڏينهن ڪانپوءِ هن محسوس ڪيو جيئن هنن ڇهن ڪانسواءِ اتي ڪو ٻيو وجود بہ آهي جيڪو هوا جو روپ ڌاري هنن جي آس پاس گهمي رهيو آهي.

هڪ رات ڪوهيڙو ائين هيو جيئن هن جو گهر ڪنڊر ۾ تبديل ٿي ڪنهن آفت ڪان ڊوڙ ۾ ڊڄي ويو هجي. هو اٿي ٻاهر اڱڻ ۾ آيو. هن ڪي اتي روئڻ جا آواز آيا ۽ پوءِ ڪوئي ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو. هن پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪنيا ۽ رب ڪان پناهه گهري.

“اي رب آڱريون سلامت رکجانءِ” هن چيو ۽ پوءِ پنهنجن هٿن ڏي نهاريو. گهاٽي ڪوهيڙي ۾ هن جا هٿ نظر نه اچي رهيا هيا. هو واپس موٽيو هن بورچيخاني ۾ وڃي ڪُنيءَ جو ڍڪ لاهي ڏٺو اتي ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ پيئندبين بدان آڱريون اڀري رهيون هيون. پوءِ جڏهن ڪاڏو تيار ٿي ٽيبل تي پهتو ته اتان ٻاڦ ائين نڪتي جيئن آڱرين جا ننهن وڏا ٿي مٿي اڀرندا ساڄي پاسي واري دريءَ مان ٻاهر نڪرندا هجن.

ان رات در کڙڪيو ۽ وري سين لڳي.

“ڏي بابا... رب تنهنجو ڀلو ڪري” در ٻاهران ڪيترائي آواز پڙاڏي جيان اڀري رهيا هيا. “رب جي راهه ۾ صدقو ڏي...”

هو سمجهي ويو اهي ساڳيا رمتو آهن. هن اڳيان خيالن ۾ وسندڙ تيز مينهن اندر ٻينل ٻاڦ جهڙا ماڻهو اچي ويا. جيڪي جسم تي اڇي ململ اوڍي اتي ڪشڪول کڻي هن جي ٻاهر نڪرڻ جو انتظار ڪري رهيا هيا. خوف ڪان ماءُ پنهنجي چئن ٻارن کي پاڪر ۾ سوگهو ڪري ڇڏيو. هو اٿيو ۽ ڪاڏي جو ڀريل ٿانءُ کڻي در ڏانهن وڌيو. هن در کولي ٻاهر ڏٺو اتي ساڳيا ماڻهو ڪوهيڙي ۾ غير واضح ڏسجي رهيا هيا. هن ڪاڏو جڏهن رمتوءَ جي ڪشڪول ۾ وڌو ته وري جڙ هوا مان ٽپي هيٺ وڃي ڪريو. ڀري ڪان ڪوهيڙي مان ساڳيو ڪتو نروار ٿيو ۽ اتي اچي پٽ تي پيل ڪاڏو کائڻ لڳو.

“تون ڳالهه نه سمجهي... تون ڳالهه نه سمجهي” هڪ رمتوءَ ناراضگيءَ مان چيو ۽ پوءِ پورو وفد واپس وري ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو.

هو جڏهن واپس اندر آيو ته ٻرندڙ چلهه جي هيڊي روشنيءَ ۾ هن ڏٺو اتي هيٺ هن جو وڏو پٽ ليٽيل هيو. اهو بي حد بيمار هيو. ان جي منهن تي زخم هيا جن مان رت رسجي ٻاهر نڪري رهيو هيو. ماءُ بورچيخاني ۾ پاڻي گرم ڪري رهي هئي جيئن ان سان هن جي زخمن جي صفائيءَ ڪري سگهي. هڪ ڀيڻ هن جي ڀرسان روئي هن کي دلاسا ڏئي رهي هئي. ٻي اکيون بند ڪري خدا ڪان ڀاءُ جي حياتيءَ لاءِ دعا گهري رهي هئي. ننڍو ڀاءُ ڪينچيءَ سان صاف ڪپڙي کي ڪتري اڳڙيون ٺاهي رهيو هيو.

ان ڏينهن ڪانپوءِ ان گهر ۾ اندر، آس پاس ۽ آسمان مان قرآن پاڪ جي پڙهڻ جو آواز ايندو هيو. اتي ڪوهيڙي اندر ڳوڙهن جا مينهن وسندا هيا ۽ خوف جي وڄ چمڪندي هئي.

هڪ ڏينهن ڪاڏي جي ٽيبل ڀرسان ٻرندڙ ٻاهه وسامي وئي. سڪل ڪاٺيون ٻري ختم ٿي ويون. هيڊي جر ۾ لڏندڙ جاءِ هيڪاندي ٿي وئي. گهر جي ساڄي پاسي واري دريءَ مان اڀاريل ڪاڏي جي ٻاڦ لڪير ٻڌجي ڪڏهن نه نڪتي. ڪوهيڙو ختم ٿي ويو هر شيءِ واضح ۽ صاف ٿي وئي.

گهر ڀرسان وهندڙ گرم پاڻيءَ جي واهيءَ مٿان ڏنڊ ختم ٿي ويو اتي جن وري ڪڏهن پنهنجن ٻچن سان وهنجڻ نه لٿا، هن جڏهن واهيءَ جي پاڻيءَ ۾ هٿ وڌو ته هن جي رڳ نڪري وئي. اهو يخ ٿڌو هيو. هن هٿ ٻاهر ڪڍيو ته هن جون آڱريون نيريون ٿي چڪيون هيون.

ماءُ بورچي خاني مان جڏهن ڪاڏو پچائي پليٽن ۾ وڌو ته چپاڙيل گرهه ۾ هن کي ذائقو محسوس نه ٿيو. هن جون آڱريون سڙيل هيون.

بورچي خاني ۾ ٻينل ماءُ جي اکين جو لوڻ ختم ٿي چڪو هيو ٿي ٻار ڪنڌ هيٺ ڪري کائي رهيا هيا ۽ هڪ ڪرسي خالي هئي.

❖

# حسرتن جا ڪتاب

ڪتاب ائين هوندا آهن، جيئن ڪرنگهي ۾ پاسيريون، منهنجي ذهن ۾ سڀ ڪتاب اڄ بہ ڏانچن جيان موجود آهن. مون کي ياد آهي، ڪتاب ڪڏهن شهزادا هوندا هيا، شهزادن جي ڳٽن جا تر لفظن جا نقطا هيا. پوءِ شهزادا بادشاهہ ٿيا، بادشاهہ پوڙها ٿيا ۽ اڄ مون جيان مغرور آهن.

منهنجي نظر رسي ويل محبوب جي موڙيل منهن ۾ گم ٿي وئي آهي. عمر جي هن حصي ۾ جڏهن ڪتابن جا لفظ منهنجيءَ نظر جيئن ڪمزور ٿي چڪا آهن ۽ ائين ڏنڌلڪا ٿي ويا آهن جيئن ڪوهيڙو منهنجن ڳوڙهن کي جلا بخشڻ چاهيندو هجي. اڄ اهي ڪتاب ياد ڪيان ٿو جيڪي منهنجي ذهن ۾ هيا، اهي ڪتاب جن مون کي جيئرو رکيو اهي جن مون کي ٽڙڻ آڇيا.

منهنجي نظر ائين جَهڪي ٿي چڪي آهي جيئن آئيني تي ٻاڦ، ڪنڌر مان لڏل سڪو ڪيسي ۾ وسري ويل بارش ۾ ڀڳل خط، مان ڪتابن پڙهڻ کان قاصر ٿي چڪو آهيان، اي حياتي تنهنجي پڇ ۾ اهڙو ڪنڊو آهيان جنهن جو زهر توکي ماري وجهندو، مان وٽ وقت نہ آهي، وقت جي هڙ ۾ ويڙهيل اهڙو ساهوارو آهيان، جنهن جا هٿ وڍيل ۽ پير زخمي آهن. اکين ۾ روشني ايتري آهي جو اوندهہ ڏسي سگهي.

ڪڏهن لفظ عمارتن جيئن اپريل هوندا هيا، اهي عشق جا مينار هيا ۽ جملا صفن ۾ بيٺل سجدي جا منتظر.

زندگي اهڙي رسي جيان آهي جنهن تي نانگ جا چِٽ آهن، رسو نانگ جو ڏنگيل آهي ۽ ان ۾ زندگي ٻوڙي ٿي، زهر جيئرو رکي ٿو. حياتي تنهنجي تڙپ جي معياد آهي. اکين جي مڻ سنڌ ٿي چڪي آهي. ڳوڙهن جي تازگي معنا وڃائي ويٺي آهي. ڪو اهڙو ترياق نہ آهي جيڪو رسي ويل منظر موٽائي سگهي. اهي چهرا، اهي ماڻهو اهي موسمون، اهي بهار، خزان جا پيلا پن، اهي مرڪون، اهي ڳوڙها ۽ ڪتابن جا سرسبز، گلابي، نيرا جلد، اهي مري ويل مصنف، مفڪر، شاعر ۽ سوچن جا منصف. جن جي نظر گهٽ هوندي آهي، اهي چٽا خواب ڏسندا آهن پر منهنجو تصور خوابن کان رنگين آهي. منهنجي تصور ۾ ڪتاب پکين جيئن اڏامن ٿا. مان پکين جي پڃري ۾ بند ٿيل آهيان.

مون ڪئي ڪتاب پڙهيا، هاڻي سوچيان ٿو ڇا اهي ٻيهر پڙهي سگهندس؟ منهنجي نظر گهٽ آهي ۽ وقت محدود، پر مونکي اهي سڀ ڪتاب ياد آهن. اها لئبريري جيڪا سڄي رات کليل هوندي هئي. ان اڇي سنگمرمر جي لئبريريءَ تي جڏهن چانڊوڪي پوندي هئي تہ ان جو رنگ هلڪو نيرو ٿي ويندو هيو. اها قديم لئبريري اهڙن ٿنڀن تي بيٺل هئي جيئن ڊگهي قد وارا دانشور ڪيس پنهنجين ترين تي جهلي بيٺا هجن. مون کي ان لئبريريءَ جي اتر پاسي پيپل اها ٽيبل ياد آهي جنهن تي مون "نڪوريا ماريا" جو ڪتاب "گونيا" پڙهيو. اهو جيڪو ٽيون جنم وٺي ڌرتيءَ تي آيو تہ ازدها هيو. هو ڳالهائيندو هيو تہ ان جي وات مان باهہ نڪرندي هئي. پوءِ خدا ان کي معاف ڪيو ۽ ستين جنم ۾ آيو تہ سندس وات مان گل ڇڻندا هيا. ان شاعريءَ جا ستونجاهہ ڪتاب لکيا، سندس شاعري پڙهڻ ۾ ائين هوندي هئي جيئن ڇپن ۾ ساز وڄندو هجي. ان جي شاعري ياد جي اهڙي نانگ جيان هئي جيڪو ماضيءَ جي قبرستان ۾ هر واقعي جي قبر مٿان وڪڙ هڻندو هلندو پيو وڃي. ان جي اندر جو ازدها پوءِ بہ مري نہ سگهيو. سندس شاعري ڪڏهن ايڏو جذباتي رنگ اختيار ڪري پئي وئي جو ان تي باهہ جو گمان پئي ٿيو.

مون کي "ازبيلا" جو ڳاڙهي جلد وارو ڪتاب ياد آهي، جنهن تي سونهري اکرن ۾ "واويلا" لکيل هيو. اهي ڳاڙهو جلد جنهن تي هزارين هٿن جا نشان هيا. ان جي پاسن کان ڇڳل ڪپڙي جي جلد جا ڌاڳا ائين لڙڪندا هيا جيئن وڻ جي ٽڙ مان ڪونئر، ازبيلا جنهن هڪ ڪتاب جا ٻارنهن جلد لکيا ۽ ان جون اکيون انڌيون ٿي ويون. مسلسل قلم جهلڻ ڪري سندس وچين آڱر وٽ نشان ائين هوندو هيو جيئن نمازيءَ جي پيشانيءَ تي محراب، اهو نابين مصنف جيڪو لٺ کي خدا کان وڏو سهارو سمجهندو هيو. ان جي ڪتاب جا يارهن جلد "پولاپاري" جنگ کان پوءِ

ساڙيا ويا، صرف هڪ جلد اڪيلي سپهه سالار جيان بچيو جيڪو پنهنجي مئل فوج جو سربراهه هيو چون ٿا اهو اڪيلو جلد ان ڪري بچي ويو جو "ازبيلا" پنهنجي ساهه جي رڳ ڪٽي ڪتاب ڪي رت سان آلو ڪري ڇڏيو هيو. ڳوڙهن سان ٻارنهن جلد لکندڙ مصنف جو رت صرف ان لاءِ ڪافي هيو تہ اهو هڪ جلد ڪي آلو ڪري سگهيو.

ازبيلا ان ڪتاب ۾ پنهنجي ڏيءَ جي عاشقن ڪي دعائون ڏنيون آهن. هن پنهنجي دل جي منظر ڪشي ڪندي لکيو "دل اهڙو پهاڙ آهي جنهن ۾ پٿر ناياب آهن. دنيا اتي آهي جتي سمنڊ جو ڪنارو آهي ۽ سمنڊ جو ڪنارو اهڙو خواب آهي جيڪو ننڊ جو انتظار ڪري ٿو."

مان جڏهن هڪ نارنگي جلد وارو ڪتاب ياد ڪيان ٿو تہ مونکي ساڏو "سوا نند" ياد اچي ٿو. جيڪو ڪتاب جي پهرين صفحي تي هڪ ڪاري فوٽوءَ ۾ سرمئي ٻاڪ جيان بيٺل هيو سندس اگهاڙي پيٽ تي دُن جي چپن تي هڪ اداس مرڪ هئي. ساڏوءَ جو هڪ هٿ ائين مٺي ڪنيل هيو جيئن هو ڪتاب ڪي اڳتي کولڻ کان روڪيندو هجي. ڪتاب جو پهريون اکر ڪفر مان نڪتل آهي. جڏهن ڪتاب دوزخ ۾ پوندا تہ ٻاهه کي ساڙي وجهندا، عاشق جي دل کپڙ جي پيرونءَ جهڙي آهي ۽ حياتي پير جي لڦ جيان نرم، ساڏوءَ جي ڪتاب جو هر حرف، جنهن ۾ لوبان جي خوشبوءِ هئي، ان ۾ اندر تلسيءَ جا پن پيل هيا. ڪڏهن ڪتابن جا ورق درد انگريز لڳٽين جو بار نہ ڪٽندي پيلا ٿي پوندا آهن. عظيم ڪتابن کي ساڙيو وڃي تہ انهن مان اگربتين جي دونهي جي خوشبوءِ ايندي آهي، ساڏو سوانند جنهن جي لکٽين جو موضوع دردن کي پنهنجو ڪري انهن کان آجو ٿيڻ هيو.

آٿتا (Placebo) حڪمت جو هٿيار آهي. دلاسو دل کي اطمينان ڏئي ٿو ساڏو سوانند جنهن جون ڪاري فوٽوءَ ۾ دونهاٽيل اکيون رات جي اونده ۾ عبادتگاهہ جي دروازن جيان بند هيون. ساڏوءَ جو اهو ڪتاب جنهن جي وچين صفحي تي لکيل هيو "اي خدا! مون کي ائين لڪاءِ جيئن تون لکيل آهين، ڪافر جي من ۾ خدا، وسامي ويل مچ ۾ چٽنگ جيان دکي ٿو ڪڏهن خدا دونهي جو روپ ڌاري رنڊٽي ۾ رزق جو جائزو وٺندو آهي."

مون جڏهن بہ ڪو ڪتاب پڙهيو تہ لفظن لڪيرن جو روپ ڌاري منهنجي دماغ ۾ ان ليکڪ جو چهرو ناهيو. اهڙا سوين چهرا لفظن جي صورت ۾ منهنجي چوگرد موجود هيا.

مونکي "اينتونيوتا" جو چهرو ياد آهي، ان جي سڪل منهن جي صحتمند ڏاڙهي، لفظن جي لڪيرن جيان هيٺ لڙڪي رهي آهي. مون جڏهن ان جو ڪتاب "ڪاٺ جي پتلي" پڙهيو هيو تہ منهنجي نظرن اڳيان سندس اپري آيل چهرو ان حقيقي فوٽوءَ کان گهٽو مختلف نہ هيو جيڪو مون "لاٻيلا" جي ان لئبريريءَ ۾ مک دروازي سامهون عظيم اديبن جي ٽنگيل فوٽن جي قطار ۾ ڏٺو هيو. اهو هوبهو ائين ئي هيو جيئن سندس ڪتاب "ڪاٺ جي پتلي" پڙهڻ کانپوءِ منهنجي ذهن ۾ اپريو هيو ۽ "هيوگو سرواسي" جنهن جي مٿين چپ تي ليڪ جهڙيون مُڇون هيون. ان جو ناول "بزاگيا" جنهن مان درد، بند تي ڊوڙندڙ ريل جي ڪاري انجڻ جي دونهي جيان پري پري تائين ڦهليل سرنهن جي پيلن گلن مٿان اڏامندو پيو وڃي. ان جو هيرو "يوري" جيڪو ريل ۾ ويٺل محبوبا پويان ڊوڙي پليٽ فارم تي ڪري پنهنجيءَ جان جو نذرانو پيش ڪري ٿو.

"جان فدل" جو اهو ڪتاب جنهن ۾ هڪ فقير ٽڏ ۾ ايڏو تہ ڏکي ٿو جو هٿن ۾ جهليل ڪافيءَ جو ڪوپ پنهنجن چپن تائين آڻي نہ سگهي ٿو ۽ پنهنجي مٿان هاري ڇڏي ٿو. مون کي ڪتابن جا چهرا ياد آهن. سجيل ڳاڙهين اکين وارا، پيوٽ پنيين ڏاڙهين وارا، وڪريل وڏن وارن وارا، ڊگهن وڏن ڪوٽن وارا.

ڏرتيءَ تي پيل هيڊيون نموريون "السوفڪيءَ" جا ڳوڙها ئي تہ آهن. "السوفڪيءَ" جون پوريون نڪ وٽان وهندڙ زڪام جهڙيون مُڇون، ان جو ڪوپڙيءَ جهڙو منهن، سندس اکين جي سوراخن ۾ پنورن جا مانارا هيا، السوفڪيءَ جا ڪتاب ڏک جو سمنڊ آهن. جنهن ۾ دنيا جو سج غروب ٿي ڪڏهن نہ اپريو آهي. اهي ندامت جا ماريل ڪردار، نہ ڪيل گناهن جو بوجهہ پنهنجن ڪلهن تي کڻي ذلت جي رستن تي هلندا نظر اچن ٿا. اهي نيڪيون ڪندي گناهن جي احساس ۾ دٻيل آهن.

"ميخائيل اينو ڪوف" جو ڪتاب "زاويو" جنهن ۾ انسان ڏيڍرن جيان مفادن جي ڪوچ ۾ ٽپا ڪائيندي نظر اچن ٿا. اهي تصور ۾ مسرور ڪردار جيڪي خيالي دنيائن ۾ ناحاصل سرورن سان دل وندرائين ٿا. اهو تصور جيڪو محروم انسانن کي خيالي تفريح فراهم ڪري ٿو. اهي اوجاڳي جا خواب جيڪي پهچ کان پري حسين عورتن جي چپن جا چهاءُ ڪين پنهنن چپن تي محسوس ڪرائين ٿا.

"ايوتو ڪيشو" جي ڪتاب جي حسين "جماليا" جنهن جي نڪ جي ڪوڪي ۾ دليون لڙڪن ٿيون. ان جو حسن ريشم جا ڪيڙا اهڙي رومال جيئن اڻن ٿا, جنهن رومال تي "آذري" پهاڙن جي اڻ ڏٺل سونهن ڪنهن آسيب جيئن لڪيل آهي.

"ايوتو" جي ڪتاب جي بيوفا "راڪيل" جيڪا محبوب کان رسي وهاڻي کي ٻه حصا ڪري, اڌ وهاڻو ڪڇي هلي وڃي ٿي.

اهي "وائلڊ" جي ڪتاب جا عظيم منظر, برف ۾ جميل پهاڙ ۽ پهاڙن ۾ رهندڙ انسانن جي وجود مان موت ڪانپوءِ ٻاڦ جي صورت ۾ نڪرندڙ روح, تڏ ۾ انهن جي گفتگوءَ جا وات مان نڪري برف تي هيٺ ڪرندڙ لفظ, پليٽ فارمن تي ريل ۾ ويٺلن کي ڇٽيون جهلي بيٺل ڏگهن ڪوٽن وارا مينهن ۾ روئندڙ "الوداع" چوندڙ ڪردار.

"ايملي نرويو" جي ڪتاب جو اهو امر ڪردار جيڪو پنهنجي پياريءَ جي قبر تي سنگمرمر جي ڪتبي کي چمي ڏيندي, ڪتبي جي ٿڌ چپن تي محسوس ڪندي ڏڪڻ لڳي ٿو. ان شهر جي ڳالهه جنهن ۾ مرڪڻ تي پابندي آهي. نديءَ مٿان بيٺل ٽيٽي جيڪا هر هر هيٺ گهٽ هٽي, ڪا ٻه مڇي نه ٿي پڪڙي سگهي.

"هيما نار" جو ڪتاب "ٻه منهي ٻلهڙ" جنهن ۾ ڏند ڪٿائي مڇيءَ جو هڪ پاسو عورت جو آهي ۽ ٻيو پاسو مرد جو آهي. دوزخ جي جبل مان وهندڙ برف جو لاوو ۽ ان کان اڳتي خدا کي ڳولهيندڙ ڪردار جيڪو ماڪوڙي کي ڏسي بيهوش ٿي وڃي ٿو.

"گبريليا گياگنيءَ" جو ڪتاب "انسان نما ڪتو" ۽ "اهي ڏند جن کي ڪو ڪائي نه سگهيو" ان جو لافاني ڪتاب "سئو سالن ڪانپوءِ هزار سال" ان جي عظيم ڪتابن ۾ ڏک هينان لڪيل کل جهڙي مذاق, ان جا مخفي اشارا جڪي گناهه گارن کي وڏيڪ گناهه گار ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. سندس تشبيهون جن ۾ هو انسان کي پاڻيءَ سان پيئتي, واش روم ڏوئي ٿو.

اڄ جڏهن پنهنجي ناڪافي ياد سان اهي وسري ويل ڪتاب ياد ڪيان ٿو ته سپ اهڙن هوائي گهوڙن جيان اڏامندي نظر اچن ٿا جن گهوڙن جون منڊيون منهنجي زندگيءَ ۾ آيل عورتن جي چهرن جهڙيون آهن. اهي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل مصنف, اهي ڪتاب جن جا حرف وقت جي واءُ مٿائي ڏنڊلڪا ڪري ڇڏيا آهن. اهو سپ اهڙو خواب آهي جنهن ۾ مان چنڊ هينان سمهي ننڊ جو انتظار ڪيان ٿو. سوچيان ٿو. دنيا ۾ ڪي ٻه اهڙا ڪتاب نه آهن جن کي مون ياد ڪيو. دنيا ۾ ڪي ٻه اهڙا مصنف نه آهن جن کي مون ڪڏهن پڙهيو. اهي سپ وهم آهن. منهنجو گمان آهن. ها اهي سپ منهنجا ڪتاب هيا جيڪي وسري چڪا هيا. جن کي ڪڏهن مان لکي نه سگهيس. اهي سپ سوچن جا پاڇا هيا ۽ پاڇن هينان ويٺل اهڙا مصنف هيا, جن جو وجود دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ نه آهي. اسين پاڇن جا وجود آهيون. سورج غروب ٿيڻ ڪانپوءِ پاڇا اونده ۾ مٽجي ويندا آهن. اهي سپ چهرا منهنجا هيا, اهي سپ ڪتاب منهنجا هيا.

❖

# اڌ رنگو + اڌ رنگو

نِنڍپڻ کان ڏسندو آيو هيس، ست ڄڻا جيڪي شايد پوڙهي جا پٽ هيا کيس ويل چيئر تي گهمائيندا هيا. پوڙهو جنهن کي ننڍي ڏاڙهي هئي، جسم ۾ پريل هيو. ان جو هڪ هٿ ويل چيئر جي پاسي کان ۽ ٻيو هٿ وريل هوندو هيو جنهن جون آڱريون ٽيڙيون هيون. شايد اڌ رنگي جو مريض هيو.

مان ننڍپڻ کان شرميلو ۽ الڳ ٿلڳ رهيو آهيان. سوال پڇڻ کان لهرائيندو آهيان. جيئن سمجهندو هجان ته جواب ڏيڻ وارو سوال ٻڌي ناراض ٿي ويندو ۽ چوندو "غير ضرور سوال کان چڱو آهي ته غير ضروري جواب ڏجي ۽ ان غير ضروري جواب جو غير ضروري سوال سان ڪو تعلق نه هجي."

مان ڪڏهن پوڙهي کي ويجهو وڃي نه سگهيس ۽ ان کان حال احوال پڇي نه سگهيس. منهنجو گهر شهر کان ڏور اهڙي هنڌ آهي جتي روڊ جي پاسن کان قديم وڻ آهن. انهن جون لڙڪندڙ پاڙون هوا ۾ ائين جهوليندليون آهن جيئن نظر نه ايندڙ مخلوق پاڙن سان چنبڙيل هجي. هر گهر ۾ مانارا آهن پر ماکي کائڻ وارو ڪير به نه آهي. ائين نه آهي ته گهر خالي آهن پر ڪين ماکيءَ کان نفرت آهي. وسنديءَ ۾ ڪوهيڙو ائين ڦهليل هوندو آهي جيئن وبائي مرض ۽ پنن مان ماڪ ائين ڇڻندي آهي جيئن وڻ جهڙ جا نهيل هجن، هتي نه سج لهندو، نه اڀرندو آهي، پر پاڇا ننڍا ۽ وڏا ٿي ڦهلجي ويندا آهن. اوندهه جو راڄ آهي ۽ ستارا ٽانڊن جيئن ٽمڪندا آهن. لنگهي ويل ڏينهن جي ڏوڙ سانجهيءَ ۾ سمائجي رات ۾ تبديل ٿي ويندي آهي ۽ اپ ۾ ڪلندڙ چنڊ جا ڏند هيڊا آهن. اوندهه ۾ ڏيئو ٻارڻ انڪري ڏوهه آهي جو اها قدرت سان بغاوت آهي. تيلي ٻاري اوندهه ساڙڻ ۽ غير ضروري وار ڪوڙڻ ۾ ڪو تفاوت نه آهي. منهنجو ننڍپڻ ڪوهيڙي ۾ گذرڻ ڪري طبيعت نرم آهي. هتي رهندڙ انسانن جون دليون يادن جي پپل ۾ ڦٽيل پنن جيان آهن.

اهو پراسرار پوڙهو جنهن کي ست پٽ روز ويل چيئر تي گهمائيندا هيا، روڊن جي پاسن کان لڱل گهاٽن وڻن جي وچ مان ايندي ائين لڳندو هيو جيئن اوندهه ۾ اڇن ڪپڙن وارا فرشتا ڪنهن وليءَ کي ويهاري جنت جو رستو ڳولهيندا هجن ۽ جنت جو رستو انهن کان وڃائجي ويو هجي. فرشتن جي منهن تي ندامت هجي ته "جيڪڏهن فرشتن کان جنت جو دڳ وسري وڃي ته ڪين خدا ڳولهيندو دوزخ تائين پهچي ويندو."

سانجهيءَ وقت جڏهن منهنجي عمر پنج سال هئي ۽ اهي ست پٽ پوڙهي پويان پئي هليا ته ڄڻ ويل چيئر پنهنجو پاڻ پئي هلي. جڏهن منهنجي عمر ڏهه سال ٿي ته پوڙهي پويان ڇهه پٽ هيا ۽ اهو سومهڻيءَ جو وقت هيو. دل چاهيو پوڙهي کان پڇان "تون ڪير آهين؟... ڪيتري وقت کان بيمار آهين؟"

پر مان ڪڏهن پڇي نه سگهيس.

پوءِ پوڙهي پويان پنج پٽ هيا ۽ هو ويل چيئر تي اکيون بند ڪري ڄڻ ماضيءَ ۾ گم هيو. ان بند اکين پويان ڏٺو ان جا ٻه پٽ قبر کوٽي رهيا هيا. قبر جي ماپ تي بحث ڪري رهيا هيا. هڪ چئي رهيو هيو "بابو منهنجي قد جو آهي" ۽ ٻيو چئي رهيو هيو "منهنجو قد بابي جيترو آهي."

اهي ٻئي ساڳي قبر ۾ سمهيا ۽ دفن ٿي ويا. ڇو جو جاڙا پائر هيا.

پوڙهي اکيون کوليون ته منهنجي عمر ويهه سال هئي، مون کي ڏاڙهي رکائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان هيو. شوقينن جي ڏاڙهيءَ جو رنگ ڪارو هوندو آهي پر منهنجي عمر ننڍي هئي، ڏاڙهي ڪاري ڪري سگهجي ٿي پر شوق ۾ عمر ننڍي ڪرڻ ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي.

اهي سخت سياري جا ڏينهن هيا، سيءَ ۾ اس سڙي رهي هئي. مون ڪوٽ لاهي اس تي وڌو اس ڪوهيڙي ۾ ائين هئي جيئن سج تي مينهن وسي رهيو هجي، لفظ وات مان ٻاڦ بنجي ڪنن ۾ رجي رهيا هيا. ويهه ڪلوميٽر پري بادلن جيان اٿندڙ شينهن جي گاج گهر جي اڱڻ ۾ ٻڌل ٻڪريءَ مٿان ڪو به مينهن وسائڻ بنا لنگهي وئي.

ان رات جڏهن پوڙهو پنهنجن پٽن سميت لنگهيو ته مان گهر جي چانٺ تي يادن ۾ وڪوڙيل هيس "روحانا" ڪروڙين ڪلوميٽر پري چنڊ ۾ نظر اچي رهي هئي. منهنجو ڪنڌ مٿي هجڻ ڪري پڪ پوڙهي سوچيو هوندو ته چانٺ تي بيٺل شخص وڏو مغرور آهي، پر ان مغرور پوڙهي کي ڪهڙي خبر ته محبوبائن لاءِ ڳاٽ اونچا ڪري بيٺل شخص جا ڪنڌ ائين جهڪيل هوندا آهن جيئن اڌيءَ تي ڪات جو انتظار ڪندا هجن.

“روحانا” منهنجي محبوبا، جنهن سان عشق ٿيو ته لڳو پهريون دفعو ڪمري ۾ بلب ٻريو هجي. منهنجو وقت اونده ۾ گذرڻ ڪري اکيون ننڍيون ۽ دل وڏي آهي. ٻاهر اونده هجي ته اندر روشنيءَ سان ڀرجي ويندو آهي. منهنجي دل سان اونده جا ڪرڻا ٽڪرائجي موت کائي رهيا هيا ته روشنيءَ ۾ روحانا جو چهرو نهي رهيو هيو. مان تعليم، نوڪري، روزگار ۽ هر شيءِ ۾ ناڪاميءَ جو منهن ڏٺو ڇو جو عشق ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن “روحانا” زندگيءَ ۾ داخل ٿي ته پوڙهي جي ويل چيئر پويان چار پٽ هيا، پوءِ مون کي پٽ ڄايو اهو وڏو ٿيو ٻيو پٽ ڄايو وڏو ٿيو. ٽيون پٽ ڄايو وڏو... مان پٽن سان در جي چانٺ تي بيٺل هوندو هيس ته پوڙهي جي ويل چيئر پويان چار پٽ هلندا هيا، ويل چيئر ائين هلندي هئي جيئن ان ۾ پوڙهي جو روح سمائجي ويو هجي، اها پوڙهي جي جسم جو حصو هجي، ان جون ٻانهون ويل چيئر جون ٻانهون هجن ۽ جنگهون ويل چيئر جا ڦيٿا جيڪي ائين ڦرندا هيا جيئن پوڙهو وقت جي مدار ۾ گردش ڪندو هجي.

مان ڏٺو آهيان، آئيني کان انڪري ڏڄندو آهيان جو پاڻ جهڙو ٻيو ڏسي نه سگهندو آهيان. پاڻ تي رحم ايندو آهي ڇو جو زندگي بي رحم آهي، گهڻا ڏک پيئڻ ڪري ڳوڙهن جو لوڻ چپن تي چڪو آهي. انڪري سمنڊ جا ڪنارا وڻندا آهن.

اهو پراسرار پوڙهو پٽن سان روز رات جو گشت ڪندو رهيو. نه ان ڪڏهن سلام ڪيو نه مون. نه ان ڪڏهن نهاريو نه مون. جڏهن به ان کي اوپر کان ايندي ڏسندو هيس ته منهن اولهه ڏي ڪري ڇڏيندو هيس، جيئن ڪيس چوندو هجان “تون سچ اڀرڻ جو انتظار ڪر، مان سچ لهندي ڏسان ٿو.”

پوءِ سچ چڙهيا ۽ لٿا، پوڙهي جا ٻه پٽ بچيا، روحانا ستن پٽن ۾ روح ورهائي دنيا مان راهي ٿي وئي. اهي سرءَ جا ڏينهن هيا ۽ روحانا جو جسم هيڏو هيو. عربيءَ ۾ رت کي دم چوندا آهن ۽ اسين ٻاهه هلڪي ڪري دم ڏيندا آهيون. جڏهن دم ڏٽيءَ حوالي ڪبو آهي ته دم تي رکيل چانور تڏي تي ويٺلن ۾ ورهائبا آهن. ان کان وڌيڪ ڪهڙي چوٽي تي سگهي ٿي ته “دم ڏٽيءَ حوالي، دم تي رکيل ماڻهن حوالي”

خدا دم ۾ دعائون قبول ڪندو آهي، خدا دعا نه ڪندو آهي ڇو جو هڪ آهي. خدا نصيحت ڪندو آهي. اسين نصيحت تي عمل ڪري صلاحون ڏيندا آهيون ۽ صلاحن تي عمل ڪري وري نصيحت ڪندا آهيون.

روحانا دنيا ۾ نه رهي سندس روح جون ست پٽيون رهجي ويون. جڻ عيدالاضحيٰ هئي. مون ميرا ڪپڙا پائي ستن پٽن سان جنازي نماز پڙهي، عيد تي ماڻهو قبرستان ويندا آهن، مان به ويس، روحانا کي دفنائي موٽيس ته ڏاڙهي اڇي ٿي وئي.

منهنجا ست پٽ جوان ٿي چڪا هيا، هڪ کي مڇون هيون، ٻئي کي نه هيون، ٽئين کي ڏاڙهي هئي، چوٿين کي نه هئي، پنجين کي نه ڏاڙهي هئي نه مڇون. ڇهين کي ڏاڙهي به هئي ته مڇون به ۽ ستين کي ڏاڙهي مڇن ۾ دير هئي.

وقت ائين گذري ويو جيئن ڏوڙ اڏامي وئي. ڪک اڏامي ويو. سڪل پن اڏامي ويو. رسي تان رئو اڏامي ويو. روحانا جو رئو سيفون جنهن مان سندس ڳل ڏسبا هيا، ناسي پورا، پاسي جي اڏ مرڪ جنهن ۾ زندگي جاڳندي هئي. روحانا روح مان نهيل هئي، جسم مان هيس ۽ جسم جيئري دفن ٿي ويو.

ست پٽ جوان ٿيا ته روز لنگهيندڙ پوڙهي پويان هڪ پٽ بچيو منهنجي لاءِ حيرت جي ڳالهه هئي ته گذريل سٺ سالن اندر پوڙهي جي منهن ۾ ڪو فرق نه پيو هيو. ساڳيو ڪاٺ مان نهيل بند دروازي جهڙو منهن ۽ وات کي تالو ان جو آخري پٽ گيتلو گسائيندو ويل چيئر پويان ائين هلي رهيو هيو جيئن گوشت جو گڏو هجي. حياتي مقرر آهي پر بي جان امر آهن. پٿر مرندو نه آهي، سون سڙندو نه آهي. پٿر کي پاڻيءَ جي دل هجي ها ته ڦسي پوي ها. ڪوئو پهاڙ ٽڪي پناهه وٺي ٿو. موت ڪوئي تي ايندو پهاڙ تي نه. پٿر ۽ پهاڙ مرن ها ته ڪين انسانن اندر دفنائيو وڃي ها.

منهنجي عمر جڏهن پنج سال هئي ته ستر سالن جي پوڙهي کي ساڳي حالت ۾ ڏٺو جيئن پنهنجي عمر جي ستر سالن ۾ ڏسي رهيو هيس، دل چاهيو سندس ويل چيئر روڪي عمر جو راز پڇي سگهان. هڪ ڏينهن پڪو پهه ڪيو ته پوڙهي کان ضرور پڇندس، پر پوءِ مون تي اڌ رنگي حملو ڪيو ۽ پوڙهي کان پڇي نه سگهيس.

مان اڌ رنگي جو مريض کٽ تي پيو هوندو هيس، اڌ رنگي جو مريض اڌ مئل ۽ اڌ جيئرو هوندو آهي. ان جو جيئرو پاسو مئل کي سهارو ڏيندو آهي. ڪجهه ڏينهن گذريا گهڻي سمهڻ ڪري ڪڙين ۽ پاسن کان زخم ٿي ويا. ڊاڪٽر جي چوڻ تي هڪ ويل چيئر جو اهو سوچي بندوبست ڪيو ويو ته مون کي پٽ روز رات جو سير ڪرائيندا، ائين ڪرڻ سان من جي مونجهه گهٽبي ۽ طبيعت ۾ سڌارو ايندو.

نيٺ هڪ رات منهنجا پٽ ويل چيئر تي ويهاري روڊ تي وٺي آيا. هر طرف ڪوهيڙو ۽ اوندهہ ڇانيل هئي. ويل چيئر ائين هلڻ لڳي جيئن ان جي ڦيٿن ۾ توانائي اچي وئي هجي. منهنجا پٽ ڏک ڪان خاموش ڪنڌ هيٺ ڪري پويان هلڻ لڳا. بيماريءَ ڪري صفا پوڙهو ٿي ويو هيس. هڪ هٿ ويل چيئر تي رکيل هيو ۽ اڌ رنگ سبب ٻيو هٿ جهول ۾ پيل هيو جنهن جون آڱريون ٽيڙيون هيون. گهٽن ڏينهن کانپوءِ تازي هوا ڪري دل کي راحت محسوس ٿي ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. جڏهن دل راحت سان ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀريل هجن تہ اهو درد جو عروج هوندو آهي. درد جو زوال موت کانسواءِ ڪو بہ نہ آهي. منهنجا پٽ خاموشيءَ سان ويل چيئر پويان پئي آيا ۽ مان ڪنهن ڪاٺ جي در جيان بند وات کي تالو هڻي وينل هيس.

ڪوهيڙي ۾ پريان ساڄي پوڙهي جي ويل چيئر ظاهر ٿي جنهن تي اڪيلو وينل هيو. چانڊوڪيءَ ۾ وڻن جا پاڇا روڊ سان گسي رستو صاف ڪري رهيا هيا. منهنجن ڳوڙهن ۾ ستارن جون چٽنگون دڪي رهيون هيون. مان ڏڏلڪين نظرن سان پوڙهي کي ايندي ڏٺو ان پويان ڪو بہ موجود نہ هيو. مون ان کي روڪڻ چاهيو پر هٿ ڪٽي نہ سگهيس. ڳالهائڻ چاهيو پر چپ چوري نہ سگهيس. جڏهن صفا سامهون آيو تہ سندس ويل چيئر رڪجي وئي. مان تہ ڳالهائي نہ سگهيس پر ان ڳالهايو "ننڍي هوندي کان توکي ان حال ۾ ڏسندو آيو آهيان. مان توکي سڃاڻان ٿو ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ ياد رک، تنهنجي وجود جو اڌ حصو منهنجو ۽ منهنجي وجود جو اڌ حصو تنهنجو آهي." ان چيو ۽ هليو ويو.

مان هڪ لفظ بہ ڳالهائي نہ سگهيس، منهنجا پٽ بت بڻجي ويا ۽ اڌ رنگو سڄي جسم تي حاوي ٿي ويو.

❖

# انبن جي موسم جو لوڪ گيت

اجا انب لٿا نہ هيا. سيٺ آندل جي انبن جا باغ ايڪڙن ۾ ڦهليل هيا. نظر جي حد تائين انبن جا وڻ هيا ۽ انهن تي وينل ساوا طوطا, جيڪي هڪ ٻئي کي انبن جي موسم اچڻ تي واڌايون ڏئي رهيا هيا.

سيٺ آندل نہ ڪڏهن خيرات ڏني, نہ ڪڏهن زڪوات ڪڍيائين. هو ترڪي ٽوپي پائيندو هيو ۽ عينڪ جي ٿلهن شيشن مان ان جون اکيون وڏيون ۽ خوفائتيون ڏسبيون هيون. مڇون واڇن کان هيٺ وات چوڌاري وريل هيون ۽ متاري جسم تي سنهي ململ جي چولي هيئان وڏي سٽڻ پاتل هوندي هئي.

اها ان وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن سنڌوءَ تي بئريجون نہ ٻڌيون ويون هيون. سانوڻ ۾ سنڌوءَ کي روڪڻ وارو ڪو بہ نہ هيو. پاڻيءَ کي جيڏانهن پچندو هيو رستو ٺاهي هر شيءِ کي ٻوڙيندو هليو ويندو هيو.

ڪچي جي زمين ۾ ٻوڪيل هر شيءِ پاڻيءَ ۾ لڙهي ويندي هئي. سنڌو پاڻ سان گڏ هندوانا, گدرا, ڪدو, پيپنديون, توريون, ڪريلا ۽ هر شيءِ وهائيندو وٺي ويندو هيو.

جتي غريب آباد جو محلو آهي, اتي ڪڏهن غريب ماڙيچن جو ويڙهو هوندو هيو. ماڙيچن جي ان ويڙهي ۾ ملائي ڪل سورهن گهر هيا. اهو سڄو تہ ماڙيچن جو ويڙهو هيو پر ان ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو رهندا هيا. جن ۾ مائي موليڏني بہ هئي. موليڏني صبح سان چلي ڪٽي بازار ويندي هئي ۽ سبزي مارڪيٽ جي اڇلايل گند مان اڌ ڦٽل ٽماٽا, بصر, پالڪ جا ڪومايل پن ۽ ڳاڙهن ٻجن وارا ڪريلا چونڊي ايندي هئي. اها ننڍي قدر واري عورت, جنهن کي سڀ پيار مان "ناني" چوندا هيا, لڳ ڀڳ ستر سالن جي هئي. هر حال ۾ خوش رهندي هئي, قربائتي هئي, سندس ڪاڏي اڳتي نڪتل هوندي هئي ۽ زبان ايڏي تہ ڊگهي هئي جو وات مان ڪڍي ڦيرائي نڪ تي رکندي هئي. خوش ٿي ڳلي تي زور ڏئي ڪڇيون هڻندي هئي ۽ تاڙي وڄائي نچندي هئي.

ويڙهي ۾ پنج گهر لنگهن جا هيا جيڪي شادين مرادين ۾ دهل وڄائي پيٽ گذر ڪندا هيا. انهن مان دهلاريءَ کي ڇڏي باقي ٻين جا پوپليون ۽ شهنائيون وڄائڻ ڪري ڳلا سجيل هوندا هيا. اتي هڪ گهر ۾ ڪدڙو رهندو هيو جيڪو شهر ۾ "بجلي" جي نالي سان مشهور هيو. باقي گهر بي روزگارن جا هيا, انهن ۾ سورهن سالن جو خادم بہ هيو جيڪو سڄو ڏينهن سينيمائن تي رلندو هيو ۽ ڪڏهن ڪا هلڪي ڦلڪي چوري ڪري وٺندو هيو.

شهر جي آدمشماري ايتري نہ هئي, ٿاڪرو علائقو آباد هيو هيٺ زمينون ۽ باغ هيا, ماڙيچن جي ويڙهي جا اهي ماڻهو شهر کان ايندي انبن جي باغن کان ٿيندا ويڙهي ڏانهن ورندا هيا.

مائي موليڏني ڦٽل سبزي ميڙي چليءَ ۾ وجهي جڏهن آندل جي باغ اڳيان لنگهي تہ ان کي اتي ٻيٺل ڏٺائين, وڏي ان وٽ وئي ۽ عرض ڪيائين

"سيٺ هڪ انب تہ ڏي ڪائي توکي دعا ڪريان"

مائيءَ جي ائين چوڻ سبب آندل ٽپي باهہ ٿي ويو.

"مائي منهن تي انب جهڙو وڃ وڃي ڦٽل وانگڻ کاءُ, اجايو چو ٿي پنهنجي پيٽ ۾ سور وجهين؟"

مائي صفا هيسجي وئي.

"اڙي ابا سيٺ" هن عاجزيءَ مان عرض ڪيو "سڄي سال ۾ اهي ٽي مهينا تہ اچن ٿا, ڇو ٿو نهڪر ڪرين؟ هيڏا باغ ڏنا ٿي الله, هڪ ڏيندي تہ ڪهڙو فرق پوندو تنهنجي خزاني ۾؟"

سيٺ صفا وڙهڻ تي لهي آيو.

"هل هل تہ هٽاءِ نہ موچڙا" ان چيو "اجايو مٿو نہ کاءُ"

مائيءَ هن کي بددعا ڏني.

"اڙي شل آنڌي اچي, ڪو مينهن وسي, ڪا ٻوڏ اچي, رب ڪندو تہ تنهنجا انب لڙهي ويندا"

مائي هلي وئي ۽ سيٺ هن پويان ويچارا ڏئي مڻ مڻ ڪرڻ لڳو.

"آنڌي ايندي, مينهن وسندا, ٻوڏ ايندي, آئي آهي عامل ڪامل"

ناني هيٺ ڪنڌ ڪري هلي وئي پر رولاڪ خادم جڏهن رات جو سينيمائن تان موٽيو تہ باغ وٽان لنگهندي هن جي نظر انبن تي پئي, اهي رستي جي پڪ ۾ لڙڪي رهيا هيا. هن لوڙهو ٽپي جيئن پٽڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اوندهہ ۾ ڪتا ڀونڪيا, خادم جلدي ڪئي, تڪڙ ۾ هن کي هڪ انب هٿ ۾ آيو ۽ وٺي ڀڳو. ڪتا لوڙهو ٽپي هن

پوپان ويا ۽ سيٺ آنڌل ڪتن جي ڀونڪ ٻڌي لٺ کڻي ٻاهر نڪتو. ڪتا خادم کي ڊوڙائيندا ويڙهي تائين آيا. خادم ويڙهي ۾ وڃي ٻاهريون در بند ڪري ڇڏيو. ڪتا در تي بيهي ڀونڪڻ لڳا. سيٺ آنڌل بہ اچي در تي پهتو.

“اڙي ڪيڏو ان کي ٻاهر” سيٺ آنڌل در تي بيهي دڙڪو ڏنو.

ويڙهي جا بہ چار ماڻهو ٻاهر آيا ۽ انهن سيٺ سان ڳالهايو.

“خير تہ آهي سيٺ؟” لالڻ لنگهي هن کي پڇيو “اسان مان ڪا تڪليف پهتي اٿئي؟”

سيٺ لٺ سان ڀونڪندڙ ڪتن کي چپ ڪرائيندي چيو “تڪليف کي وجهہ ڊوڙ انب واپس ڪيو”

سڀ هڪا ٻڪا ٿي ويا.

“ڪير پٽي آيو انب؟” انهن مان هڪ سوال ڪيو.

“توهان جو ڇوڪر” هن چيو “ڪيڏوس ٻاهر”

خادم ويڙهي ۾ وڃي ڪوٺيءَ اندر ڪاٺ جي صندل هيٺان چاڙهيءَ جو ڍڪ لاهي انب ان ۾ لڪائي ڇڏيو.

خادم ٻاهر آيو ۽ پنهنجي بي گناهيءَ جا ثبوت پيش ڪرڻ لڳو.

“سيٺ ڏٽيءَ جو قسم آهي، مون انب چوري نہ ڪيو. ڇڙو لوڙهي وٽان لنگهيم تہ ڪتا ڪيڏ پيا”

سيٺ نہ مڙيو زور پرڻ لڳو.

“چوانءِ ٿو انب ڏي نہ تہ سنو نہ ٿيندئي”

خادم آخر تائين ڪوڙا قسم قرآن کڻي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انب واپس نہ ڪيو. سيٺ اها ڌمڪي ڏئي واپس موٽيو تہ “انب واپس ڪيئن نہ ڪندين، اهو تہ تنهنجي ناني بہ واپس ڪندي”

ناني جنهن جي ڪوٺي ويڙهي جي در پرسان هئي، ڪٿ تي ليٽي اهو سڀ ٻڌو پئي، ان سيٺ جي ڌمڪيءَ تي هٿ ڪنن تي رکيا ۽ نڪ ڇهي توبهن توبهن ڪئي.

“رب ڏين بہ اهڙن کي ٿو جن کان وٺڻ بہ مشڪل. بيپرواهہ بادشاهہ آهين. اسين ڪير آهيون ليکي ۾ پير پائڻ وارا”

پوءِ نانيءَ کي ننڊ اچي وئي ۽ انب جهڙن مٺن خوابن ۾ گم ٿي وئي. آنڌي آئي. وڏ ڦڙا وسيا. ايڏا مينهن وسيا جو وڏڙن کي مثال نہ پئي مليو. مها ٻوڏ آئي ۽ سيٺ آنڌل جا سڀ انب ڇٽي لڙهي ويا. ٻوڏ جو زور اتر کان ڏکڻ طرف هيو. جنهن ڪري شهر جا پهاڙي حصا ۽ اولهہ جي مٿاهينءَ وارا علائقا محفوظ رهيا. ماڙيچن جو ويڙهو بچي ويو. شهر جي هيٺائينءَ وارن علائقن جا ماڻهو تيز کڻي پهاڙيءَ طرف ڀڳا ۽ سڄو علائقو جل ٿي ويو.

سنڌو انبن سان ڀرجي ويو. پيلا، ڳاڙها، ساوا انب لڙهندا پئي ويا. شهر وارن ڏنو اتي هر قسم جا انب هيا، لاڱڙا، سنڌڙي، فجري، طوطا پوري، لنگڙا، دسهري، الماسي، سدا گلاب، چوسا ۽ انور رٽول. جيڪي پاڻيءَ ۾ ائين ترندا پئي ويا جيئن هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. سيني ڪنارن سان بيهي جهوليون پريون.

اهو ماڙيچن جي ويڙهي جو نوجوان “خادم” هيو جيڪو سڀ کان پهريون انبن جي جهول پري ويڙهي ۾ داخل ٿيو تہ سيني جي منهن تي سرهاڻ اچي وئي. ناني موليڏني جيڪا ڪوٺيءَ ۾ سميهيل هئي تڪڙ ۾ ٻاهر نڪتي، ڏهتي جي جهول ۾ انب ڏسي ڪيس ڇپن تي مرڪ اچي وئي. پوڙهيءَ جون دونهاتيل اکيون چمڪڻ لڳيون. هن خوشيءَ مان ڏکهي زبان ڪيڏي نڪ تي رکي ۽ پوءِ نڙيءَ تائين زور ڏئي ڪڇيون هنيون، هن جو پوڙهو آواز جوان ٿي ويو ۽ ڳائڻ لڳي.

آنڌل جي باغ جا انب آڻي ڏيندو،<br>
ڪتا هوندا ڪين وٺندا مٺا آڻي ڏيندو.

“بجلي” انبن جو نانءُ ٻڌي جسم لوڏيندو ٻاهر آيو ۽ لنگهن ڌهل وڄائي پوپلين تي زور ڏنو شهناءِ وڳي تہ مينهن تيز ٿي ويو. وڏ ڦڙو مينهن گجگوڙ ڪندو شهر تي ڪاهي پيو ۽ ويڙهي وارا گڏجي وڏي پڌر ۾ نچي ڳائڻ لڳا.

سانوڻ ايندو انب تہ ڇٽندا،<br>
مارو چونڊي چونڊي ڪٽندا.<br>
ڪيڏا مينهن وٺا آڻي ڏيندو.

آنڌل جي باغ جا انب آٽي ڏيندو،
ڪتا هوندا ڪين وٽندا، منا آٽي ڏيندو.

نظر جي حد تائين پاڻي ئي پاڻي هيو. آسمان مان ڪرندڙ پاڻي، ڌرتيءَ تي پوڏ جي صورت ۾ وهندڙ پاڻي، سنڌوءَ جي وچ ۾ ڪچوءِ سنڌوءَ کان ٻاهر پڪو سڀ ٻڏي هڪ ٿي ويا. سيٺ آنڌل قرآن ڪڇ ۾ ڪري ڇُن جي ڦهاڙ تي چڙهي ويهي رهيو.
“او رب رحم ڪر”
ان هر هر هٿ کڻي پئي پڪاريو.
“هن آفت کي روڪ، منهنجا انب لڙهي ويا.”
هن جي ٻاڏائڻ تي آسمان ۾ تيز وڄ چمڪي، نڪاءُ ٿيو ۽ وڄ پاڻيءَ ۾ ڪري وسامي وئي.
ويڙهي ۾ پاڇائيءَ خادم جي جهول مان انب ڪنيو ۽ جيئن کائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيس محسوس ٿيو انب نرم آهي، ان خراب منهن ڪري خادم کي ڏنو ۽ پوءِ چيو.
“قتل هوندا، ڪير کائيندو؟”
ناني ڪڃيون هٽندي هن سامهون آئي ۽ چيائين
“چوري تنهنجو ڏير کائيندو.”
سڀ کلڻ لڳا ۽ “بجليءَ” وچ ۾ ٽپو ڏنو چيلهہ لوڏيندي چيائين:

سهٽو چونڊي، سنا آٽي ڏيندو،
آنڌل جي باغ جا انب آٽي ڏيندو
ڪتا هوندا ڪين وٽندا منا آٽي ڏيندو.

مينهن ست ڏينهن مسلسل وسيو آسمان ڪارو نڪر تي ويو ائين تي لڳو جڻ سج جو وجود ئي نہ آهي. هوا تي لڳي تہ وڻ نہ پئي لڏيا، وڻ پاڻيءَ ۾ غرق هيا. انهن جون چوٽيون ڪٿي ڪنهن ہوتي جيان تي ڏنيون. سيٺ چن جي ڦهاڙ تي قرآن ڪڇ ۾ ڪري روئيندو رهيو هن جي وڏي پيٽ جو گهرو دن پريان پئي نظر آيو ست ڏينهن ساندهہ هن جي باغ جا انب سنڌوءَ ۾ لڙهندا رهيا. سنڌو ست ڏينهن هن جي انبن سان ٽمتار رهيو ماٺهو جهوليون پري، ڪارا پري ڪٽي ويا. ماڙيچن جي ويڙهي جي بي روزگار نوجوانن وس ڪيا، انهن زندگيءَ ۾ اهڙو مزو ڪڏهن ڪين ڏٺو هيو. مفت جا ايڏا انب ڪڏهن ڪين چکيا هيا. اهي گڏهہ گاڏا پري ويڙهي ڏي روانا ٿيا. سڄو ويڙهو انبن سان پرجي ويو. ويڙهي ۾ ڪٽون، تختا، گنديون، ٻوريون، ٻاچڪا، ٿالهہ، ڀنديون، انگوڇا ۽ پوتڙا سڀ انبن سان پرجي ويا. ربن بي روزگار صفا سڄي پيو. انب چوسي پنهنجي بي سري آواز ۾ ڳائڻ لڳو.

هڪ نہ ڏيندو، ٻيهر ويندو،
ٻہ نہ ڏيندو، ٽيهر ويندو.

ويڙهي جي سُريلي عورت شهناز جيڪا شادين مرادين ۾ ڳائيندي هئي، ان ربن بي روزگار جي وات تي هٿ رکيو جيئن وڏيڪ بي سري آواز ۾ نہ ڳائي، پاڻ سريلي آواز ۾ ڳائڻ لڳو.

چونڊي چڱا ڪنا آٽي ڏيندو،
آنڌل جي باغ جا انب آٽي ڏيندو،
ڪتا هوندا ڪين وٽندا منا آٽي ڏيندو.
نانيءَ جي هٿ ۾ سائي انبڙي اچي وئي، جنهن کي چڪ هٽي، زبان سان چٽڪو وجائيندي، اها سائي انبڙي عمر دراز جي گهر واريءَ کي ڏني، جيڪا اميد سان هئي ۽ پوءِ چيو.

سايون انبڙيون، ڪائن ڳورهاريون،
ڪٽيون منيون، ڪچيون ڪساريون.

نانيءَ خادم جي ڳتي تي پيار مان چمي ڏني ۽ راڳ اڳتي وڌائيندي چيو.

پاڻ کي پيلا پنا آڻي ڏيندو.

ماڙيچن جي ويڙهي جا سڀ ياتي انب کائي تاڙيون وڄائي ڳائڻ لڳا. لنگهن پوپلين ۾ شهناءِ تي زور ڏنو دهلاريءَ جي هر ڏڪ تي جڻ دهل مان وڄ پئي چمڪي.

آندل جي باغ جا انب آڻي ڏيندو.
کنا هوندا کين وٽندا منا آڻي ڏيندو.

رات گهري ٿي چڪي هئي، مينهن ٿورو گهٽجي چڪو هيو. ويڙهي جا سڀ ياتي نچي ٿڪجي چڪا هيا، نانيءَ ڏنو ويڙهي جي هر شيءِ انبن سان سٽجي چڪي هئي، وڏيڪ رکڻ جي جاءِ نه هئي. ناني ڏاڍي خوش ٿي، هن هٿ کڻي رب جا ٿورا مڃيا.

"ڏٺي واھ جو مزو ڪرائي ڇڏيئي، ڏاڍا سٺا انب کارايئي، ايندڙ موسم جي پارت اٿئي."

سيٺ آندل چن جي پهاڙ تي بيهي رب کي پاراتا ڏيڻ لڳو.

"رب سٺو نه ڪئي، ڪڪ نه رهيو صفا سڄو ٿي ويس."

جڏهن سڀ ٿڪجي رات جو دير سان سمهيا ته نانيءَ کي به ننڊ ورائي وئي.

صبح جو سوير ويڙهي جو ٻاهريون در کڙڪيو نانيءَ جي اک کلي وئي. کٽ تان اٿي ڪڙو لاهي در کوليائين، ڏسي ڪيس اکين تي اعتبار نه آيو اتي سيٺ آندل هيو ميرا ڦاٽل ڪپڙا، ترڪي ٽوپي جنهن جو رنگ ڳاڙهي مان ناسي ٿي چڪو هيو. پيرين اگهاڙو بي ترتيب مڇون ۾ مسڪين منهن تي وڌيل اڇي ڏاڙهي. ان نانيءَ کي ڏسي ڏکايل آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو.

امڙ منهنجي قسمت کوٽي
تنهنجي در تي آيس موٽي
ڪيڏا سور سَنا آڻي ڏيندو
آندل جي باغ جا انب آڻي ڏيندو
کنا هوندا کين وٽندا منا آڻي ڏيندو

"اڙي سيٺ ايڏو اداس ڇو آهين؟" نانيءَ چيو "ڏيڻ ونڻ واري رب جي ذات آهي."

سيٺ آندل شرمندو ٿيو. ان ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇيو.

"ناني سڀ انب لڙهي ويا، مان فقير ٿي ويس، کائڻ لاءِ هڪ انب به نه بچيو."

نانيءَ هن ڏي رحم جي نظرن سان ڏٺو.

"پوءِ مان ڇا ڪيان؟"

سيٺ آندل جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

"هڪڙو انب ڏي ته کائي توکي دعا ڪريان."

نانيءَ هن ڏي حيرت مان ڏٺو. سيٺ وري عرض ڪيو.

"موٽائجاءِ نه، ڏاڍو بکايل آهيان."

نانيءَ هن کي دلجاءِ ڏني.

"تون مون کي موٽائيو هيو پر مان توکي نه موٽائيندس."

نانيءَ سوچيو سيٺ تي احسان ڪرڻ لاءِ پال وڌل سٺو انب ڏيندس. هوءَ اندر وئي، ڪاٺ جي صندل هيٺان پيل چاڏيءَ مان انب ڪڍي ٻاهر آئي. سيٺ جهول جهلي. نانيءَ انب سيٺ جي جهول ۾ وجهي ڇڏيو. سيٺ آندل ڪنڌ نوائي ٿورا مڃيا. واپس مڙيو مرڪندو آهستي آهستي هلندو هن جي نظرن کان اوجهل ٿي ويو.

ناني اندر آئي ۽ ويڙهي جو جائزو ورتائين. سڄي ويڙهي ۾ سڃ لڳي پئي هئي. ڪٿي به انب جو نانءُ نشان نه هيو. کٽون، تختا، گنديون، بوريون، ٻاچڪا، ٿالهه، پنڊيون، انگوڇا ۽ پوتڙا سڀ خالي هيا. ڪا آنڌي نه آئي هئي. ڪو مينهن نه وسيو هيو. ڪا ٻوڏ نه آئي هئي. ويڙهي وارا سڀ آرام ۾ هيا. اهو ڏسي نانيءَ جا ٽپ ٽري ويا. خادم ننڊ

مان اٿي اکيون مهٽيندو ڪوٺيءَ ۾ ويو. ڪاٺ جي صندل هيٺان چاڙهي ڪيڏي چورايل انب ڳولهيائين. اٿي ڪاريءَ وارا ڪک هيا. چاڙهيءَ مان هٿ ڪيڏي نانيءَ وٽ آيو ۽ ڪاوڙ مان پڇيائين.

“ناني انب ڪاڏي ويو؟”

ناني صفا منجهي پئي، سوچيائين الاءِ خادم وڙهندو نہ. پوءِ ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين.

“پٽ اهو سيٺ آندل موٽائي وني ويو.”

❖

# عبدالله افغانيءَ جون ٻڪريون

ماڻهن لاءِ اها حيرت جي ڳالهه هئي تہ عبدالله نسوار نہ کائيندو هيو هن ننڍي هوندي نسوار کاڌي هئي جيڪا کيس ظاهر شاهہ جي طنبيلي ۾ ڪم ڪندڙ گھوڙن جي هڪ مالشيءَ کارائي هئي. جنهن کان پوءِ هن کي ڪڏهن نسوار جو ذائقو سٺو نہ لڳو. جڏهن ڪچڙي عمر جو هيو ۽ کيس ڇپن تي سانول نروار ٿي تڏهن کيس پست جا گُل ڏاڍا وڻندا هيا, هو چوندو هيو.

"پست جي گل ڏسڻ سان ايترو تہ نشو طاري ٿئي ٿو جيترو پست پيئڻ سان بہ نہ"

نظر جي حد تائين گلابي رنگ جا دلفريب گل لهرائيندا هيا جيڪي پريان ڦهليل سرسبز پهاڙن جي هنج ۾ ڏاڍا خوبصورت نظر ايندا هيا. تن ڏينهن نشو پست ۾ نہ پر ڪابل درياهہ جي پاڻيءَ ۾ هوندو هيو جيڪو ندين نالن مان وهندو انهن کي سيراب ڪندو هيو.

ظاهر شاهہ معزول ٿيو. جڏهن دائود آيو تہ گاديءَ جي هنڌ جا سپ دائودي مرجهائجي ويا, ڇڻ انهن احتجاج ڪيو تہ اسان جي هوندي هن جي ڪهڙي ضرورت هئي جنهن جي مٽي جا وار پيدائشي ڪٽل آهن.

تن ڏينهن ڪابل ۾ ٽي گتا ڪليا جن ۾ ووڊڪا تي پنجاهہ سيڪڙو سيل هٽي وڪيو ويو. نسوار کائيندڙ افغاني ووڊڪا هضم نہ ڪري سگھيا. جنهن ڪري گيسٽرو وبائي صورت اختيار ڪري وئي. افغاني ياٽرن جي مدد لاءِ اسلام آباد کان پڻ ڊاڪٽرن جي اهڙي ٽيم موڪلي وئي جنهن کي ان بيماريءَ جي علاج جو ڪو بہ تجربو نہ هيو. اها ساڳي ٽيم هئي جنهن واپسيءَ ۾ جنرلن کي رپورٽ پيش ڪندي چيو هيو تہ "افغنستان ۾ ڦهليل اها بدهضميءَ جي بيماري ووڊڪا پيئڻ جي ڪري نہ پر ڪميونزم جي ڪري آهي, جنهن کي افغاني هضم نہ ڪري سگھيا آهن."

انهن ڏينهن عبدالله شادي ڪئي ۽ ڏاج ۾ هن جي زال ست ٻڪريون ڪٽي آئي. ستن ئي ٻڪرين جي ٻوٽ تي ڏاڙهي هئي. ڪابل ٻاهران سرسبز پهاڙين تي ٻڪريون چاريندي هو ڪڏهن ڪنهن ٻڪريءَ کي جهلي ان جي ڏاڙهيءَ کي هٿ لاهي چوندو هيو.

"واهہ رب ايمان ڏيڻ تي اچين تہ جانورن کي بہ انسانن جهڙو افضل بڻائي وجهين."

عبدالله کي جڏهن ستون پٽ ڄايو تہ هن ستين ٻڪري وڪي کيس هر ٻار تي هڪ ٻڪري وڪڻي پئي. ڪابل ۾ ڪمائيءَ جو ڪو ذريعو نہ بچيو هيو. سوويت يونين جي هٿ چراند کان پوءِ ماڻهن جون دليون نفرت جي باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي چڪيون هيون.

"ايمان بچايو... اسلام بچايو. ڪافر توهان جي گهرن ۾ گهري آيا آهن... مسئلي جو هڪڙوئي حل... جهاد... جهاد ۽ صرف جهاد"

جڏهن عبدالله آخري ٻڪري وڪڻي زال سان وري ڪڏهن نہ سمهڻ جو قسم کنيو تہ هن وٽ کيسي ۾ ٻار جي کير جيترا پئسا بہ نہ هيا.

بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي عبدالله پست جي ٻنين ۾ ڪم شروع ڪيو. هو جڏهن ڏوڏيءَ کي ڇيهہ ڏيندو هيو تہ محسوس ڪندو هيو جيئن زال تي تشدد ڪندو هجي. کير ڦوهارا ڪري وهندو هجي. پوڪ ٻاهران ڪجهہ مزدور ڏوڏين جي کير مان هيروئن ناهيندا هيا. عبدالله ٺهندڙ هيروئن کي ڏسي چوندو هيو.

"واهہ مالڪ واهہ, جانورن جي کير مان مکڻ ۽ پنير ٿو عطا ڪرين, ڏوڏين جي کير مان هيروئن! مرضيءَ جو مالڪ آهين, مارين يا جيئارين."

جڏهن سوويت يونين کي شڪست آئي ۽ احمد شاهہ مسعود گن ڪٽي سڙندڙ فوجي ٽرڪن پويان لڪندو ڪابل جي گهٽين ۾ داخل ٿيو تہ حڪمت يار چاليهہ ڪلوميٽر پري منڊڪائيندو اچي رهيو هيو. رباني ان وقت ڪنهن گمنام هنڌ شهيد ٿيل مسجد ۾ خدا کي فتح لاءِ ٻاڏائي رهيو هيو. ڪابل سڙي رهيو هيو. احمد شاهہ مسعود

جڏھن صدارتي محل ۾ گھريو تہ ڪامريڊ نجيب روسي سفارتخاني ۾ پناھ وٺي پريشانيءَ جي حالت ۾ ڪوٽ جا بٽڻ کولي ھڪ ننڍڙي ٽيبل تي ووڊڪا جا ڍڪ پري ڪيوبا جو اڌ ڪٽندڙ سگار پي رهيو هيو. تڏهوندي بہ پگھر هن جي پيشانيءَ تي چمڪي رھيو ھيو. ھن جي ڪوٽ جي کٻي کيسي ۾ ريڊ ۽ وائيٽ سگريٽن جو اھو پاڪيٽ موجود ھيو جيڪو کيس ھڪ پاڪستاني دانشور تحفي ۾ موڪليو ھيو ۽ چٺوراڻي موڪليو ھياڻين تہ ”ان جو ڳاڙھو پاسو انقلاب ۽ اڇو پاسو استحصال جي ترجماني ڪري ٿو. وڏيڪ پاڪيٽ کولي، سگريٽ دکائي ڪش ھڻي آرام سان سوچي سگھين ٿو.“

اقتدار تي قبضي ڪانپوءِ جڏھن احمد شاھ مسعود سنپاليو تہ سندس جنگ جي ميدان ۾ گن کڻي ڊوڙندي اھو ٽيلھو ڪٽي ڪري پيو ھيو جنھن ۾ ”اسلامي آزاد نظمن“ جو اھو نوٽ بڪ ھيو جنھن ۾ فتح واري رات ھن پنھنجو تازو ڪلام لکيو ھيو جنھن جو عنوان ھيو ”اي ڪئميرا مين ڪٿي آھين؟“

اقتدار تي قبضي ڪانپوءِ مولين سڀ کان پھريون ڪم اھو ڪيو جو ڪامريڊ نجيب کي روسي سفارتخاني مان گھليندا ٻاھر وٺي آيا ۽ ھڪ چوسول تي بيھاري پوپان ھٿ ٻڌي کيس رسي ۾ لڙڪائي ڇڏيائون. ٽن ڏينھن اخبارن ۾ ڪامريڊ نجيب جو تختدار تي جيڪو فوٽو شايع ٿيو ھيو ان ۾ ٻين شرارتي ماڻھن سان گڏ ڪامريڊ جي سگريٽ ڇڪيندڙ لاش پويان جيڪو مرڪندڙ نوجوان بيٺل ھيو اھو عبدالله جو وڏو پٽ ھيو جنھن جو نالو عبدالرحمان ھيو. ان کان اڳ جنھن وقت مولوين روسي سفارتخاني تي قبضي جي ڪوشش ڪئي ھئي ۽ ھر طرف کان گولين جي ڏي وٺ ٿي رھي ھئي. ان وقت عبدالله جو اھو پٽ ننڍين پائرن سان سفارت خاني ٻاھران چڊن راند کيڏي رھيو ھيو. گوليون ھلنديون رھيون ۽ اھي چڊن راند کيڏندا رھيا. انھن راند ان وقت بند ڪئي جڏھن ھڪ ھجوم اڳيان بہ ڏاڙھيءَ وارا ڪامريڊ کي گھليندا ٻاھر وٺي آيا. ڪامريڊ ڏکن ٽاھن ۾ ٽيڙ ڪائيندو اڳتي وڏي رھيو ھيو. ان کي چوسول تي صدارتي محل آڏو بيھاري ڪنھن بہ آخري خواھش پڇڻ کان سواءِ ڳچيءَ ۾ رسو وجھي ست ڏٺي لڙڪائي بيھي رھيا. ڪامريڊ ائين اکيون ھوٽيون جيئن کيس ننڊ اچي وئي ھجي.

”ڪافر...“ ھڪ چيو.

”ڪميونسٽ... رشي“ ٻئي چيو.

عبدالله جي وڏي پٽ ھن جي کيسي پرسان وجي جڏھن تلاشي ورتي تہ ان مان ريڊ ۽ وائيٽ جو پاڪيٽ نڪتو. ھن ھڪ سگريٽ دکائي لڙڪندڙ ڪامريڊ جي لاش جي وات ۾ وڌو. سڀ کلڻ لڳا ۽ فوٽو نڪري ويو.

عبدالله جي وڏي پٽ عبدالرحمان پورا نوَ سگريٽ پاڪيٽ سوڌا پنھنجي کيسي ۾ لڪايا، اھو پيءُ کان اک بچائي ٻڪرين جي ان واڙ ۾ ويو جتي ھاڻي ڦولٽين ڪانسواءِ ڪجھ نہ بچيو ھيو. ھن پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکائي ڇپن ۾ وجھي سوٽو ھڻي دونھون ڇڏيو تہ دونھون ناسون ھڻندو جاري کان ٻاھر نڪتو. عبدالله اھا بوءِ سڃاڻي ويو. اھا ڪفر جي بوءِ ھئي جيڪا سوويت سپاھين جي وات مان ايندي ھئي. ھو اٿيو ۽ عبدالرحمان جي مٿان وڃي بيٺو.

”اھو مونکي ڏي نافرمان اولاد“ ھن چيو ” سڄو ڏينھن وتين ٿو رلندو ۽ ڪافرن جون شيون واپرائيندو.“

ھن پٽ کان سگريٽ وٺي، ٽڪر ٽڪر ڪري ائين اڇلايا جيئن سوويت يونين ذرا ذرا ٿي ويو.

ھڪ ڏينھن ھن ست ئي پٽ ملان عثمان جي مدرسي ۾ داخل ڪرايا ۽ گھٽي عرصي ڪانپوءِ انھن سان ملڻ ويو تہ ھن جي حيرت جي ڪا حد نہ رھي. سندس پٽ تيزيءَ سان جوان ٿيا ھيا. انھن جي چھرن تي ڪاريون ڊگھيون ڏاڙھيون ھيون ۽ اھي مذھب سان گڏ وڙھڻ جي تربيت بہ حاصل ڪري رھيا ھيا. جيئن سوويت يونين کان پوءِ آمريڪا کي بہ مات ڏئي اسلام جو غلبو قائم ڪري سگھن.

جڏھن طالبان جي حڪومت قائم ٿي تہ انھن کي سنن عھدن تي فائز ڪيو ويو. انھن حوالي اھو ڪم ڪيو ويو تہ چورن جا ھٿ ڪٽين، زانين کي سرعام سنگسار ڪن ۽ پست جا فصل ناس ڪن.

عبدالله جا ست ئي پٽ جڏھن واپس موٽيا تہ انھن سڀ کان پھريون پست جا فصل ناس ڪيا. اھي ٻنين ۾ گھريا ۽ لنين سان خوبصورت گلن جي چيلھہ ڀڃي وڌي. اھڙو حال ڏسي عبدالله انھن کي روڪيو.

"اڙي چورا! اھو ئي تہ آخري روزگار بچيو ھيو توھان کي ان لاءِ پڙھايم تہ موٽي اچي پيءُ کي بيروزگار ڪيو؟"

نائين اليون کانپوءِ آمريڪا حملو ڪيو ھڪ ڏينھن ھن جا پٽ گھر نہ موٽيا. ھن ٻاھر وڃي ڏٺو ستن ئي پٽن جو رت پيو ھيو ھن جي پٽن جا لاش ڪٿي بہ نہ ھيا.

ھڪ پٽ جو خون اتي پيو ھيو جتي ان عورت کي اونڌو ڪري سرعام ڦٽڪا ھنيا ويا ھيا جنھن کي فحاشيءَ جي الزام ۾ پڪڙيو ويو ھيو. ٻئي پٽ جو خون اتي پيو ھيو جتي ھڪ پرديدار عورت کي بيھاري ان جا ڏگھا وڏيل ننھن اھو چئي ڪٽيا ويا تہ اسلام ۾ فيشن حرام آھي. ٽئين پٽ جو خون اتي پيل ھيو جتي ڇوڪرين جو ڊٺل اسڪول ھيو جنھن کي اھو چئي بم سان اڏايو ويو تہ اسلام ۾ انگريزي تعليم حرام آھي. چوٿين پٽ جو خون نور محمد نانوائيءَ جي ان تنور وٽ پيل ھيو جنھن ۾ ھڪ ترقي پسند اديب جا ناول اچلائي ساڙيا ويا. پنجين پٽ جو خون اتي پيل ھيو جتي مدرسي جي ان ملان جي مٿي ۾ منھن جا وار ڪوڙي گولي ھنئين وئي. جنھن رٻانيءَ جي دور ۾ ھڪ طالب سان بدفعلي ڪئي ھئي. ڇھين پٽ جو خون اتي پيل ھيو جتي آذان ملڻ کانپوءِ ھڪ معزز ماڻھوءَ کي اھو چئي ڪيس ڏاڙھيءَ ۾ ھٿ وجھي مسجد طرف گھليو ويو تہ نماز جي وقت اھو روڊ تي ڇو گھمي رھيو آھي ۽ ستين پٽ جو خون ان مسجد وٽ پيل ھيو جنھن جي پيش امام اھو چئي ھڪ شخص جي جنازي نماز پڙھائڻ کان انڪار ڪيو تہ ان جي چھري تي ڏاڙھيءَ بدران رشيد دوستم جھڙيون تلھيون مڇون ھيون.

پٽن جو خون ڏسي ھو رنو ۽ روئندو رھيو. ڪجھہ ماڻھو ھن وٽ آيا ۽ ڪيس دلداري ڏني.

"عبدالله تنھنجا پٽ شھيد آھن ۽ شھيد جنتي ھوندا آھن. ان ۾ روئڻ جي ڳالھہ نہ آھي توکي خوش ٿيڻ گھرجي تہ تنھنجا پٽ جنت ۾ ھوندا ۽ سٺي زندگي گذاريندا ھوندا!"

اھڙيون ڳالھيون ٻڌي عبدالله جي دل مطمئن ٿي وئي ۽ ھو چپ ٿي ويو.

صدر حامد ڪرزيءَ جي ڏينھن ۾ ھن کي ايترو قرض مليو جو ھن وري ست ٻڪريون خريد ڪيون. اھي ٻڪريون سندس پٽن تان قربان ٿيل ستن ٻڪرين جون ھمشڪل ھيون. ساڳي سونھاري انھن جي منھن تي ھئي جيڪا ان کان اڳ ستن ٻڪرين جي چھري تي ھئي جيڪي ھن جي ھر پٽ جي پيدائش وقت ھڪ ھڪ تي وڪامي ويون.

افغانستان جون حالتون ايڏيون تہ خراب ٿي چڪيون ھيون جو ان جي اڌ کان وڌيڪ آدمشماري پاڪستان جو رخ ڪري چڪي ھئي. ھن بہ سوچيو ھو پنھنجن ماساتن ڏي ڪراچيءَ ويندو جيڪي سپر ھائي وي پرسان افغان ڪيمپ ۾ رھائش پذير ھيا ۽ گند ميڙي گذران ڪندا ھيا.

عبدالله ست ئي ٻڪريون ساڻ ڪري زال جي قبر تي آخري دعا گھري جيڪا پٽن جي ڏک ۾ ستت ئي گذاري وئي ھئي ۽ پوءِ پاڪستان جو رخ ڪيو. پاڪستاني بارڊر تي ھن کي روڪيو ويو پر جڏھن ھن کين ٻڌايو تہ "ھو سنڌ وڃي رھيو آھي ۽ ڪراچيءَ ۾ ھن جا ماسات آھن" تہ پوءِ ڪيس اجازت ڏني وئي. ھو ست ٻڪريون ساڻ ڪري جڏھن ڪراچيءَ پھتو تہ گلشن معمار وٽ سپر ھائي وي جي ٻئي پاسي افغان ڪيمپ ۾ ھن کي ماساتن پرسان پيل زمين تي ڪچو گھر ٺھرائي ٻڪرين سميت پناھہ ڏني.

اھا افغان بستي ٻاونجاھہ گھرن تي مشتمل ھئي. انھن روڊ تان لنگھيندڙ بجليءَ جي تارن ۾ ڪنڊا ھڻي تارون ڇڪيون ھيون. تارن جي ڀاڻ ۾ ملي وڃڻ ڪري انھن کي باھہ لڳندي ھئي ۽ علائقي جو ٽرانسفارمر ڌماڪي سان ڦاٽي پوندو ھيو. اھي ٻوريون کڻي شھر ۾ نڪرندا ھيا ۽ ڪچرو ميڙي ڪٻاڙيءَ کي ڏيندا ھيا جنھن مان انھن جو پيٽ گذر ٿيندو ھيو.

عبدالله جون ست ٻڪريون افغانستان ڇڏڻ کانپوءِ جڻ اداس ٿي ويون. اھي ڪُر سان ڏاڙھي کنھي سوچينديون ھيون تہ ھيءُ ڪھڙو ملڪ آھي جنھن ۾ ڪنبدي ۽ ٻوڙن کانسواءِ کائڻ لاءِ ٻي ڪا شيءِ نہ آھي. بستيءَ چوڌاري

ڪنڌيءَ جا وڻ هيا ۽ سڪل ٻوڙا جيڪي ٻڪريون سنگهي ٿوري لام ڪائي وري چپ ڪري ويهي رهنديون هيون، ڪيس ايترا پئسا نه هيا جو لوسڻ داٿو وٺي انهن کي کارائي سگهي.

هڪ ڏينهن هو ٻڪريون ساڻ ڪري بستيءَ کان اوپر طرف ويو ته اتي هڪ سرسبز سوسائٽي هئي. بنگلا هيا ۽ بنگلن ٻاهران سائي چپر هئي. اتي قيمتي ٻوٽا پوکيل هيا ۽ ويکرن رستن جي وچ ۾ چڏيل وٿيءَ اندر خوبصورت وڻ هيا جيڪي پري تائين ڦهليل هيا. عبدالله سوسائٽيءَ ۾ پنهنجيون ٻڪريون ڇڏيون جيڪي ٻوٽن ۽ ساوڪ کي ائين وچي چنبڙيون جيئن سالن کان پوءِ انهن کي کاڌو نصيب ٿيو هجي. جهٽ پل ۾ انهن سوسائٽيءَ جي گهرن اڳيان چڱي مقدار ۾ ٻوٽا کائي ساوڪ تباهه ڪئي. صبح جو وقت هيو هر ڪو روزگار لاءِ گهر کان نڪتل هيو. ٻه چار بي روزگار نوجوان عورتن سوڌا ٻاهر نڪتا ۽ انهن پنهنجا تباهه ٿيل باغيچا ڏسي وٺي رڙيون ڪيون.

”اڙي ٻڪريون ڪنهن جون آهن؟... انهن کي هڪليو.“

ٻڪريون تاهه کائي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄيون، عبدالله لٺ ڦيرائي انهن کي ائين هشڪرون ڏيڻ لڳو جيئن کين کائڻ کان منع ڪندو هجي. نوجوانن عبدالله کي سمجهايو.

”اڙي بابا... هيءَ ٻڪرين چارڻ جي جاءِ نه آهي. ڏس ڪيڏو نقصان ڪرائي ڇڏيئي، انهن کي هتان هڪلي وٺي وڃ.“

عبدالله ٻڪريون هڪليندو بستيءَ طرف موٽيو ان رات انهن جهجهو کير ڏنو ستن ٻڪرين جو کير ڏسي عبدالله کي پنهنجا ست پٽ ياد آيا، هو رنو ۽ اڪيلائيءَ ۾ پاڻ سان ڳالهائيندي چيو ”جيڪر اڄ منهنجا ست پٽ جيئرا هجن ها ته ستن ٻڪرين جو کير پي ڪيڏا نه خوش ٿين ها!“

پوءِ اهو سوچي دل کي آٿت ڏنو ته پڪ سان اهي جنت ۾ هوندا ۽ ڏاڍا خوش هوندا.“

هن صبح سان ٻڪريون ڪڏي جهنگل ۾ چوڙي ڇڏيون، جيڪي ڪنڊين ۽ سَرن کي نڪ هڻنديون وري وچي سوسائٽيءَ ۾ نڪتيون. انهن گهرن اڳيان بيٺل ٻوٽا ۽ سرسبز گاهه کائي وري ڊوءَ ڪيو. ماڻهو گهرن کان نڪري انهن کي گهلي افغان بستيءَ ۾ چڙي آيا، انهن عبدالله کي سمجهايو ته

”مهرباني ڪري پنهنجين ٻڪرين کي ٻڌي رک، نه ته سٺو نه ٿيندو.“

عبدالله جيڪو پوڙهو ٿي چڪو هيو ان ڳالهايو ته سندس لڱ پئي ڏڪيا.

”پائي ڌرتي الله جي آهي“ هن چيو ”گاهه آهي ٻڪريون ته کائينديون نه. جانور آهن انهن کي ڪيترو روڪيان؟“

جتي عبدالله جون ٻڪريون اتي سوسائٽيءَ جي وڻن ۽ ٻوٽن کي نقصان پهچائينديون هيون اتي گند ميڙيندڙ افغاني ڪو خالي گهر ڏسي ان ۾ ٽپي پوندا هيا ۽ قيمتي سامان چورائي ويندا هيا.

هڪ گڏجاڻيءَ ۾ سوسائٽيءَ وارن فيصلو ڪيو چو نه چوڌاري پٽ ڪيرائجي ۽ انهن آفتن کان آجو رهجي. ان لاءِ تڪڙ ۾ چندو گڏ ڪيو ويو ۽ سوسائٽيءَ چوڌاري پٽ ڪيرائي وئي ان کي اتر ۽ ڏکڻ پاسي در وجهرايا ويا. درن تي چوڪيدار ويهاريا ويا.

چوديواريءَ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن سڪون جا گذريا پر پوءِ وري رڙ پئي.

”منهنجا زيتونن جا وڻ؟“ ۽ گهٽي نمبر چار واري ربنواز سومري چيو.

”منهنجا ناريلن جا ٻوٽا؟“ بلاڪ پنجين واري ميمڻ چيو.

”منهنجا ڪيلن جا ٻوٽا؟“ بلاڪ هڪ ۾ رهندڙ ديوان چيو

”منهنجا ليمن جا ٻوٽا“ گهٽي نمبر ست واري جوکيي چيو. سڀ گڏ ٿيا، جاچ ڪندا جڏهن چوديواريءَ جي اولهه واري حصي وٽ پهتا ته اتي پٽ ۾ وڏو سوراخ هيو سمجهي ويا ته اهو سڀ اتان ٿيو آهي، اوستو گهرائي سوراخ کي بند ڪرايائون. بستيءَ وارن وٽ منٿ ميڙ ڪري ويا ۽ چيائيون ته

”ميان نالو اٿوَ رب جو اسان مسڪينن سان چو وير وڌو اٿوَ“

افغاني نه مڙيا، ٻن ڏينهن ڪانپوءِ وري پٽ ۾ سوراخ هيو ۽ ٻڪريون سوسائٽيءَ ۾ گهمي رهيون هيون.

نيٺ هڪ ڏينهن ڇا ٿيو؟ اها نائين اليون جي ٽئين ورسي هئي، عبدالله جون ٻڪريون واپس نه موٽيون. هن پٽ جي سوراخ مان وچي سوسائٽيءَ ۾ ڏٺو ستن جاين تي رت پيو هيو ٻڪرين جا لاش ڪٿي به نه هيا.

پهرين ٻڪريءَ جو خون ان ڪچري جي ڍير وٽ پيل هيو جتي دين محمد درزي ڪپڙن جي ڪاتر ۽ هادن حجم ماڻهن جا ڪٽيل وار اڇلائيندو هيو. ٻئي ٻڪريءَ جو خون ان دڪي وٽ پيل هيو جيڪو ڪريم بخش ڪاسائيءَ جي گهر اڳيان هيو. ٽئين ٻڪريءَ جو خون ان ميدان وٽ هيو جتي مولوي نذير احمد حج تي رواني ٿيڻ کان اڳ آخري دفعو عيد نماز پڙهائي هئي. جڏهن حج دوران هن جو موت واقع ٿيو هيو ته هن کي اتي ئي جنت البقيع ۾ جاءِ ڏني وئي هئي. چوٿين ٻڪريءَ جو خون ان چورنگي وٽ پيل هيو جتي تي روڊ پاڻ ۾ ملي رهيا هيا. ڪا خبر نه هئي ته ان کي چورنگي ڇو چيو ويندو هيو؟ پنجين ٻڪريءَ جو خون سڪر کان آيل ان سولنگيءَ جي گهر ٻاهران پيل هيو جيڪو هڪ ڪرايي جي جاءِ ۾ رهندو هيو ۽ هر آچر تي پلاٽن جا اگهه پڇي وري چپ ڪري گهر ۾ ويهي رهندو هيو. ڇهين ٻڪريءَ جو خون ٽاٽي بولا خان واري ديوان جي چانورن جي دڪان ٻاهران پيل هيو ۽ ستين ٻڪريءَ جو خون ڏکڻ طرف چوديواريءَ جي پرسان جتي هڪ طرف ڊاڪٽر شيخ صاحب جي ڪلينڪ هئي ۽ ٻئي پاسي قبرستان هيو.

عبدالله رنو ۽ روئيندو رهيو. پوءِ اهو سوچي دل کي تسلي ڏني ته هن جون بي گناهه ٻڪريون جنتي آهن. اهي جنت ۾ هونديون ۽ هن جا ست پٽ ضرور انهن جو کير پئيندا هوندا.

❖

# انب

سهارنپور جو نواب اعجاز علي بيگ پنهنجي نوڪري ڪالي خان سان انبن جي باغ ۾ گهمي رهيو هيو. ساوڻ جي موسم هئي ۽ پورو باغ پيلن انبن سان ائين جهنجهيل هيو جو ان جي وڻ جي هر ٽاري هيٺ نوڙي نواب اڳيان جڻ عزت سان پنهنجو ميوو پيش ڪري رهي هجي. نواب اچي ڪڙتي ۾ سرسبز باغ اندر ائين گهمي رهيو هيو جيئن هو ڪو ساوڻ جو ڇتڪيل بادل هجي جيڪو ڪنهن خوابناڪ منظر جيان جنت جهڙي ماحول ۾ اڏامندو هجي.

بنگال جي سمنڊ مان اٿيل مُون سُون جا بادل هن دفعي ڪي اهڙا ڪارا ۽ گهاٽا نہ هيا. اهي ٽڪر ٽڪر ٿي عرش تي هڪ ٻئي پويان اڏامندا پئي ويا. ڪڏهن وٺا بہ ٿي تہ انهن جي بوندن ۾ اها طاقت نہ هئي جو انبن جي باغ کي نقصان رسائي سگهن. هوا ۾ بہ هن دفعي اهڙو زور نہ هيو جو وڻن کي ڏوٽي ڇاٽي سگهي. انبن جو فصل اهڙو ڀلو ٿيو هيو جو نواب صاحب جي دل سيني اندر ڪنهن وڏي مٺي انب جيان ڌڙڪڻ لڳي.

نواب پويان ايندي ڪالي خان هڪ ننڍو پٿر ڪڻي مٿي وڻ ۾ وهائي ڪڍيو. ڇڻ ڇڻ ٿي، ڪجهہ پن ڪريا ۽ ساوا طوطا ولر جي صورت ۾ وڻ تان ڀڙڪو ڪائي مٿي اڏاڻا. ڪالي خان وات تي ٻئي هٿ ڏئي انهن پويان هُوڪر ڪئي ۽ طوطا نواب جي وسيع باغ ۾ پري اڏاڻا هليا ويا.

“ڪالا خان تون انهن کي ڪيئن روڪي سگهين ٿو. هتان ويا تہ هُتي وڃي ويٺا” نواب پنهنجي پويان چيلهہ چٻي ڪري ايندڙ ڪالي خان کي چيو. ڪالي خان زوريءَ هلڪو ٺهڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

“حضور هن دفعي تہ طوطن وڻ وڃائي ڇڏيا، خبر نہ آهي ڪٿان ڪٿڪن جا ڪٽڪ اچي پلٽيا آهن. آنڌي ۽ مينهن تہ نقصان نہ رسايو پر هنن طوطن اها ڪسر پوري ڪري ڇڏي.”

نواب ڪاڏيءَ کي ڪنهي ڪجهہ سوچيو ۽ پوءِ چيو “ڇڏين ڇا ڪائي ڇا ڪائيندا جيترو زبان ڪرٽوا ٿن ڪن... ڏٽيءَ جي مخلوق آهن ڪجهہ ڪائيندا نہ.”

ڪالي خان قرب مان وڏيڪ ڪبو ٿيندي خوشامندي ٺهڪ ڏنو.

“هَو شاباش ڏٽي توهان جو ڀلو ڪري نواب صاحب، مولا توهان کي وڏائي سخي دل سرڪار... واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿوَ”

هو نواب مٿان گهور گهور پئي ويو. نواب مرڪيو ۽ اڳتي هلي ان هنڌ آيو جتي ڪالي خان حقو تيار ڪري رکيو هيو. هو ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ نڙ وات ۾ وجهي ڪش هڻي دونهون هوا ۾ ڇڏيو. ڪالي خان کي حقي جي گڙ گڙ ائين محسوس ٿي جيئن ڪيس پيٽ ۾ وٽ پيا هجن. هو ڊوڙيو ۽ اندر وڃي پليٽ صاف ڪري، انب ڪٽي ان ۾ رکي نواب آڏو پيش ڪيا.

ڪالي خان هن سامهون هيٺ سائي گاهہ تي ويهي ائين گهورڻ لڳو جيئن هن کي نواب جي ڪنهن حڪم جو انتظار هجي. نواب هٿ وڌايو ۽ ڦار ڪڻي وات ۾ وڌي.

“واهہ انور رٽول تنهنجو جواب نہ آهي.” هن وات کي ائين پئي چٻاڙيو جيئن اهو هن جي ڪنٽرول ۾ نہ هجي پر خودبخود انبن کي ڪائڻ تي هريل هجي. “سبحان الله... ڇا تہ خوشبوءِ آ... ڇا تہ ذائقو آهي.” هو ڪائيندو ۽ چوندو ويو. سندس اکيون ڪنهن سرور ڪان بند ٿي ويون. گهڙي گذري تہ هن اکيون کولي ڪالي خان کي اشارو ڏنو.

“ڪاءُ ڪالا خان چپ چو ويٺو آهين... ڦار ڪڻ”

ڪالي خان شرمسار ٿيندي مرڪي هٿ مهٽيا.

“جي حضور” هن چيو ۽ پوءِ ڦار ڪڻي چپن تي آندي.

انب ڪائيندي نواب ڳالهايو.

“ڪنهن زماني ۾ اسان جا وڏا چوندا هيا ته سهارنپور جي انبن ۾ اهڙي شفا آهي جو انهن سان شگر جي مرض جو علاج ڪري سگهجي ٿو.”

نواب چپ چٽيندي نڙ مان ڦوڪ ڏئي دونهون ڇڏيندي چيو.

“بيشڪ نواب صاحب بيشڪ... سياڻن سچ چيو آهي ته زهر کي زهر ئي ماريندو آهي.”

ڪالي خان جي ڳالهه تي نواب کان ٽهڪ نڪري ويو.

“اڙي پوڪ ڇا ٿو چوين, هي انب آهن زهر ته ڪونهي”

ڪالي خان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو هن هڪ هٿ ڪٽي وات تي رکيو.

“معاف ڪجو نواب صاحب” هن شرمسار ٿيندي چيو “مون جاهل کي ڪهڙي خبر ته مثال ڪيئن ڏبو آهي.”

نواب هن جي ڳالهه تي ڪيتري دير مرڪندو رهيو ۽ حقي مان گڙ گڙ ڪري دونهون فضا ۾ ڇڏيندو رهيو.

جڏهن هو اٿيا ته سج لڙي چڪو هيو. حويليءَ تائين پهچندي چڱي اونده ڦهلجي وئي. انبن جي باغ ۾ اونده ساوڪ سان ملي اجا به گهري ٿي وئي. هر طرف سانت ڇانئجي وئي پر مٿي وڻ ۾ طوطن جي ڪنين جي ڦَر ڦَر ان سانت ۾ ٻڏبي رهي.

نواب اعجاز علي بيگ پنهنجي تر جو خانداني نواب هيو جنهن جا ڄاگير بهار جي شهر سهارنپور ۾ واقع هئي. هن جي پيءُ وڏي نواب جو لاڏاڻو ڪجهه عرصو پهرين ٿيو هيو ۽ هن ٿوري ئي عرصي ۾ جاگير جو سڄو ڪم سنڀالي پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو هيو. خدا کيس اولاد سان نوازيو هيو. هن کي به ڌيئر ۽ هڪ پٽ هيا. هن جي وڏي ڌيءَ ستارا پنهنجي جوڀن کي ڇهي رهي هئي باقي ٻار اجان بلوغت کي نه پهتا هيا. سندس وقت ڏاڍي سڪون ۽ آرام سان پئي گذريو. هن جي هر طرف مناس ۽ ساوڪ لڳي پئي هوندي هئي. هر سال هزارين روپيا هن جي انبن جي فصل جي ڪمائي هئي. هن جا لاتعداد نوڪر هيا جيڪي هن جي باغ جي رکوالي ڪندا هيا. انهن سڀني مان ڪالي خان ئي اهڙو هيو جيڪو نواب جي ويجهو ۽ هن جي گهڻ گُهرن مان هيو. ڪالي خان جي نياز ۽ نوڙت جو انداز ئي انوکو هيو. ائين محسوس ٿيندو هيو جيئن قدرت واري جمڻ سان ئي هن جي چيله ڇپي ڪري ڇڏي هجي. ڪنڌ سدائين هيٺ ۽ هٿ ائين نرڙ تي ايندا هيس جيئن آداب آداب پيو ڪري.

انگريز سرڪار جا ڏينهن هيا ۽ ڪڏهن گورا گهوڙن تي چڙهي نواب جي فارم تي ايندا هيا ته ڪالي خان ئي هوندو هيو جيڪو انهن جو آڌرڀاءُ ڪري وچي نواب کي حويليءَ ۾ ٻڌائيندو هيو. نواب تڪڙ ۾ گورن وٽ ائين پهچندو هيو جو جلد بازيءَ ۾ پاتل هن جي شيروانيءَ جا بٽڻ هيٺ مٿي پاتل هوندا هيا. هو گورن کي ٽيڪس ڏئي رسيد وٺندو هيو ۽ ڪالي خان تحفي طور چونڊ انبن جا ٽوڪرا انهن حوالي ڪرڻ جو بندوبست ڪندو هيو. گورا جڏهن واپس وڃڻ لاءِ گهوڙن طرف وڌندا هيا ته پنهنجي ڪلهي تان بوچڻ لاهي گهوڙن جي چيله تي رکيل زين صاف ڪندو هيو ۽ ڏاڍي عجز مان چوندو هيو.

“توهان جا لک ٿورا سرڪار بهادر... خدا توهان جي حفاظت ڪري ۽ ڏگهي عمر عطا فرمائي.”

گورا خوش ٿي ڪنڌ ڌوڻي گهوڙن تي چڙهي واپس روانا ٿيندا هيا ۽ نواب ڪالي خان کي پيار ۽ شفقت مان ڏسي هن جي ڪاڪردگيءَ تي مرڪندو هيو. جڏهن ٻئي جنگ عظيم لڳي ته نواب جي باغن تي ڪو خاص اثر نه پيو. انب اهي ئي مٺا ۽ ذائقيدار هيا جيئن جنگ کان پهريون, پر جڏهن جنگ ختم ٿي ته جڻ وايو منڊل ئي ڦري ويو. بهار جي گهٽين ۾ جذباتي جوان الله اڪبر جو نعرو هڻي نڪتا ۽ جلسن جلوسن ۾ ورهاڱي جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون.

“نواب صاحب جنگ ته اسان جي ملڪ ۾ هاڻي شروع ٿي آهي. رب خير ڪري.”

ڪالي خان نواب جي فڪرمند منهن کي ڏسندي چيو.

“واقعي وڏي جنگ ڇا ختم ٿي جڻ اها اسان وٽ شروع ٿي وئي.” نواب ڏکوئيل لهجي ۾ چيو.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته خبرون عام هيون, گورا ملڪ ڇڏي رهيا آهن, انهن پڪو پهه ڪيو آهي ته هو ويندي ويندي مسلمانن کي هڪ الڳ ملڪ ناهي ڏئي پوءِ روانا ٿيندا, ڏسندي ئي ڏسندي ملڪ کي باهه وڪوڙي وئي,

پنجاب ۾ خونريزي شروع ٿي وئي ۽ بنگال ٻرڻ لڳو. ملڪ ٽتي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. بهار جي گهٽين ۾ هندو مسلم فساد شروع ٿي ويا. ماڻهو لڏڻ لڳا ۽ خبر نہ پئي تہ ڪٿان پٿر ۽ باهہ جا اُلا اچي نواب اعجاز علي بيگ جي حويليءَ ۾ ڪريا ۽ هن جي حويليءَ جي درن جون چوڪاٺيون باهہ ۾ تڙڪا ڏئي سڙڻ لڳيون. نوڪر چاڪر جان بچائي وٺي ڀڳا ۽ هن رڙيون ڪري ڪالي خان کي سڏ ڪيا. پر هر طرف ايترو تہ لڙ ۽ فساد هيو جو هن جا سڏ انهن ۾ دبجي ڪنهن کي بہ ٻڌڻ ۾ نہ آيا. هن ٽنهي ٻارن کي باهہ مان ڪڍي ٻاهر آندو. ڪيس ايتري مهلت بہ نہ ملي جو ضرورت آهر ڪجهہ ڪٺي سگهي. هن پنهنجو الهہ تلهہ سڙندي اکين سان ائين ڏٺو جيئن باهہ اندران هن جي انبن جي وڻن تي ويٺل طوطن جون رڙيون پيون ٻڌجن.

انگريز سرڪار جي روانگيءَ سان ملڪ ۾ ڪنهن جو قانون نہ رهيو. بہ چار سپاهين جا ٽولا هيا جيڪي متاثر ماڻهن کي ڪيمپن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي رهيا هيا. هر هنڌ لٽ مار پنهنجي عروج تي هئي. نواب اعجاز بہ ٻارن کي ساڻ ڪري هڪ اهڙي ڪيمپ ۾ پناهہ ورتي. هن جو سهارنپور ڇڏڻ جو ڪو ارادو نہ هيو. ڪيمپ جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي سوچي رهيو هيو تہ حالتون جيئن ئي بهتر ٿينديون هو موٽي پنهنجي حويليءَ ۾ ويندو ۽ انبن جا باغ سنڀاليندو. ڪيمپ ۾ نفسانفسيءَ جو عالم هيو. لٽيل ڦُرِيل پريشان حال ۽ زخمي ماڻهو هر طرف ڇيچلائي رهيا هيا. نواب اعجاز علي بہ ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ مبتلا ويٺل هيو.

"اڙي ٻائي ٻڌو آهي سڀاڻي ڪا ريل پاڪستان رواني ٿيڻي آهي." ڪنهن اتي ويٺلن مان روئٺهارڪي آواز ۾ چيو. "ڇا توهان کي ان باري ۾ ڪا خبر آهي. اها ڪڏهن رواني ٿيندي؟... ڇا توهان هلندا؟"

ڪوئي گوڏن ۾ منهن وجهي سڏڪي رهيو هيو.

"جيڪي قسمت کي منظور" ڪنهن چيو "هي ڏينهن بہ ڏسڻا هيا"

نواب جيڪو ٻڌي رهيو هيو ان جي نرڙ جا گهنج گهرا ٿي ويا.

"ڪير جاهل ڇڏيندو پنهنجي ديس کي" هن رڙ ڪري چيو "بند ڪيو اها بڪواس." نواب ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو.

خبر نہ پئي تہ ڪٿان فسادي پهچي ويا ۽ انهن اچي ڪيمپ تي حملو ڪيو. ڇرا ۽ چاڪو ورن مان ٻاهر نڪر آيا. ٻہ نوجوان نواب اعجاز علي بيگ جي ڌيءَ ستارا ڏانهن وڌيا ۽ ان کي اچي ٻانهن ۾ هٽ وڌائون. نواب اٿيو ۽ ان نوجوانن کي ڏڪي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪا لٺ مٿي بلند ٿي ۽ نواب جي مٿي ۾ اچي لڳي. هن جي ٻين ٻن ٻارن جي رڙ نڪري وئي. نواب کي جڏهن هوش آيو تہ هن ستارا کي ڳولهيو پر اها نہ هئي.

"اهي ادیءَ کي کڻي ويا." سندس ٻن ننڍن ٻارن ٻڌايو ۽ اهي ٻاڏيون ڪري روئڻ لڳا. نواب جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ ٻن ٻارن کي ساڻ ڪري ريلوي اسٽيشن ڏانهن روانا ٿيو.

جڏهن ماڻهن سان سٽيل ريل سهارنپور ڇڏي رهي هئي تہ نواب دريءَ کان ڏٺو ساوا طوطا اڏامندا ٻوليندا پئي ويا.

"اڙي ڪالا خان انهن کي نہ اڏار" جڻ هن جي من مان رڙ نڪتي. هن ريل جي دريءَ مان ڪنڌ ورائي پري نهاريو انبن جا ساوا باغ پوئتي موٽي رهيا هيا. هن محسوس ڪيو جيئن سڀ ڪجهہ هٿن مان ڇڏائبو پئي ويو. انب هڪ هڪ ٿي وڻن مان ڇڻندا پئي ويا. وڻن جا پن پيلا پئي ٿيندا ويا ۽ هيٺ ڌرتي اهڙن هزارين پنن سان ڍڪجندي پئي وئي. انبن جي وڻن جون اگهاڙيون ٽاريون جيڪي ڪنهن بهار جو انتظار ڪرڻ بنا اتي ئي سڪي ٺوٺ ٿي ويون هجن. جن ايندڙ بهار جو انتظار نہ ڪيو هجي. جن تي ڪڏهن گونچ نہ ڦٽندا ۽ ڪڏهن ٻور پيدا نہ ٿيندو. سڀ فنا ٿي ويو.

"اڙي ڪالا خان هٽ روڪ" هو هر هر چرين جيان چپن ۾ چئي رهيو هيو ۽ ريل ڪوڪون ڪندي پاڪستان ڏانهن وڌي رهي هئي.

پوءِ پاڪستان پهچي لالوکيت وٽ گندي نالي جي ڪناري رهندي نواب اعجاز علي بيگ کي ڪيترائي سال گذري ويا.

ان عرصي دوران هو ٻيو ڪجهه ته نه ڪري سگهيو پر هن ڪجهه وقت ملان احمد گجراتيءَ وٽ رهي ڪچوريون تِرڻ سکي ورتيون پوءِ هن ريڙهيءَ جو بندوبست ڪيو ۽ لسٻيلي چوڪ وٽ هڪ تيل جي ڪڙهائي چاڙهي ڪچوريون ترڻ شروع ڪيون. هن جي ننڍي ڌيءَ شمشاد جيڪا هاڻي جوان ٿي چڪي هئي. آڏانن ڪان اڳ اٿي ميدو ڳوهيندي هئي ۽ پوءِ پٽاٽن جي چٽني ۽ دال ٺاهيندي هئي. نواب صبح جي نماز پڙهي واندو ٿيندو هيو ته جوان ڌيءَ کي هٿ ونداڻيندو هيو ۽ هو سامان تيار ڪري اچي پنهنجي روزگار واري جاءِ تي ويهندو هيو. تيل جي ڪڙهائيءَ کي هيٺان باهه ڏئي ڪجهه دير ڪانپوءِ پاڻيءَ ڇنڊو هڻي تيل جي گرمائش جو اندازو لڳائيندو هيو پر ان تيل جي ڪڙهائيءَ ۾ هڪ دفعي پاڻيءَ بدران هن بي خبريءَ ۾ پنهنجا وهندڙ ڳوڙها اگهي ڦٽي ڪيا، گرم تيل ۾ ڳوڙهن جون ڦينگون ٽپا ڏئي ٺهڪڻ لڳيون.

هن کي پنهنجو جوان پٽ ياد آيو. جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس هٿان ماريو ويو. لساني تنظيم جي دهشتگرد ڪارڪن جي حيثيت ۾ پوليس هن کي گهران گرفتار ڪري وٺي وئي ۽ پاور هائوس چورنگي نيو ڪراچيءَ وٽ پوليس ان کي ڊيڪائي پويان گولي وهائي ڪڍي.

نواب ڪچوريون تري پليٽن ۾ رکندو ويو ۽ قسمت کي گاريون ڏيندو ويو. هن ان عرصي دوران سيٽلمينٽ ڊيپارٽمينٽ ۾ ڪيترائي ڪليم داخل ڪيا پر انهن جو ڪو خاطر خواه نتيجو نه نڪتو. نوابي تخم ڪري سندس سياءَ ۾ اهو جهڪاءُ نه هيو جنهن ڪري هن زندگيءَ ۾ ڏڪ پئي کاڌا، نه هن ڪنهن سان ساز باز ڪئي، نه ڪنهن جي مٺ گرم ڪئي، نه ڪنهن جو منهن ڪوڙو ڪرايو نه شباب آڪيو عزت جي ڳولها ۾ ذلت سندس مقدر جو حصو پئي ٿيندي وئي.

هڪ ڏينهن جڏهن هو لسٻيلي چوڪ وٽ ڪچوريون تري رهيو هيو ته هڪ عاليشان گاڏي اچي هن جي ريڙهيءَ پرسان رڪي، نواب گاڏيءَ ڏي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو گهڙي گذري ته ان مان هڪ فڪرمند چهري واري شخص نڪري نواب جي پرسان بيهي هن کي حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳو. نواب ڪم مان پنهنجا هٿ روڪي ان ڏانهن نهاريو. نواب کي محسوس ٿيو هن ماضيءَ جي تهن مان انبن جي وڻن تي وينل طوطن جي لات ٻڌي هجي. ان شخص جي منهن جي ڏوڙ چٽي پئي. نواب ڪان رڙ نڪري وئي.

"اڙي ڪالا خان تون... هٽ روڪ ڪالا خان..."

ڪالي خان جا هٿ نواب جي قدمن تي هيا. نواب هن کي اٿاريو ۽ ڳلي لڳايو ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

"تون جيئرو آهين ڪالا خان؟" نواب چيو "وڇوڙي وقت مان توکي ڏاڍو ياد ڪيو."

ڪالو خان جيڪو هاڻي ساڳيو ڪالو خان نه رهيو هيو ان نواب اڳيان ساڳي نهٺائيءَ سان چيو "نواب صاحب مان پاڻ توهان لاءِ پريشان هيس، توهان کي هن حال ۾ ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي."

"بس ڪالا خان قسمت جون ڳالهيون آهن." نواب چيو "شايد اهو سڀ لکيل هيو."

ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪالي خان ڪيس ٻڌايو ته هو ڪراچيءَ جو وڏو بزنس مين آهي. هن جو ڪلفٽن ۾ شاندار بنگلو آهي ۽ ميرپورخاص ۾ انبن جا باغ آهن."

"پر ڪالا خان اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟" نواب ڏاڍي حيرت مان پڇيو.

"مونکي هن ملڪ گهڻو ڪجهه ڏنو آهي. نواب صاحب مان هن ملڪ ۽ سرزمين جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون جهڙي جاهل ۽ بدحال شخص کي پناهه ڏني ۽ پنهنجو ڪيو. هيءُ مسلمانن جو ملڪ مون لاءِ هڪ وڏي نعمت ۽ رحمت آهي. خدا هن ملڪ کي سلامت ۽ هن جي حفاظت ڪري." ڪالي خان عقيدت جو اظهار ڪندي چيو.

جڏهن ڪالي خان نواب کان موڪلايو تہ هن ڪوٺ جي ڪيسي مان ڪارڊ ڪڍي نواب حوالي ڪيو ۽ عرض ڪيو تہ "هو سندس بنگلي تي ضرور اچي."

ڪالي خان جي روانگيءَ ڪانپوءِ نواب کان ڪيتري دير ڪچوريون ترڻ وسري ويون, هو گم سم ان شاندار گاڏيءَ کي ويندي ڏسندو رهيو جنهن ۾ سندس نوڪر ڪالي خان روانو ٿيو هيو.

پاڪستان اچڻ ڪانپوءِ ڪالي خان وڏي ترقي ڪئي هئي. هو ڪجهہ عرصو سکر واري هاٽوڪي ايوب گيٽ وٽ رهيو. اسسٽنٽ مختيارڪار سائين ڏنو جيڪو تن ڏينهن سيٽلمينٽ ڊيپارٽمينٽ ۾ اويڪيو پراپرٽيءَ جو انچارج هيو. تنهن کي مهاجرن جي رليف ڪيمپ جو سربراهہ پڻ بنايو ويو هيو.

هڪ ڏينهن جيئن ئي هو هاٽوڪي ايوب گيٽ وٽ هندستان کان آيل مهاجرن جي ڪيمپ ۾ امدادي سامان جي ورهاست جي نگراني ڪري رهيو هيو تہ اوچتو هن جي نظر وڃي ڪالي خان جي ڌيءَ پروين تي پئي. ڇوڪري بہ ڪا ڏاڍي حرفتڻ هئي سائين ڏني سان اهڙي اک اٽڪايائين جو سائين ڏنو هن جي اک جي ڏورن ۾ وڃڙي پيو. ان ڪانپوءِ اهو ڏينهن خالي نہ هوندو هيو جو سائين ڏنو ڪالي خان جي گهر جو چڪر نہ هڻي. سائين ڏنو عشق ۾ اهڙو مبتلا ٿيو جو ڪالي خان سان قرب وڌي ويس ۽ دفتر کولي هن آڏو رکيائين. ڪالي خان جون پنج ئي آڱريون گيهہ ۾ پئجي ويون.

سائين ڏني پاڻ ويهي هن کان ڪليم پرايا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ميرپورخاص ۾ هندن جا ڇڏيل باغ ڪچي انب جيان اچي هن جي جهول ۾ ڪريا. سائين ڏني هن کي سهارنپور جو نواب ڄاڻائي ڪراچيءَ ۾ جايون هٿ ڪري ڏنيون ۽ شهداد ڪوٽ واري پاسي هڪ وڏي زمين هن کي ڪليمن ۾ ڪيرائي ڏني. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪالي خان شهدادڪوٽ واري زمين وڪڻي وڏو پئسو ناهيو. باقي هن ميرپورخاص وارا انبن جا باغ پاڻ وٽ رکيا. ڪالي خان نالي ۾ ساڳيو ڪالي خان رهيو. هن پنهنجو نالو نہ بدلايو. هن وٽ جهڪاءُ ۽ هٿ جوڙ سيني سان ساڳي ئي رهي جيڪا غربت جي ڏينهن ۾ هن وٽ هوندي هئي.

نواب جي ڪسمپرسيءَ واري حالت ڏسي ڪالي خان کي ڏاڍو ڏک ٿيو هيو. ان ڏينهن ڪانپوءِ هو جڏهن ۾ لسٻيلي چوڪ تان لنگهيندو هيو تہ ڪار مان لهي وڃي نواب جي پيرن تي هٿ رکندو هيو.

"نواب صاحب ڪڏهن تہ مون وٽ اچو." هو هر دفعي نواب اعجاز علي بيگ کي چوندو هيو "مونکي خدمت جو موقعو ڏيو."

ساون جا ڏينهن هيا, ڪراچيءَ جو آسمان ڪاري جهڙ سان ستيو پيو هيو. مينهن ايڏو تہ زور سان وسي رهيو هيو جو ماڻهن جا ڏنڊا ڏاڙي بند ٿي ويا. نواب اعجاز بيگ ان ڏينهن روزگار لاءِ ٻاهر نہ نڪري سگهيو. هو ڪمري اندر کٽ تي آهليو پيو هيو. مٿان ٽِين جي ڇت تي مينهن جون بوندون وسي تڙڪو ڪري رهيون هيون. نواب کي اهي آواز دماغ ۾ هٿوڙن وانگر وسندي محسوس ٿي رهيا هيا. هو هر هر پاسو ورائي ڪنهن بيزار ڪندڙ سوچ مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. ٻاهر دالان ۾ هن جي ڌيءَ شمشاد آرسيءَ اڳيان وارن جو چوٽيون وٽي ڪجهہ جهونگاري رهي هئي. پرسان ئي لڙڪندڙ پڃري اندر طوطو ڪنين ۾ منهن لڪائي ستل هيو. وسندڙ مينهن ڪري لياري نديءَ جي گندي پاڻيءَ جو وهڪرو تيز ٿي ويو هيو پر لالو ڪيت وٽ ان نالي پرسان نواب جي جاءِ جون پٽيون اجان ان تيز پاڻيءَ جي وهڪري کان گهٽو متي هيون.

گذريل ڪجهہ ڏينهن کان نواب وٽ شمشاد لاءِ رشتا اچي رهيا هيا. ڇوڪري بہ جوان ٿي چڪي هئي. هڪ بہ رشتا لکيل پڙهيل نوڪري ڪندڙ ڇوڪرن جا بہ آيل هيا. نواب سوچي رهيو هيو تہ اهو ئي وقت آهي جو هو پنهنجي جوابداري پوري ڪري ان مان آجو ٿئي. پر رکي رکي هن کي پنهنجي مالي حالت جي پريشاني تنگ ڪري رهي هئي. سوچي رهيو هيو تہ جي رشتو سنو هوندو تہ پوءِ ڏاج بہ سنو ڏيڻو پوندو. اهو سوچي هو مايوس پئي ٿي ويو. هن جي مالي حيثيت ايتري نہ هئي جو هو رشتي وارن جي خواهش موجب ڌيءَ کي ايترو ڏئي سگهي جيتري جي هن مان توقع رکي پئي وئي.

ٽين جي ڇت تي مينهن جون بوندون ڪرنديون رهيون ۽ نواب هيٺان ڪٽ تي پاسا ورائي بي چينيءَ مان سوچيندو رهيو. آخر هن فيصلو ڪيو ته هو ڪالي خان وٽ وڃي ڪيس مالي مدد لاءِ چوندو، پنهنجي پراڻي نوڪر آڏو هٿ ڊگهيڙڻ جو تصور ڪري نواب جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هن کي پنهنجي بيوسيءَ جو احساس ٽيڻ لڳو.

ٻيو ڏينهن ٿيو ته نواب ميري ۽ پراڻي ڪاري رنگ جي شيرواني پائي گهران نڪتو ۽ لالو کيت واري گندي پاڻيءَ جي نالي جي وٽ ڏئي وڃي مٿي روڊ تي چڙهيو. ڪلفٽن واري بس ۾ چڙهي هن نيٺ وڃي ڪالي خان جي بنگلي جو در کڙڪايو. نوڪر هن کي ڪالي خان جي وسيع بنگلي اندر آڻي اهڙي هنڌ ويهاريو جتي انبن جا ڊگها وڻ هيا.

گهڙي گذري ته ڪالي خان ڊوڙندو بنگلي جي در مان ٻاهر نڪتو ۽ ادب مان نوڙي نواب کي ڀاڪر پائي اتي ئي وڻن جي ڇانوَ ۾ پيل صوفي تي ويهاريو.

”معاف ڪجو نواب صاحب اچڻ ۾ ٿوري دير ٿي وئي.“ ڪالي خان ساڳيو ئي نوڙي ڏاڍي نهٺائيءَ مان چيو.

هن نواب کي وڏي صوفي تي ويهاريو ۽ پاڻ ادب مان هڪ ننڍي صوفي تي ويهي رهيو. ايتري ۾ نوڪر تازو حقو ناهي اچي وچ تي رکيو.

”ڪالا خان تون اڃان حقو پيئندو آهين؟“ نواب عجب مان چيو ”منهنجي خيال ۾ ته هن جو دور ختم ٿي ويو“

”بس سرڪار خانداني نواب ته نه آهيان، پر اهو شوق مون کي اوهان کان اهڙو ورثي ۾ مليو جو ان مان جان ڇڏائي نه سگهيو آهيان.“

ڪالي خان چيو ۽ حقو اڳتي وڌائي نواب اڳيان ائين رکيو جيئن هو اڃا به هن جو نوڪر هجي. نواب نڙوات ۾ وجهي گڙ گڙ ڪئي ۽ ڪنڌ ورائي وڻن کي ڏٺو. انبن جا وڻ ساين لڙڪندڙ انبڙين سان ڀريل هيا. طوطا مٿي وڻن تي ڪنين سان ڦڙ ڦڙ ڪري رهيا هيا. نواب اڳيان سهارنپور جا ساوا باغ اچي ويا. هن تصور ۾ ڪٻ ڪيڏي بيٺل ڪالي خان کي ڏٺو جيڪو مٿي پٿر هڻي طوطا اڏاري رهيو هيو. ڪالي خان خاموش ويٺل نواب جي اکين ۾ نهاريو ۽ چيو ”هيءَ خادم هاڻي به توهان جو ساڳيو نوڪر آهي. سرڪار هن گهر کي پنهنجو گهر ئي سمجهو.“

”تنهنجي عجز ۽ انڪساريءَ جو مان ٿورائتو آهيان. ڪالا خان پر منهنجي هاڻي اها حيثيت نه رهي آهي جو تنهنجن احسانن جو بار کڻي سگهان. نواب حقي جو ڪش هڻندي چيو جنهن جو تماڪ هن کي ڏاڍو ڪڙو ۽ بي ذائقي محسوس ٿي رهيو هيو. ڪالي خان سمجهي ويو ته نواب ضرور ڪنهن مسئلي ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ هن وٽ ڪنهن مدد جي اميد رکي آيو آهي.

”محسنن تي ڪهڙا احسان ٿيندا آهن حضور، هن نوڪر کي توهان جي خدمت ڪري دلي اطمينان حاصل ٿيندو.“

نواب دل تي پٿر رکي ڌڙڪندڙ دل سان وڏي ضبط مان ڳالهايو ”ڪالا خان شمشاد جي رشتن لاءِ ماڻهو در تي اچي رهيا آهن. مان انهن کي ڇا جواب ڏيان، ڏيءَ کي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه به نه آهي. وقت اهڙي موڙ تي آڻي بيهاريو آهي جو جوان اڪيلي ٻچيل ڌيءَ جو به والي وارث طور حق ادا ڪرڻ کان قاصر آهيان.“

ڳالهه ڪرڻ ڪانپوءِ نواب جون اکيون آليون ٿي ويون.

ڪالي خان اٿيو ۽ بنگلي اندر هليو ويو. گهڙي گذري ته مٺ نيرن نوٽن جي هن جي خدمت ۾ پيش ڪئي. نواب ڌڪندڙ هٿن سان پئسا ورتا ۽ پنهنجي شيروانيءَ جي کيسي ۾ وڌا.

”تنهنجي مهرباني ڪالا خان“ نواب ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو ”تون وقت جي هن موڙ تي منهنجو ڀرم رکيو.“

ڪالي خان جو فخر کان منهن مٿي ٿي ويو ۽ مرڪ هن جي منهن تي اچي وئي. نواب ڪنڌ هيٺ جهڪايو ڳوڙهن ڀريل اکين سان ڌرتيءَ کي ڏسندو رهيو.

ڪالي خان هڪ فاتح جيئن اٿيوءِ نوڪر کي رڙ ڪري چيو "اڙي او فخرو ايڏانهن چانهہ تہ کڻي اچ" ۽ پوءِ هن وري وڏي آواز ۾ چيو "۽ هو ميرپورخاص وارا انب بہ آڻ... جلدي ڪر."

نواب ڏرتيءَ کي ڏسندو رهيو ٿوري دير ۾ نوڪر چانهہ ۽ ڪٽيل انب آڻي ٽيبل تي رکيا.

"اچو نواب صاحب" ڪالي خان چيو "انب کائو منهنجي ميرپورخاص واري باغ جا آهن. ڪلهہ ئي تازو مان وٽ پهتا آهن."

نواب نوڙيل ڪنڌ سان هٿ وڌائي ڦار کنئي, ڪالي خان جي بنگلي ۾ طوطا وڻن تي ڦڙ ڦڙ ڪندا رهيا. سانوڻ جو ڪارو اچو جهڙ مٿي آسمان تي سج اڳيان لنگهيندو رڪندو هيٺ ڏسندو وقت جيان اڳتي وڌندو رهيو.

نواب انب جي ڦار کي چڪ هنيو هن کي لڳو ڦار هن جي دل جيان چٽيل آهي, ڪالي خان وڏي فخر مان انب جي ڦار کڻي وات ۾ وڌي ان جي مناس ۽ خوشبوءِ جي سرور کان هن جون اکيون بند ٿي ويون.

"واهہ سنڌڙي تنهنجو جواب نہ آ" ڪالي خان پنهنجا چپ چٽيندي چيو.

نواب جيڪو پريل اکين سان اجان ڪنڌ هيٺ ڪري ڌرتيءَ کي ڏسي رهيو هيو انب کائي هن جي اکين مان ڳوڙها هيٺ ڪري پيا ۽ پوءِ نهايت ڏکوئيل آواز ۾ هن آهستي چيو

"هئي انور رتول."

❖

# چور

پوليس کي خبر پئي ته نبو شهر ۾ موجود آهي. صوبيدار سپاهي ساڻ ڪري شهر ۾ داخل ٿيو ۽ هر ان جاءِ تي ويو جتي شڪ هيو ته نبو لڪيل آهي. افغاني پناڻ جي هوٽل تي جنهن جي پٽين جون پاڙون ڪاٽ هٽي ڪُتا ڪمزور ڪري ويا هيا. گاڏي هاتي پويان ان ساقي خاني ۾ جتي شهر جا موالي منشيات واپرائيندا هيا، مينهن جي ان واڙي ۾ جتي جوئا جي ٽڪري هلندي هئي. هو شهر ۾ سندس اڪيلي پيڻ جي گهر به ويا جتي هو موجود نه هيو.

جنهن رات پوليس نبوءَ جي ڳولها ۾ ڇاپا هڻي رهي هئي، تنهن رات شهر ۾ فدا حسين فگارو جي نن‍ڍي پٽ بدوءَ جي شادي هئي. بينڊ باجا، تاڙيون ۽ هوڪرا هر طرف ڦهليل هيا. بڻريج روڊ جي اها روايت هئي شهر ۾ ڪا به شادي ٿيندي هئي ته گهوٽ کي سهرو ٻڌي گهوڙي تي ويهاري شيدي بادشاهه جي مزار تي آڻي ان جي چانٺ چمائيندا هيا. ان رات اها ڄڃ جڏهن بڻريج روڊ تان لنگهي رهي هئي ۽ ماڻهن جا منهن ڪلهن تي جهليل گيس وارن گولن جي تيز روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هيا ته پوليس شهر جي گهٽين ۾ پريشان نبوءَ کي ڳولهي رهي هئي.

ڄڃ بڻريج روڊ تي پيراڊائيز سينيما سامهون آئي ته ان ۾ شامل ماڻهن جو جوش وڌي پيو. بئنڊ وارن جون نڙيون ڦوڪجي رڳون چِٽڻ لڳيون. پراڻي هندستاني گاني جي ڌن تي پونپوءَ جهڙو بگل ڪنن جا پردا ڦاڙڻ لڳو باجي جي بي ڊنگي تيز آواز تاڙين جي گونج سان ملي دلين جي ڌڙڪڻ تيز ڪري ڇڏي. بينڊ ماسٽر جي ڪلارنيٽ جو آواز ڪي قدر سُريلو هيو جنهن مان خوشي ۽ اميد جون لهرون نڪري وڪوڙي تي ويون. اڳيان نچندڙن جو ٽولو هيو. اهي بينڊ ۽ تاڙين جي آواز تي بدمست نچي رهيا هيا. مڇين جو ٺيڪيدار جنهن کي هڪ هٿ ۾ ڪيترو جي بوتل هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ پڳڙن مٺ. اهو بوتل مان ڍڪ پري ٿيڙ ڪائي، هر هر پڳڙو وات ۾ اڇلي موج مان نچي رهيو هيو. جڏهن صابوءَ وات ۾ گاسليٽ وجهي هٿ ۾ جهليل شعلي کي ڦوڪ ڏني ته پيڙ هوا ۾ اپري هر شيءِ روشن ڪري ڇڏي. سڄي ڄڃ هيڊي روشنيءَ ۾ گيندي جي گلن جيان واسجي وئي. ڄڃ ۾ موجود ڪنهن سڪا اڇلايا ۽ ٻار ميڙڻ ۾ مهو تي ويا.

ڪا به ڄڃ بڻريج روڊ تان لنگهيندي هئي ته شيدي بادشاهه جي مزار تائين اڌ ڪلوميٽر رستو ڪلاڪن ۾ طئي ڪندي هئي، آهستي آهستي، هر هنڌ بيهندي، جاگيراڻي محلي وٽ، ميمڻ محلي وٽ، مڪراڻي محلي وٽ، پيراڊائيز سينيما، لال بازار، پراڻو تاڙي خانو ۽ سيدن جو هاتو جتي ڏاند گاڏيون نند ڪنديون هيون ۽ ڏاند معصوم شاهه جي مناري پرسان بيٺل چنڊ کي ڏسي رات گذاري ڇڏيندا هيا.

فدا حسين فگارو جي نن‍ڍي پٽ بدوءَ جي ڄڃ وڏي هئي. لڳ ڀڳ چار سئو ماڻهو هيا. بينڊ وڄائيندڙن جون چار قطارون جن اڳيان پنجاهه ماڻهن جو ٽولو نچي رهيو هيو ۽ ٻار جيڪي ان اوسيئڙي ۾ هيا ته ڪڏهن تي پئسن جي بارش ٿئي ته هو ميڙي کيسي ۾ وجهي نانگائيءَ جا پڪوڙا ڪائي سگهن. نانگن وارو پڪوڙائي جنهن شادي نه ڪئي. سڄي زندگي نانگ پاليا. اهو شام جو گلستان هوٽل اڳيان هڪ صندل تي پڪوڙا وڪڻندو هيو. ماڻهو چوندا هيا ته ان جي پڪوڙن ۾ سواد جو راز ان جو نانگن کي ڇهڻ آهي.

بڻريج روڊ تي بينڊ، تاڙين ۽ هوڪرن جو آواز انهن پوليس وارن جي ڪنن سان پڻ ٽڪرائجي رهيو هيو جيڪي نبوءَ جي ڳولها ۾ ڇاپا هڻي رهيا هيا. انهن ڪو هنڌ نه ڇڏيو. شهر جا سڀ بدنام هنڌ ڳولهيا. درياهه جي ڪپ تي ان نرسريءَ ۾ به ويا جتي اڪيلو مالهي ان جهوپڙيءَ ۾ رهندو هيو جنهن مٿان بيٺل نم ۾ ماڪيءَ جي مکين جو ميلو هيو. پوليس ان جاسوس سان بيهر رابطو ڪيو جنهن ٻڌايو هيو ته "نبو شهر ۾ موجود آهي"

"جيڪڏهن نبو موجود آهي ته ڪٿي آهي؟" صوبيدار چيو.

جاسوس ٻڌايو ته "اهو ان هوائي بندر جي بينچ تي ويٺل هيو جيڪو گهنٽا گهر کان مٿي ويندڙ چاڙهيءَ تي ڏاڪٽين جي پاسي هڪ پهاڙيءَ تي آهي."

صوبيدار سوچ ۾ پئجي ويو ۽ چيائين “جيئن ته اهڙي هوائي بندر جو ڪو به وجود نه آهي انڪري ٿي سگهي ٿو ته اهي سڀ هوائي ڳالهيون هجن.”

جاسوس قسم کڻي ويو.

“مون پنهنجين گناهگار اکين سان ان ڏوهيءَ کي ڏٺو آهي.”

“ته پوءِ ڪاڏي ويو؟” صوبيدار چيو “سنڌوءَ ۾ ٻلهڻيون آهن. واڳون نه. جو ان کي ڳهي وڃن.”

صوبيدار چيو نبو ضرور ان عورت وٽ هوندو جيڪا ٻڌريج جي ساڄي پاسي مهاڻن جي ڳوٺ ۾ رهندي آهي، جنهن پڳڙا ڪاٽي ڪيس تربيت ڪئي ۽ هو سنو چور ثابت ٿيو. صوبيدار سپاهي ساڻ ڪري ڳوٺ تي ڇاپو هنيو ۽ عورت جي گهر کي ڪڙو چاڙهي هر شيءِ جي تلاشي ورتي. ان پڳل پيٽيءَ جي مضبوط تالي کي ٽوڙيندي اسُر ٿي ويو جنهن پيٽيءَ ۾ شڪ هيو ته نبو لڪيل آهي ۽ پيٽيءَ جي پڳل سوراخن مان ساهه کڻي رهيو آهي، پر پيٽيءَ ۾ پٽر هيا جيڪي عورت پيٽ سان ٻڌندي هئي.

پوليس مايوس ٿي وئي. صوبيدا واپس ٺاڻي تي پهتو ته صبح ٽيڻ وارو هيو. ڇڄ لنگهي چڪي هئي. شيدي بادشاهه جي چانٺ تي گلاب جون پتيون پيل هيون. هر طرف گلابن جو واس هيو. مجاور پاران ٻاريل اگربتين جي خوشبوءِ ايرندڙ سج جو آڌر ڀاءُ ڪري رهي هئي.

نبو ڇڄ ۾ سڄي رات بينڊ باجن سان شهر جي رستن تي نچندو رهيو ۽ پوليس ڳولهي ٿڪجي پئي.

❖

# اگھاڙو

ڪيس اوگھڙ کان نفرت هئي، سنا ڪپڙا پائيندو هيو تہ هن کي لڳندو هيو جيئن ڪو قيد ۾ محفوظ هجي. آزاد رهي ڪجھہ حاصل ڪري نہ ٿو سگھجي.

ست سال اڳ ائين نہ هيو. مٿي جي وارن کي ڦٽيءَ سان سنواريندو هيو ۽ سيني جي وارن کي آڱرين سان، پوءِ سندس وار ڇڻي ويا. وار ڇڻڻ جو سبب بيوفائي هئي. خزان جا ڏک وڻ پچائي سگھندو آهي ڇو جو بهار ۾ سائو ٿي پوندو آهي. ڇڻيل پن پيدا ٿي سگھن ٿا، وار نہ.

خزان ۽ بيوفائيءَ ۾ فرق اهو آهي تہ خزان کانپوءِ بهار ايندو آهي ۽ بيوفائيءَ کانپوءِ خزان. بيوفائيءَ کانپوءِ خزان جي موسم حياتيءَ تائين ڦهليل هوندي آهي.

اڄ رات هن کي وڇڙي ويل محبوبا سان ملاقات ڪرڻي هئي. هن سڄ لٿي کان تياري شروع ڪئي. ڪٻٽ مان سڀ ڪپڙا ٻاهر ڪڍيا. مختلف رنگن جون ٽائيون، فل سوٽ، شرٽون، ڪڙتا، سٿڻ قميصون، واسڪوٽيون، بوٽ، جوراب ۽ ٻيا سامان جن ۾ بيلٽ، رومال ۽ واچون وغيره شامل هيا.

انسان کي اوگھڙ کان نفرت هجي تہ ڪيس اوندهہ سان پيار ٿي ويندو آهي. بند دروازا وفادار دوست لڳندا آهن ۽ مٿي لڳل روشندان نفرت لائق ٿي ويندا آهن ڇو جو اهي اڪيلائين تي چٽر ڪري بيوفائيءَ جو احساس ڏياريندا آهن.

فرحانا بيوفا هئي پر هن لاءِ نہ هئي. وڇڙڻ کانپوءِ ان سان گمنام ملاقاتن جو سلسلو جاري هيو. هو هفتي ۾ هڪ دفعو ان سان ملاقات ڪندو هيو. آچر جي رات، جيڪا ٻين راتين کان ايتري ننڍي هوندي آهي جيئن ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جنهن جون اکيون ناسي هجن.

ان رات بہ ڪيس تيار ٿيڻو هيو هن تياري شروع ڪئي، واش روم ۾ ويو ۽ اوگھڙ کان اکيون بند ڪري فرحانا کي ياد ڪيو. تصور ۾ ڏٺو مينهن وسي رهيو آهي، فرحانا جا وار پڳل آهن. ان جي ڇيلهہ چوڌاري وريل هن جون ٻانهون ڪموڊ آهن.

ٻاهر نڪري، هن اهو فل سوٽ پاتو جيڪو جامڻي هيو. جامڻي رنگ جو فل سوٽ انهن ڏينهن جو يادگار هيو، جڏهن ماٺو ميڪسيڪن مڇون رکائيندا هيا ۽ وارن جا قلم ڪنن کان هيٺ ڪهاڙين جيان لڙڪندا هيا. اهو فل سوٽ ڪڏهن فرحانا کي وڻيو هيو ۽ ان جي تعريف ڪئي هئي. هو آئيني اڳيان بيٺو پاڻ کي ڏٺائين، سندس فل سوٽ ڪلهي وٽان لڙڪيل هيو. ان ۾ آستينن وٽ گھنج هيا ۽ بٽڻ ائين پراڻا ٿي چڪا هيا جيئن ڪوٽ جي اکين جي نظر گھٽجي وئي هجي. انسان ۽ ڪپڙي ۾ ڪو فرق نہ آهي. انسان بہ ڪپڙي جيان چڙي هڪ ڏينهن پراڻو ۽ پوڙهو ٿي وڃي ٿو.

هو آئيني اڳيان مرڪيو مرڪ ڏسي اداس ٿي ويو مرڪ لڙڪيل وات کي ائين سهارو ڏنو هيو جيئن پوڙهي کي لٺ. پاڻ کي جامڻي فل سوٽ ۾ ڏسي محسوس ڪيائين جيئن سڄ منجهند جو لهي چڪو هجي.

هن اهو فل سوٽ لاهي سٿڻ قميص پاتي، اڇي رنگ جي سٿڻ قميص پائي آئيني اڳيان آيو شڪارپوري وڏي گھير واري سٿڻ جا گھنج هلڪي هوا تي سمنڊ جي لهرن جيان لڏي رهيا هيا. قميص جا ڪف، جن جي ڪاجن ۾ فرانسيسي ڪلپ پائي وري آئيني ۾ ڏٺائين، سندس پيٽ ٻاهر نڪتل ۽ جسم ويڪرو هيو. هن جي جسم جي پکيڙ ڪري آئينو سوڙهو ٿي چڪو هيو. ان جي ويڪر گھٽجي وئي هئي جنهن ڪري اهو سنهو ۽ ڊگھو ڏسجي رهيو هيو. هن کي آئينو فرحانا جي جسم جهڙو محسوس ٿيو چمڪندڙ ۽ نازڪ. جنهن جي پٺ اوندهہ کانسواءِ ڪجھہ نہ هئي. هن وري مرڪڻ جي ڪئي، مرڪي نہ سگھيو هڪ مصنوعي ٽهڪ سندس ڇاتيءَ مان ڪنگھ جيان نڪري آئيني سان ٽڪرائجي مٿل پکيءَ جيان هيٺ ڪري پيو ڪيس فرحانا تي ڪاوڙ آئي. آئيني اڳيان زبان ڪڍي چٻرا

ڏنائين. هن ڦٽي هٿ ۾ کنئي ۽ مٿي تي ڦيرڻ شروع ڪئي. ڦٽيءَ جا ڏند پڳل هيا. ڦٽي کنڊي هجي تہ نوڙهہ تي کلي نہ سگهندي آهي.

ڪڏهن سٽڻ قميص ۾ اهڙو تہ سنو لڳندو هيو جو ماڻهو هن کان درزيءَ جو ڏس پڇندا هيا. هاڻي بہ ساڳيو درزي هيو ۽ ماڻهو پڇندا نہ هيا. ڪپڙو جسم تي ٺهندو آهي ڪيسي تي نہ! هن کي ڳالهہ نہ وڻي، ٻيو جوڙو پاتائين، ڪراچيءَ جي ڪنهن بازار مان ورتل سوڙهي سٽڻ ۾ لڪنوي. ڪڙتو جنهن مٿان پوپالي واسڪوٽي پائي آئيني اڳيان بيٺو تہ هن کان کل نڪري وئي. کل مصنوعي نہ هئي. هن سوچيو جيڪڏهن انهن ڪپڙن ۾ فرحانا اڳيان ويو تہ هوءَ ڪيس شعر ٻڌڻ جي نہ، پر واپس وڃڻ جي فرمائش ڪندي. هو شاعر نہ هيو. شاعر جو شاعر هجڻ ضروري نہ آهي، ان جو شاعر لڳڻ ضروري آهي.

هن اهي ڪپڙا لاهي ٻيا پاتا. ناسي پينٽ، آف وائيٽ شرٽ ۽ ڪارن ترشن پٽن واري ٽاءِ. اها هڪ عام رواجي پوشاڪ هئي، جيڪا مڊل ڪلاس ملازم شيشي ۾ بند باٿ روم جيتري آفيس ۾ پائي، ڪم ۾ ايڏا تہ مصروف هوندا آهن جو مانيءَ جي وقفي جو هوش انهن کي پيٽ ۾ وڄندڙ گهنٽيءَ تي ايندو آهي. ان لباس ۾ هن پاڻ کي تمام غريب ۽ ٻين جي رحم تي محسوس ڪيو. ان ملازم جهڙو محسوس ڪيو جيڪو مهيني پوري ٿيڻ کان اڳ پگهار جو انتظار ڪندو آهي، پوءِ آئيني اڳيان پاتل ٽاءِ ۾ هو ڪتي جيان جيڀ ڪڍي سهڪڻ لڳو. هو وفادار ڪتو هيو ۽ فرحانا چور، ڪو ڪتي جي دل چوري ڪري تہ ڀونڪي نہ سگهندو آهي.

هن اهو لباس لاهي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪارو فل سوٽ پاتو. جنهن تي اڇي سلوري ستارن واري ٽاءِ پائي آئيني اڳيان بيٺو تہ ٺاهوڪو پئي لڳو. هن دل ۾ چيو "ها... اهو ٺيڪ آهي."

ڪاري فل سوٽ ۾ هو واقعي ئي سنو نظر اچي رهيو هيو. فل سوٽ سندس جسم کي پاڪر پائي بيٺل هيو. ان ۾ گهنج نہ هيو. ٽاءِ تجلا ڏئي رهي هئي ۽ ان پويان بيج رنگ جي قميص جڻ سينو ٻاهر ڪڍي ٽاءِ جي نمائش ڪري رهي هئي. هن هڪ دفعو وري کنڊي ڦٽي صاف ڪري مٿي تي گهمائي، هو کليو تہ سندس پاسي کان پڳل ڏند جي وٿيءَ مان وات جي اوندهہ چمڪي پئي. هن اسپيني اسڪن آئيس ڪريم سان منهن کي ليپ ڪيو. ان دٻيءَ مان جنهن تي ڳاڙهن چپن واري خماريل اکين سان عورت جو فوٽو هيو. پوڊر ڇڙڪائي هٿن سان منهن کي مهٿيو. چيلهہ جي وڪڙ جهڙي پرفيوم جي بوتل کي مٿان زور ڏئي پاڻ کي ڦوهاري سان وهنجاري ڇڏيو. هر طرف ڪمري ۾ خوشبوءِ ڦهلجي وئي.

هن آئيني اڳيان جسم جي هر حصي جو جائزو ورتو. ٽاءِ کي سُوٽي وچ تي آندو. جڏهن تيار ٿيو تہ ڪمري جا بلب بند ڪري سمهي پيو.

ان رات هن جيڪي بہ خواب ڏٺا انهن ۾ اگهاڙو هيو.

❖

# ڳروءِ ڳوٺو

هن اهو هزار جو نقلي نوٽ سازي ڇڏيو هيو پر پوءِ بہ ڪيس گمان هوندو هيو تہ ڪيسي ۾ هزار جو نقلي نوٽ پيل آهي.

ننڍي هوندي کان گناهہ جي احساس ۾ مبتلا هوندو هيو. هن کي گناهہ جو احساس وراثت ۾ مليو هيو. سندس پيءُ زال جي وفات ڪانپوءِ ان احساس هيٺ دنيا مان جلد روانو ٿي ويو تہ ان هڪ بيواهہ جي مجبوريءَ جو ناجائز فائدو ورتو هيو.

وراثت ۾ مليل گناهن جي احساس ڪري ڪيس مذهب سان لڳاءُ هيو. نماز پڙهندو هيو. روزا رکندو هيو. خيرات ۽ زڪوات ڏيندو هيو. حج جي حسرت ان ڪري دل ۾ نہ هئي جو اڪيلائي پسند هيو.

هن جي ڪٽڪ رنگي منهن تي ڪڏهن ڏاڙهي نہ هئي پر افروز جي آخري خط ڪانپوءِ ڏاڙهيءَ ڪري هن جي منهن جي رونق ائين موٽي آئي جيئن مينهن وسڻ ڪانپوءِ واريا سو.

هو هڪ وڏي آفيس جو ننڍو ڪلارڪ هيو. سندس آمدني ايتري هئي جو پنهنجو ۽ گهر ۾ رهندڙ ٻليءَ جو پيٽ پالي سگهي. گهر خالي هجي تہ اداسيءَ سان ڀريل هوندو آهي. پيءُ جي وفات ڪانپوءِ ان جو بستر ائين پيل هيو. گهنجيل چادر مٿان هڪ پاسي سريل سوڙ جيئن اهو چاڻ نماز پڙهي موٽيو. آخري ڏينهن ۾ سندس پيءُ تسبيهہ ائين پڙهندو هيو جيئن ڪيس پڪ ٿي وئي هجي تہ ڪيل گناهن ڪري عبادتن جي صلي ۾ بخشيو نہ ويو آهي ۽ تڪڙ ۾ جيترو جلد ٿي سگهي ٿوري وقت ۾ گهڻي عبادت ڪري گناهن جي احساس کان آجو ٿي سگهي. پيءَ هن لاءِ ٻن ڪمرن واري جاءِ ڇڏي, جنهن جون پٿيون ڳوڙهن سان آليون هونديون هيون. هن کي آلاڻ جو احساس ڏاڙهيءَ ڇهڻ سان بہ ٿيندو هيو. ڪيس اعتبار نہ ايندو هيو ڇو جو اکيون خشڪ هونديون هيون, هن کي خبر هئي, دل روئندي آهي تہ آڱرين تي آلاڻ جو سبب ڳوڙها نہ هوندا آهن.

ان ڏينهن هن اي ٽي ايم مان پئسا ڪڍيا ڇو جو بجليءَ جو بل ڏيڻو هيو ۽ ڪجهہ پئسا انڪري ضرورت ۾ هيا تہ نئون بوٽ وٺي پائي ان پراڻي شهر جي جهوني دوست ڏي وڃي سگهي جنهن جي شادي هئي. هن بہ سال اڳ هڪ فل سوٽ سبرايو هيو ۽ ٻن سالن ۾ اهڙن موقعن تي ٽي دفعا پاتو هيو. هاڻي اهو ڪافي هيو تہ چوٿون دفعو پائي پنجين درجي تائين ڪلاس ۾ پڙهيل دوست جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿئي. جيڪو ڇهہ دفعا هن کي فون ڪري چڪو هيو تہ جيڪڏهن شريڪ نہ ٿيندين تہ توکي ست دفعا معاف نہ ڪندس.

ڏاڍي ڪل جهڙي ڳالهہ هئي تہ هن جي پنهنجي شادي نہ ٿيل هئي, ڪيترا دفعا نماز پڙهندي ڪيس افروز ياد آئي تہ هن کان ٿهڪ نڪري ويو. جنهن لاءِ نماز ٽيجي ٻيهر وضو ڪرڻو پيو. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي, ڏک جو احساس وڏي وڃي تہ ماڻهو روئڻ جا ٿهڪ ڏيندو آهي ۽ ڪڏهن خوشيءَ جو احساس کلي روئاري وجهندو آهي. هن وٽ سڀ احساس هيا پر گناهن جو احساس آري تي ويڙهل پکيءَ جيان هيو. جنهن هينان هر احساس آٽن جيان هوندو آهي.

اي ٽي ايم کان نڪتل ٽي هزار جا نوٽ اهڙا ڪڙڪ هيا جيئن تازا پڪل پاپڙ. پاپڙ ٽيجي ڀوندو آهي پر هزار جو نوٽ ٽيجي هزار حصا ٿي سگهي ٿو. هن بجليءَ جي بل سان ٻارهن سئو ان دريءَ مان ڏنا جنهن اندر هڪ شخص ائين ويٺل هيو جيئن آخري ملاقات لاءِ ڦاهي جو منتظر جنهن کي پئسن جي ضرورت هجي. جيڪي وڪيل کي ڏئي رحم جي اپيل ڪري سگهي. دريءَ وٽ هڪ شخص ڪانپوءِ هن جو وارو آيو ۽ ٻيو شخص هن پويان بيٺل هيو. هن جڏهن هڪ هزار جو نوٽ ۽ بہ سئو جا نوٽ ڏنا تہ ٿوريءَ دير ۾ ٺپو لڳل بجليءَ جو بل واپس مليو. جڏهن هو موٽي هلڻ لڳو ۽ اجان ڏهہ قدم مس هليو هوندو تہ پويان آواز آيو "اڙي او هيڏي... ٻيهہ"

هن ڏنو ساڳيو شخص جنهن کي هن بل ڏنو هيو بئنڪ کان ٻاهر نڪري فٽ پاٿ تي ويهي هن کي سڏي رهيو هيو. هو مڙيو ۽ موٽي ان شخص وٽ آيو.

”اندر اچ“ ان چيو ”تون هزار جو نقلي نوٽ ڏنو آهي“

هو ڏوهہ جي احساس کان ايڏو تہ سنهون ٿي ويو جو بئنڪ جو ٻاهريون ڪليل سيخن وارو در جنهن مان پاسيرو ٿي اندر وڃڻو پوندو آهي، ان مان هو سڌو اندر هليو ويو. در تي بيٺل گارڊ هن کي خوني نظرن سان ڏنو جڏهن اندر پهتو تہ بئنڪ جي پوري عملي هن تي لعنت ملامت ڪئي.

”هن کي پوليس حوالي ڪيو.“ هڪ چيو

”ماڻهو شريف ٿو لڳي“ ٻئي چيو.

”ها، لڳي نہ ٿو تہ ان گروهہ جو ماڻهو آهي جيڪو شهر ۾ نقلي نوٽ ڦهلائي ٿو.“ ٽئين چيو.

”هن کان پڇو تہ سهي، هن نوٽ آندو ڪٿان؟“ مينيجر اندران شيشي مان ڳالهايو جنهن جو آواز شيشي شايد انڪري نہ روڪيو جو شيشي کي بہ يقين ٿي ويو هيو تہ هو ڏوهي آهي.

”توکي هيءُ نوٽ ڪٿان مليو؟“ هڪ سوال ڪيو.

هو گناهہ جي احساس کان ڏڪيو پئي.

”جوهر چورنگيءَ واري اي ٽي ايم مان.“ هن لرزندڙ جواب ڏنو جيڪو ٻڌي سڀ حيران ٿي ويا.

”تہ ڇا اجڪلهہ اي ٽي ايم وارن بہ نقلي نوٽ رکڻ شروع ڪيا آهن؟“ هڪ بينڪ آفيسر حيرت جو اظهار ڪندي چيو.

”ها، ڪيشئر ڪنهن کان غلطيءَ ۾ ورتو هوندو ۽ جان ڇڏائڻ لاءِ اي ٽي ايم ۾ رکي ڇڏيو هوندو.“ عملي جي هڪ شخص چيو.

هو خاموش ٻڌندو رهيو ۽ گناهہ جي احساس کان رجي پاڻي ٿي فرش تي بيٺل ماڻهن جي قدمن ۾ وهڻ لڳو.

”نوٽ ڦاڙي ڇڏيو“ هڪ شخص چيو.

”نہ، ٺپو هڻي ڪينسل ڪيو“ ٻئي شخص چيو.

سڀ سوچڻ لڳا، ٿوري دير ڪانپوءِ عملي جي هڪ شخص چيو ”هن کي نوٽ واپس ڪيو تہ جوهر چورنگيءَ جي بينڪ وارن کي شڪايت ڪري، اهي اي ٽي ايم ۾ نقلي نوٽ ڇو ٿا وجهن؟“

هن کي نوٽ واپس ڪري ٻيو نوٽ ورتو ويو هن نقلي نوٽ کي ويڙهي کيسي ۾ وڌو ۽ ذلت جي احساس کان پيشانيءَ جو پگهر اگهندو بينڪ جي در مان نڪتو تہ جوهر چورنگي نہ ويو ڇو جو هن ۾ شڪايت جي همت نہ هئي، هن جي زندگي اڪيلائي ۽ خوف ۾ گذري هئي. هن اعتماد سان ڳالهائڻ سکيو ئي نہ هيو. جوهر چورنگيءَ جي بينڪ ۾ ڏڪندڙ چنگهن سان هو ائين ڪيئن پئي چئي سگهيو تہ ”اي ٽي ايم مان نقلي نوٽ نڪتو آهي.“ هن وٽ ڪهڙو ثبوت هيو؟ هن کي اي ٽي ايم مان نقلي نوٽ ڪيندي ڪنهن ڏٺو آهي؟ بينڪ وارا ڪيس الزام هڻڻ جي ڏوهہ ۾ گارڊ کان ذليل ڪرائي پئي سگهيا. هو تيز وکون کڻندو گهر آيو ۽ ڇلهو ٻاري کيسي مان نوٽ ڪڍي ساڙي ڇڏيو.

ان ڏينهن کانپوءِ هو ڪٿي بہ هزار جو نوٽ ڏيندو هيو تہ سندس من خوف سان پرچي ويندو هيو. هن کي ڪا خبر نہ هوندي هئي تہ هو جيڪو هزار جو نوٽ ڏئي رهيو آهي، اهو ڪرو آهي يا کوٽو.

ان هزار جي نقلي نوٽ کري ۽ کوٽي جي سڃاڻ انڪري وڃائي ڇڏي هئي جو اهو ڏسڻ ۾ صفا اصلي هيو. ساڳيو ڪاغذ، ساڳيو رنگ، هڪ پاسي کان ڏور پيل ۽ اچي گول ۾ روشنيءَ اندر نظر ايندڙ جناح جي روح جي تصوير. جڏهن هن نوٽ ڪڍيا هيا تہ انهن ۾ ڪو فرق نہ هيو. ڪيس اهو سوچي حيرت ٿيندي هئي تہ بل وٺندڙ شخص اهو ڪيئن سڃاڻي ويو تہ اهو نقلي نوٽ هيو؟ کري ۽ کوٽي جي سڃاڻ رب جي ذات آهي ۽ هو ان ذات کان وانجهيل هيو. خدا کي جن ٻندن کان ڌرتيءَ تي بينڪ جي نوڪري ڪرائڻي هوندي آهي تہ اهو انهن کي اهڙي ذات ڏئي روانو ڪندو آهي. پر خدا هن کي اها ذات ڏني هئي تہ ڌرتيءَ تي وڃي گناهن کي ڪيئن محسوس ڪري سگهجي ٿو؟

گناهہ جو احساس ئي آهي جيڪو عبادت ذريعي خدا جي ويجهو وٺي وڃي ٿو. جڏهن ڏوهہ ۾ ويڙهيل انسان خدا کي ويجهو ٿئي ٿو تہ خوف جو احساس اجان بہ انکري وڌي وڃي ٿو جو خدا جي ويجهڙائي ان احساس کي وڌيڪ خوفناڪ بنائي ٿي.

ڪري ۾ ڪوٺي جي سچاڻ، سچ ۾ ڪوڙ کي الڳ ڪرڻ آهي. سچ ۾ ڪوڙ پاڻ ۾ ماٽيلا ڀائر آهن ڇو جو ٻنهي جون مائرون الڳ ۾ پيءُ ساڳيو آهي. سچ ۾ ڪوڙ ساڳي گهر ۾ رهندي هڪڙي پيءُ جا دعويدار آهن. سچ ۾ ڪوڙ جو پيءُ دنيا ۾ جيئرو آهي ۾ ٻنهي پٽن جي مرڻ جي انتظار ۾ ايڏو پوڙهو ٿي چڪو آهي جو ٽئين شاديءَ جي لائق نہ آهي، جنهن مان ڄمندڙ اولاد سچ ۾ ڪوڙ جي جاءِ والاري سگهي.

افروز بہ ائين هئي، هو ان کي سچائي نہ سگهيو. پيار ۾ نفرت ۾ ٿورو فرق آهي. جڏهن ڪو پيار ڪندو آهي تہ نفرت ڪندو آهي. ڇو جو پيار ڪرڻ ڪانسواءِ نفرت نہ ٿيندي آهي ۾ جڏهن نفرت ڪندو آهي تہ پيار ان جي دل ۾ هوندو آهي. پلا پيار دل ۾ نہ هجي تہ ماڻهو نفرت ڪيئن ڪري سگهندو؟ افروز بہ ائين هئي، جيئن نہ هئي ۾ هاڻي ائين آهي جيئن هئي، هجڻ ۾ نہ هجڻ سان ڪو فرق نہ ٿو پوي ڇو جو سچ، ڪوڙ ڪري ۾ ڪوٺي جي سچاڻ ائين آهي جيئن نہ سچاڻڻ ۾ نہ سچاڻڻ معنا صفا سچاڻڻ. افروز جي هجڻ يا نہ هجڻ سان ڪو فرق نہ ٿي پيو ڇو جو هو ان کي وساري وينو هيو. هوءَ بيوفا هئي پر ان جي بي وفائيءَ جو احساس هن لاءِ ائين هيو جيئن ان جي هر بيوفائيءَ پويان هو قصور وار هجي. ان جي وڇوڙي جو سبب هن جون ڪيل ڪوتاهيون هجن. هو ان جي بيوفائيءَ جو احساس پنهنجي کيسي ۾ هزار جي نقلي نوٽ جيان ڪٽي پٽي هليو. کيس هزار جي نوٽ کان نفرت تہ نہ هئي پر ان کي ڏسي خوف ۾ مبتلا ٿي ويندو هيو. هو چاهيندو هيو تہ هزار جو نوٽ سندس کيسي ۾ نہ هجي پر ڪنهن بہ شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هزار جي نوٽ جي ضرورت پوي ٿي. سوَن جا نوٽ هن جي گناهن جي احساس جيان اڄڪلهہ ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪيل آهن.

سبزيءَ وارو، بقالڪي وارو، گوشت وارو، هو جڏهن ڪنهن کي هزار جو نوٽ ڏئي اڳتي وڌندو هيو تہ سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي هئي جيئن کيس پڪ هجي تہ ڏنل هزار جو نوٽ نقلي آهي ۾ ان ڄاڻ سڏ ڪري کيس پريل بازار ۾ ذليل ۾ خوار ڪيو.

هن هزار جا هزارين نوٽ ڏنا پر ڪڏهن پويان سڏ نہ ٿيو. نہ ڪڏهن بقالڪي، نہ سبزيءَ واري، نہ گوشت واري ۾ نہ ڪڏهن فروٽ واري پويان سڏ ڪيو پر پوءِ بہ هو ان احساس کان گهبرايل هوندو هيو تہ سندس کيسي ۾ پيل هزار جي نوٽن مان هڪ نوٽ نقلي آهي، جنهن جي سچاڻ هن وٽ نہ آهي. هو نقلي نوٽ کي گهڻو وقت اڳ ساڙي چڪو هيو ۾ ان جي دونهي مان ايندڙ بوءِ اجان بہ سندس مغز جي حرام حصي ۾ موجود هئي.

آخر هن کي يقين اچي ويو تہ هو هزار جو نقلي نوٽ ساڙي وينو آهي. ان جي دونهي جي بوءِ هن جي ڪيل هر وضوءَ سان ڌوپجي چڪي آهي. هو هاڻي بازار مان لنگهيندو هيو تہ نقلي نوٽ جي گناهہ کانسواءِ ٻيا گناهہ ان احساس جيئن موجود هوندا هيا تہ اهي نقلي نہ آهن.

هڪ دفعي هن بازار ۾ گوشت وٺي دوڪاندار کي هزار جو نوٽ ڏنو ان بغير ڏسڻ جي نوٽ وٺي پيٽيءَ ۾ وڌو ۾ باقي پئسا ڳڻي هن کي ڏنا. هو گوشت وٺي اڳتي هليو تہ کيس پويان سڏ ٿيو. هن جا قدم رڪجي ويا، جسم ٿڌو ٿي ويو. هٿ ۾ جهليل گوشت جي ٿيلهي ڏڪڻ لڳي، هن مڙي ڏٺو اها افروز هئي، اها وڌي هن وٽ آئي ۾ پڇيائين ”تون منهنجو آخري خط پڙهيو هيو؟“

هن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو، اکين ملائڻ جي همت نہ هئي، هن جهيڻي آواز ۾ چيو ”مان هزار جو نقلي نوٽ ساڙي ڇڏيو آهي.“

پوءِ هو تيزيءَ سان بازار مان نڪري ويو.

❖

# گھڙيال

بظاهر دوست محمد خودڪشي ڪئي هئي. گولي هن ڪي سيني وٽ لڳل هئي، جيڪا پار ٿي ان وهاڻي ڪان ٽپي پلنگ ڪي ٽنگ ڪري وئي هئي جنهن ڪي ٽيڪ ڏئي ويٺل هيو.

پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ نڪتل گوليءَ جو تجزيو ڪري فارنسڪ ماهر اهو ٻڌايو هيو تہ گولي ساڳي پستول جي آهي جيڪو دوست محمد پلنگ جي پاسي ان خاني ۾ رکندو هيو جتي سندس زال جو فوٽو پيل هوندو هيو. جنهن جو موت بہ ساڳي پلنگ تي ٿيو هيو جتان دوست محمد جو لاش کڻي ايمبولنس ۾ رکيو ويو هيو.

شايد ٻنهي جي موت جو سبب ساڳيو نہ هيو پر ڇئي نہ ٿو سگهجي، هن جي زال جي موت جو سبب بہ گولي هئي جيڪا هڪ ڏاڙيل جي پستول مان نڪري سندس سينو پار ڪري وئي هئي.

هڪ سال اڳ ان ساڳي پلنگ تي جڏهن اها مڙس ساڻ ستل هئي تہ ڪاري ٻٿ واري هڪ شخص دوست محمد ڪي ننڊ مان اٿاري ڪلمو پڙهڻ جي تاڪيد ڪئي هئي.

“ڪلمو پڙهہ... اڄ تنهنجي آخري رات آهي.”

دوست محمد گهري ننڊ مان اٿي، ٿاڦوڙا هڻي عينڪ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

“پر مان ايڏو گناهگار تہ نہ آهيان.” هن وهاڻي هيٺان عينڪ ڪڍي پائيندي چيو هيو.

“تون ڪير آهين؟” هن جي زال ننڊ مان اٿي رئو مٿي تي رکي وچ ۾ ڳالهائيندي چيو هيو. “اسان تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟”

“مرڻ مارڻ لاءِ ڏوهہ ضروري نہ هوندو آهي.” ڏاڙيل چيو هيو.

عورت پوءِ التجا ڀريل آواز ۾ چيو “هن ڪي نہ مار، هيءُ بي قصور آهي.”

“ائين ممڪن نہ آهي” ڏاڙيل پستول سڌو ڪندي چيو هيو.

هن آڱر تي زور ڏئي ٽريگر دٻايو هيو. ان ڪان اڳ جو گولي پستول مان نڪري دوست محمد جو سينو پار ڪري وڃي ها، هوءَ مڙس اڳيان اچي وئي هئي، گولي ان جو سينو پار ڪري دوست محمد تائين نہ پهچي سگهي هئي، عورت جي سيني اڳيان گولي ڏاڍي ڪمزور هئي، اها سندس دل تائين محدود ٿي وئي ۽ ان جي گرمائش عورت جي رت ۾ ملي ننهن ڪان چوٽيءَ تائين ڦهلجي وئي، گولي ٿڌي ٿي وئي ۽ عورت مري چڪي هئي. دوست محمد جي زال جيڪا هن مٿان سِر گهوري قربان ٿي وئي. نڪاءَ جي آواز تي فليٽن جون بتيون روشن ٿي ويون هيون. ڏاڙيل گم ٿي چڪو هيو.

جنهن پلنگ تي زال جو لاش دوست محمد جي ٻانهن ۾ رت ڳاڙي رهيو هيو. ان پلنگ مٿان شاهہ بلوط جي ڪاٺ مان ٺهيل ڊگهي پينڊيولم واري گهڙيال ٽي ڏڪ هنيا هيا، هن زال جي ڪپهہ جهڙي لاش ڪي وهاڻي تي سمهاريو هيو ۽ اٿي مٿي چڙهي گهڙيال جو لڏندڙ پينڊيوليم بند ڪري، لاهي ان ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏيو هيو جنهن ڪٻٽ ۾ سندس زال جو اهو ڪفن رکيل هيو جيڪو هن پرسال عمري وقت ڪعبي ٻاهران آب زم زم سان ڌوتو هيو. اکين اڳيان سندس زال جو چهرو ڦري ويو هيو. هوءَ حرم ٻاهران نلڪو کولي ڪفن ڌوئي رهي هئي. سندس چپن تي مرڪ هئي.

“مري ويندس تہ منهنجي جسم مان غلاف جي خوشبوءِ ايندي.” ان چيو هيو.

موت ڪان پوءِ ان ڪي ساڳيو ڪفن ڏئي دفنائيو ويو هيو. سندس ڪفن ۾ ڳوڙهن جي خوشبوءِ هئي.

هن جي مرڻ کانپوءِ جڻ سڀ ختم ٿي چڪو هيو. اڱڻ ۾ ونگ وٽ مٿي ڪانس ڏي ويندڙ ول، پوءِ جهڙا نيرا گل ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا هيا. رنڌڻي جي هر ٿانءَ تان سندس زال جي هٿن جا نشان مٽجي چڪا هيا ۽ ڪوڪي ۾ ٽنگيل ڏوئي هوا تي پينڊيولم جيئن لڏي ڪيس چڙائيندي هئي.

هن هڪ دفعي ڏوئيءَ کي هٿ ۾ کنيو ۽ مٿي کي تي ڏڪ هنيا. محسوس ڪيو جيئرو آهي. هن ڪٻٽ کولي گهڙيال ڏٺو. اهو ننڍڙي ٻار جيان هيو. جيڪو اک ٻوٽ ڪيڏندي ان ۾ اچي لڪيو هجي. ڪيس ڏسي گهڙيال مرڪي رهيو هيو. ان اندر شيشي ۾ الڳ ٿي پاسي سان پيل پينڊيولم لٽل چڊيءَ جيان هيو ۽ ٽن تي بيٺل ڪانٽا هن کي شرارت مان اک هڻي رهيا هيا. هن نفرت مان گهڙيال جي چاٻيءَ کي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. حياتي هن جي هٿ ۾ آهي. هو چاٻي ڏئي گهڙيال کي جيئرو ڪري سگهي ٿو پر چاٻيءَ سان ماڻهوءَ کي جيئرو نہ ٿو ڪري سگهي.

دوست محمد پراڻي گهڙيال جي چاٻي کڻي پلنگ جي پاسي کان ان خاني ۾ رکي ڇڏي جتي سندس ويجهڙائيءَ ۾ ورتل پستول رکيل هيو. ست ڦيرو پستول. هر ڦيري سان هڪ ماڻهو ماريندڙ سوئر جي ڪل وارو ماڻهو سخت هڏي مان نهيل دل وارو ماڻهو. ڪجهہ ڏينهن اڳ هو نئون گهڙيال وٺي آيو. اهو سوچي تہ هن جي اوجاڳن جو سبب گهڙيال جو نہ هجڻ آهي. گهڙيال جي غير موجودگيءَ ۾ هو رات جو پينڊيولم جي لڏڻ جو آواز ٻڌندو هيو جيڪا دراصل هن جي لونڊڙيءَ جي ڏڙڪندڙ رڳ هئي.

نئين گهڙيال ڪانپوءِ ڪانس وٽ ول پوءِ جهڙا نيرا گل ڪڍيا ۽ هڪ ڏينهن ڪن ۾ سنڪ وٽ ڪليل نلڪي مان پاڻي وهڻ جو آواز اچڻ لڳو. جيڪو هن پاڻ کي اهو چئي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "اعتبار ڪر، اهو مان نہ کوليو آهي."

ڪيس خبر نہ پئي تہ ٻاهرين در پويان رکيل رات جي راڻيءَ جي ڪونڊيءَ ۾ روز مٽي آلي ڇو هوندي هئي. اڱڻ ۾ اهو گند ڪاڏي ويندو هيو جنهن ۾ بسڪوٽن جا ننڍا دٻا ۽ چانهن جي پتيءَ جون ڪلائيون شامل هونديون هيون جيڪي اتي اڇلائيندو هيو.

هو روز رات جو ٽئين بجي اٿي نئين گهڙيال کي چاٻي ڏئي پاسي واري خاني ۾ رکي ڇڏيندو هيو. سندس دل مطمئن ٿي ويندي هئي، جيئن اڌ رات جو اٿي هن اڄايل زال کي پاڻيءَ جو گلاس پيياريو هجي. پوءِ سڪون سان سمهندو هيو ۽ ڪونگهرا هڻندو هيو. خواب ۾ زال کي ڏسندو هيو جيڪا هٿن سان ڪن بند ڪري ڪاوڙ مان هن ڏانهن نهاريندي هئي.

"مونکي معاف ڪر پياري." هو چوندو هيو "انسان کي جاڳ ۾ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ننڊ ۾ تہ انهن جي اجازت هجڻ گهرجي."

هن سوچيو. جيڪر ماڻهو مري ڪونگهرا هڻي سگهي ها، خواب ڏسي سگهي ها، خوابن ۾ گهمي سگهي ها، ڪنهن جي پير ۾ ويهي سگهي ها.

هن جو ورتل نئون گهڙيال اهڙي شخص جيان هيو جڻ جنهن کي نوان ڪپڙا پاتل هجن ۽ وقت ان جي ڪيسي ۾ پيل هجي. ان گهڙيال اڳيان گهر جي هر شيءِ پراڻي نظر اچي رهي هئي. فرانس جي گلاسن وارو اهو سيٽ بہ، جن تي سندس زال جي چپن جا نشان هيا ۽ هن جي پنهنجي چپن جا نشان، اهي گلاس پراڻيون مٽجي ويل چميون هيا.

اها سياري جي رات هئي، جڏهن سامهون ڪليءَ ۾ ٽنگيل دوست محمد جو سيٽر سيءَ کان ڏڪي رهيو هيو. رات جو ٽين بجي هو گرم سوڙ مان ڪنڌ ٽائين پاتل ٽوپ سان ائين اٿي وينو جيئن مردي کي قيامت ڏينهن اٿڻ جو امر ٿيو هجي. هن هٿ هڻي عينڪ ڳولهي، جيڪا پائي پلنگ جو پاسي وارو خانو کوليو ۽ ٿاڦوڙا هڻي گهڙيال جي چاٻي ٻاهر ڪڍي، غلطيءَ سان هن کي پراڻي گهڙيال جي چاٻي هٿ اچي وئي ۽ مٿي چڙهي نئين گهڙيال کي اها ڏئي ڇڏي. هو واپس بستر ۾ سمهيو ۽ سوڙ پائي اکيون بند ڪري ڇڏيون. نئين گهڙيال جا ڪانٽا ڪجهہ دير بيهجي ويا ۽ پوءِ واپس موٽيا.

پراڻي چابيءَ نئين گهڙيال جو اسپرنگ پيچي وڌو هيو ۽ ڪانٽا پوئتي ائين ڦرڻ لڳا جيئن دوست محمد گهر جي اڱڻ ۾ الفي پائي مولانا روميءَ جي مزار آڏو رقص ۾ ڪوئجي ويو هجي. ڪانٽن جي پوئتي موٽڻ سان جڻ وقت واپس وري ويو. ڏينهن، راتيون، موسمون ۽ موسم جا پکي جيڪي ولر ڪري واپس وري ويا. هن جي بورچي خاني ۾ باهيون ٻريون، وساميون ۽ وري ٻري وسامي ويون. برياني جي خوشبوءِ، دال، آمليٽ، مڇي ۽ سبزيون. مانيءَ جي گرهه ٿهيا، چانورن جون پليٽون ڪاڏي جي ٽيبل تي داڻو داڻو ٿي چڱجي ويون. سوڙ پائي سمهيل دوست محمد محسوس ڪيو ڪبوتر جي آکيري ۾ ٻچا آنن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ آنا آري تي ويٺل ماديءَ ۾ هليا ويا.

وقت تيزيءَ سان واپس وريو. دوست محمد جوان هيو. زماني هن تي اهو قرب ڪيو جو ڏاڙهيءَ جا اڇا وار پٽيا، ڪارا رهجي ويا. هو صحتمند هيو. ڳائو گوشت کائيندو هيو ته ڪيس پيٽ ۾ سور محسوس نه ٿيندو هيو. سندس زال ڪنوار جي روپ ۾ ان ساڳي پلنگ تي موجود هئي جنهن تي ان جو موت واقع ٿيو هيو. دوست محمد کي ڪا اولاد نه ٿي. هن جي زال جڏهن ڪبٽ جو در کوليو ته اتي هڪ ٻار سمهيل هيو. هن ڪبٽ مان ٻار ڪڍي دوست محمد جي هنج ۾ سمهاريو ۽ ٻئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. پوءِ ٺهڪ سڏڪن ۾ تبديل ٿي پر هٽندا ان جاري ڪان ٻاهر نڪري ويا جتان چوڪور آسمان ائين ظاهر ٿيندو هيو جيئن ٽيبل تي رکيل ڪيڪ پيس هجي ۽ تاڙين جي وچ ۾ خوف کان ڏڪندڙ ميڻ بتين جي شعلن وچ ۾ پليٽن جو انتظار ڪندو هجي. انهن جي شاديءَ جي ستين سالگرهه جو ڪيڪ ڳپيا ڳپيا ٿي ٽيبل تان ائين گم ٿي ويو جيئن خوشين جو وجود، جيئن ٺهڪن جو انجام. دوست محمد ڏنو اڱڻ ۾ زيتونن سان جهنجهيل وڏو وڻ ننڍو ٿي زمين ۾ هليو ويو ۽ سوين زيتون اڱڻ ۾ ڦهلجي ويا. ڪچا ساوا زيتون، جن ۾ هڪ ڪانسواءِ سڀ نوريئڙو جا ٽڪيل هيا، هن اڪيلو زيتون ڪڍي بستر تي سمهيل زال کي ڏنو.

“جي نوريئڙن جا ٽڪيل توکي ڪارايان ها ته سوين نوريئڙا ڄڻين ها.” هن مرڪندي چيو “هيءُ وٺ کاءُ، گهٽ ۾ گهٽ توکي نوريئڙو ته نه ڄمندو.”

هن جي زال کلي ۽ ڪبٽ مان ٻار جي روئڻ جو آواز آيو. بستر مٿان لڳل نئين گهڙيال جو اسپرنگ پراڻي چابيءَ اهڙو ته پيچي وڌو هيو جو ان مان “گرڙ گرڙ” جا آواز اٿيا ۽ ڪانٽا اڳتي ڦري وري پوئتي ڦرڻ لڳا. انهن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هجي ته ويچارو ڪيڏانهن آهي؟ وقت کي اڳتي ڌڪڻو آهي يا پوئتي؟ يا ان کي هٿ ڏئي اهڙيءَ بس جيان بيهارڻو آهي جنهن ۾ پير پائڻ جي جاءِ نه هجي. جڻ گهڙيال جو مٿو ڦري ويو هجي ۽ وقت چريو ٿي پيو هجي. نيٺ ڪانٽا اتي پهتا جتي ان رات سندس زال جو قتل ٿيڻو هيو. خوف کان هن تي دفعا خواب ۾ ڀاڻي پيتو ۽ ست دفعا جاڳ ۾ پيشاب ڪيو. سندس دل ائين ڌڙڪي رهي هئي جيئن مٿان هلندڙ گهڙيال جي ڪانٽن کي مات ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

ان رات جڏهن هن جي زال ڪمري جو بلب بند ڪيو ته اوندهه انهن مٿان چٽ جيان ڪري پئي. جڏهن رات جا ٽي وڄڻ وارا هيا ته ساڳيو ڌاڙيل انهن اڳيان ظاهر ٿيو. ڪيس هٿ ۾ پستول هيو. پوءِ ڌاڙيل سندس زال ۽ هن جي وچ ۾ مختصر گفتگو ٿي جيڪا ڪبٽ مان ايندڙ ٻار جي روئڻ جي آواز ڪري مبهم ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ هئي.

ڌاڙيل گهوڙو چاڙهي جيئن ئي ٽريگر دٻايو ته ان کان اڳ جو زال دوست محمد اڳيان اچي سندس مٿان قربان ٿي وڃي، هن ان کي ڌڪو ڏنو. اها بچي وئي ۽ گولي هن کي سيني ۾ لڳي وهاڻو ٽپي پلنگ کان پار ٿي وئي. گوليءَ جي آواز تي آس پاس فليٽن جون بتيون روشن ٿي ويون ۽ ڌاڙيل گم ٿي ويو.

جڏهن ڪمري جو دروازو ڀڃي پوليس اندر داخل ٿي ته دوست محمد مئل حالت ۾ بستري تي موجود هيو. صوبيدار اڳتي وڌي جڏهن دوست محمد جو ست ڦيرو پستول ڪڍي کولي ڏٺو ته ان مان هڪ گولي ڪٽل هئي. پوليس پنهنجي رپورٽ ۾ خودڪشيءَ جو ڪيس داخل ڪري قصو ختم ڪري ڇڏيو.

پر ڇا واقعي ئي دوست محمد خودڪشي ڪئي هئي؟

❖

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book